جمهوري سوچ جي ترجمان
ABC CARTL
Daily AWAMI SOACH Karachi
روزاني عوامي سوچ ڪراچي
چيف ايڊيٽر: حاجي محمد حنيف ميمڻ
ايڊيٽر: سيد گل شاهه
جلد 17 | خميس 22 آڪٽوبر 2026ع بمطابق 10 جمادي الاول 1448ھ | قيمت: 20 | شمارو 11

نومبر ۾ وڏي تعداد ۾ ڊبل ڊيڪر بسون ڪراچي پهچي وينديون، ٽرانسپورٽ جو مسئلو حل ٿي ويندو: شرجيل انعام ميمڻ

ڪنهن هڪ فرد جي غلطيءَ کي پوري کاتي جي غلطي قرار ڏيڻ زيادتي هوندي. اها ساڳي سنڌ پوليس آهي، جنهن وڏا وڏا ڪيس حل ڪري ڏيکاريا آهن

ڪراچي ۾ دهشتگردي، ٽارگيٽ ڪلنگ ۽ ڀتا خوري جا واقعا ٿيندا رهيا آهن، ۽ اهڙا واقعا رڳو ڪراچي ۾ ئي نه، پر پاڪستان ۽ سڄي دنيا ۾ به ٿيندا آهن

پوليس جو فرض آهي ته شفاف جاچ ڪري ۽ ذميوارن کي سزا ڏياري. اهو ڪيس پوليس لاءِ به هڪ سبق آهي ته آئنده جلدبازي بدران مڪمل جاچ ڪئي وڃي

ڪراچي ۾ اورنج لائن جو منصوبو تيار آهي، ريڊ لائن منصوبي ۾ يونيورسٽي روڊ تي ڪم هڪ وڏو چئلينج هو. هاڻي يونيورسٽي روڊ تي شهرين کي وڌيڪ پريشانيءَ کي منهن نه ڏيڻو پئجي رهيو آهي

تنهن هوندي به غيرقانوني حد دخلين جا مسئلا موجود آهن. ريڊ لائن جو ڏکيو ۽ تڪليف ڏيندڙ ڪم مڪمل ٿي چڪو آهي، هاڻي اسٽيشنون ۽ ڊپو تعمير ڪرڻا آهن. هن چيو ته يلو لائن تي ڪم شروع ٿيڻو آهي

جام صادق پل جو ٻيو حصو به جلد مڪمل ٿي ويندو. يلو لائن تي ڪم دوران به ٽريفڪ جا ڪجهه مسئلا پيدا ٿي سگهن ٿا، جنهن تي هو شهرين کان اڳواٽ معذرت خواهه آهي

ڪراچي(رپورٽر) سنڌ جي سينيئر وزير ۽ اطلاعات، ٽرانسپورٽ ۽ ماس ٽرانزٽ واري صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو آهي ته مير رضا ڪيس ۾ جنهن جي ڪوتاهي ثابت ٿيندي، ان کي سزا ملندي. هن چيو ته سنڌ ڪابينا جي فيصلي تحت ٺئي جوڊيشل ڪميشن جوڙي وئي هئي ۽ گذريل ڏينهن سنڌ ڪابينا جي اجلاس ۾ جوڊيشل ڪميشن جي رپورٽ پيش ڪئي وئي. سنڌ جي وڏي وزير ٽن/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر20

پاڪستان سنڌ طاس معاهدي جي معطلي ۽ آبي حقن جي ڀڃڪڙي کي جنگي قدم سمجهندو: وزيراعظم

پاڪستان کي ڀارت طرفان سنڌ طاس معاهدي کي معطل ڪرڻ واري فيصلي تي سخت خدشا آهن، پاڪستان جي پاڻيءَ جي حقن جي ڀڃڪڙي کي جنگي قدم سمجهيو ويندو

وزيراعظم شهباز شريف اسلام آباد ۾ مالديپ جي صدر محمد معيزو سان ملاقات ڪئي، جنهن دوران ٻنهي ملڪن جي وفدن وچ ۾ ڳالهيون به ٿيون

پاڪستان جو موقف واضح آهي ته معاهدن جو احترام ٿيڻ گهرجي ۽ گڏيل آبي وسيلن کي سياسي دٻاءُ وجهڻ يا بليڪ ميلنگ لاءِ استعمال نه ڪرڻ گهرجي

پاڪستان مختلف عالمي فورمن تي اهو موقف پيش ڪري چڪو آهي، تازو گڏيل قومن جي جنرل اسيمبليءَ کي خطاب ڪندي به هن پاڻيءَ کي پاڪستان لاءِ ريڊ لائين قرار ڏنو هو

پاڻي خوشحالي ۽ ترقيءَ جو ذريعو آهي، ان کي ڌمڪين يا تڪرارن لاءِ استعمال نه ڪرڻ گهرجي پاڻي انسانيت لاءِ نهايت ضروري آهي

خاص طور انهن ملڪن لاءِ جيڪي دريائن جي هيٺين وهڪري وارن علائقن ۾ آهن ڀارت گذريل سال اپريل ۾ پهلگام حملي ڪانپوءِ سنڌ طاس معاهدي کي معطل ڪرڻ جو اعلان ڪيو هو

اسلام آباد (بيورو) وزيراعظم شهباز شريف چيو آهي ته پاڪستان کي ڀارت طرفان سنڌ طاس معاهدي کي معطل ڪرڻ واري فيصلي تي سخت خدشا آهن. جڏهن ته پاڪستان جي پاڻيءَ جي حقن جي ڀڃڪڙي کي جنگي قدم سمجهيو ويندو. پرڏيهي خبرن جي رپورٽ موجب، وزيراعظم شهباز شريف اسلام آباد ۾ مالديپ جي صدر محمد معيزو سان ملاقات ڪئي، جنهن دوران ٻنهي ملڪن جي وفدن وچ ۾ ڳ/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر1

اسلام آباد: وزيراعظم شهباز شريف پريس ڪانفرنس ڪري رهيو آهي

پاڪستان ۽ مالديپ وچ ۾ مختلف شعبن ۾ مفاهمتي يادداشتن تي صحيحون

پاڪستان مالديپ سان پنهنجي لاڳاپن کي انتهائي اهميت ڏئي ٿو، ٻنهي ملڪن جي وچ ۾ پائيدار ۽ دوستانا لاڳاپا قائم آهن : شهباز شريف

اسلامڪ يونيورسٽي طرفان ڊاڪٽريٽ جي اعزازي ڊگري تي صدر محمد معيزو کي مبارڪباد

مالديپ جي صدر سان خوشگوار ملاقات ٿي. واپاري حجم ۾ اضافي لاءِ ڪوشش کي تيز ڪنداسين

اسلام آباد (بيورو) وزيراعظم هائوس ۾ ڪونايل تقريب ۾ پاڪستان ۽ مالديپ جي وچ ۾ مختلف/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر2

حڪومت موٽرويز سميت مختلف منصوبن کي پبلڪ پرائيويٽ پارٽنرشپ جي تحت مڪمل ڪرڻ تي غور شروع

نيشنل هاءِ وي اٿارٽي جا موٽرويز سميت مختلف منصوبا پبلڪ پرائيويٽ پارٽنرشپ جي تحت مڪمل ڪرڻ تي غور ڪيو پيو وڃي: عبدالعليم خان

وفاقي وزير مواصلات عبدالعليم خان جي صدارت هيٺ وزيراعظم جي نجڪاري بابت صلاحڪار محمد علي سان گڏ اهم اجلاس ٿيو

اسلام آباد (بيورو) حڪومت موٽرويز سميت مختلف منصوبن کي پبلڪ پرائيويٽ پارٽنر شپ جي /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر3

اسلام آباد: وفاقي وزير احد چيمہ سان برٽش هاءِ ڪمشنر ملاقات ڪندي

گورنر راڄ ۽ ايمرجنسي خلاف درخواستن تي حڪم نامو جاري

سمورن ڌرين کي 14 ڏينهن اندر جواب جمع ڪرائڻ جي هدايت ڪئي

پشاور (م ڊ) پشاور هاءِ ڪورٽ خيبر پختونخوا ۾ گورنر راڄ ۽ ايمرجنسي لاڳو ڪرڻ خلاف داخل درخواستن تي گذريل ٻڌڻيءَ جو لکت ۾ حڪم نامو /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر19

صوبائي وزير سيد رياض حسين شاهه شيرازي جي صدارت هيٺ صوبائي پيغامِ امن ڪميٽيءَ جو اجلاس، صلاح مشورا

جنهن ۾ صوبي اندر امن امان جي صورتحال، مذهبي هم آهنگي ۽ مختلف مذهبن توڙي مسلڪن وچ ۾ رواداريءَ کي هٿي وٺرائڻ بابت معاملن تي خيالن جي ڏي وٺ

اجلاس ۾ سيڪريٽري اوقاف آغا فاخر حسين، اسپيشل سيڪريٽري سيد عطا الله شاهه، چيف ايڊمنسٽريٽر اوقاف حيدرآباد مختيار علي ابڙو ۽ ڊائريڪٽر مذهبي معاملن شوڪت علي اڄن موجود هئا

مختلف مذهبن ۽ مڪتبہ فڪر وچ ۾ باهمي احترام ۽ رواداريءَ کي مضبوط بڻائڻ بابت پنهنجن خيالن جو اظهار

ٺٽو(رپورٽ واحدشورو)صوبائي وزير سيد رياض حسين شاهه شيرازي جي صدارت هيٺ صوبائي پيغامِ امن ڪميٽيءَ جو اجلاس، بين المذاهب هم آهنگي ۽ امن امان جي معاملن تي صلاح مشورا سنڌ جي اوقاف، مذهبي معاملن، زڪوات ۽ عشر واري صوبائي وزير سيد رياض حسين شاهه شيرازي جي صدارت هيٺ صوبائي پيغامِ امن /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر18

اسلام آباد ۾ مقامي چونڊون 2015 ع واري قانون تحت ڪرائڻ جو حڪم

ائين لڳي ٿو ته حڪومت اسلام آباد ۾ مقامي چونڊون ڪرائڻ نٿي چاهي. آئين ۾ واضح آهي ته مقامي چونڊون لاڳاپيل قانون موجب ٿيڻ گهرجن : چيف اليڪشن ڪمشنر

وفاقي گادي واري شهر ۾ آخري مقامي چونڊون 2015 ع ۾ ٿيون هيون، چونڊيل مقامي حڪومت جو مدو 14 فيبروري 2021 ع تي ختم ٿي ويو هو

مقامي حڪومت جو مدو پورو ٿيڻ ڪانپوءِ 120 ڏينهن اندر نيون چونڊون ڪرائڻيون هيون، پر قانون ۾ بار بار تبديلين ۽ انتظامي مسئلن سبب چونڊ عمل تعطل جو شڪار رهيو

اسلام آباد (بيورو) اليڪشن ڪميشن وفاقي گادي واري شهر اسلام آباد ۾ لوڪل گورنمينٽ ايڪٽ 2015 ع تحت مقامي چونڊون ڪرائڻ جو حڪم ڏيندي چونڊ شيڊول اڄ ئي جاري ڪرڻ جو اعلان ڪري ڇڏيو اسلام آباد ۾ مقامي چونڊن/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر5

فرانس ۾ مهانگائي، بيروزگاري خلاف احتجاج جاري، ڪيترن ئي شهرن ۾ ڪرفيو لاڳو، 2400 ڄڻا گرفتار

فرانس ۾ سيپٽمبر جي وچ ۾ پيرس جي اترين ڏورا هين علائقن ۾ شاگردن استادن جي کوٽ ۽ اسڪولن جي ناقص عمارتن خلاف احتجاج شروع ڪيو

جيڪو بعد ۾ مهانگائي، تيل جي وڌندڙ قيمتن ۽ عوامي خدمتن جي خراب صورتحال خلاف ملڪ گير مظاهرن ۾ تبديل ٿي ويو

پليس دي لاريپبلڪ، جتي چنچر جي اختتام تي مظاهرين جمع ٿيا هئا اتي رات 11 وڳي کان صبح 6 وڳي تائين ڪرفيو لاڳو رهندو

پيرس (م ڊ) فرانس ۾ مهانگائي، بيروزگاري، تعليمي سهولتن جي کوٽ، خلاف احتجاج جو سلسلو جاري آهي، پرتشدد هنگامن ۽ ڦرمار جي واقعن تي ڪنٽرول ڪرڻ لاءِ پيرس جي مختلف علائقن ۽ ٻين شهرن جي ڪجهه حصن ۾ رات جي وقت ڪرفيو لاڳو ڪيو ويو. جڏهن ته ڀڃ ڊاهه ۾ ملوث 2400 ڄڻن کي گرفتار ڪيو ويو آهي.فرانس ۾ سيپٽمبر جي وچ ۾ پيرس جي اترين /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر6

اسلام آباد سپر لانگ مارچ 23 آڪٽوبر کان شروع ٿي ويندو: جماعت اسلامي

جماعت اسلامي امير جي لانگ مارچ جي ٽئين مرحلي جي شروعات ملڪ گير احتجاج جو سڌ وقتائتو قدم آهي

راڻا ثناءُالله ۽ احسن اقبال تجويز ڪيو هو ته وزيراعظم شهباز شريف جي جماعت اسلامي جي امير حافظ نعيم الرحمان سان ملاقات کان اڳ ڳالهين واري ڪميٽين جا نمائندا ويهندا

اڃان تائين حڪومتي ڳالهين واري ڪميٽي طرفان معاملي ۾ اڳڀرائي جي ڪابہ اطلاع نہ آهي :لياقت بلوچ

جماعت اسلامي پيٽرول تي في ليٽر ليوي پٽي جي خاتمي سان عوام کي رليف ڏيارڻ جي جدوجهد ڪري رهي آهي

لاهور (م ڊ) جماعت اسلامي پاڪستان جي نائب امير لياقت بلوچ چيو آهي ته 23 آڪٽوبر تي اسلام آباد سپر لانگ مارچ جي ٽئين مرحلي جي شروعات ٿي ويندي. لياقت بلوچ پنهنجي بيان ۾ چيو آهي ته جماعت اسلامي امير جي لانگ م /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر7

ٽل: جهيڙي دوران 25 ورهين جو نوجوان قتل، 1 ڄڻو گرفتار

ٽل (رپورٽر) ٽل جي اي سيڪشن ٿاڻي جي حد، در محمد نوناري واري علائقي ۾ مبينا جهيڙي /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر8

گهارو: موبائل وٺي نہ ڏيڻ تان پٽ هٿان پيرسن پيءُ قتل

گهارو (رپورٽر) گهارو ويجهو خانيا محلي ۾ موبائيل فون وٺي نہ ڏيڻ تان 12 ورهين جي پٽ م/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر9

ٺٽي ۾ موبائل فون وٺي نہ ڏيڻ تي 14 سالن پٽ مبينا طور ڇري جا وار ڪري پنهنجي 58 سالن پيءُ کي قتل ڪري ڇڏيو ۽ فرار

ٺٽو(م ڊ)ٺٽي ۾ موبائل فون وٺي نہ ڏيڻ تي 14 سالن پٽ مبينا طور ڇري جا وار ڪري پنهن/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر10

ڪراچي: ايڊيشنل آءِ جي ڪراچي آزاد خان جمالي تقريب کي خطاب ڪندي

اسٽاڪ مارڪيٽ ۾ ڪاروبار جي مثبت شروعات

جتي 100 انڊيڪس ۾ 881 پوائنٽن جي واڌ رڪارڊ ڪئي وئي

ڪاروبار جي شروعات تي انڊيڪس 881 پوائنٽون وڌڻ ڪانپوءِ هڪ لک 66 هزار پوائنٽن جي سطح تي پهچي ويو

ڪراچي (رپورٽر) پاڪستان اسٽاڪ ايڪسچينج ۾ ڪاروباري هفتي جي ٽئين ڏينهن واپار جي شروعات مثبت لاڙي سان ٿي. جتي 100 انڊيڪ/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر11

صوبو تيل، گيس ۽ معدنيات سان مالا مال آهي: گورنر ڪي پي ڪي

حددخلين جي خلاف آپريشن تي ڪنهن بہ قسم جو سمجهوتو نہ ڪنداسين، صفائي مهم شروع ڪئي آهي، اسان جو مقصد صوبي کي صاف سٿرو بڻائڻ آهي

اضا خيل گودام ۾ ڪٽڪ جي حوالي سان مون کي رپورٽ ملي وئي آهي، جنهن بہ قسم جي غلطي ٿي انهي جي سزا ذميوار پوڳيندا

اسان جو صوبو تيل، گيس، معدنيات، تمباڪو، بجلي ۽ ٻين وسيلن سان مالا مال آهي، صوبي جي خوشحالي لاءِ اسان انهن وسيلن مان فائدو کڻنداسين

پشاور (م ڊ) خيبرپختونخواهه جي گورنر فيصل ڪريم ڪنڊي چيو آهي ته اسان جو صوبو معدنيات سان مالا مال آهي ۽ اسان انهي جي وسيلن مان فائدو کڻنداسين. پشاور ۾ صحافين سان ڳالهيون ڪندي فيصل ڪريم ڪنڊي چيو تہ حددخلين/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر12

پنجاب ۾ جاسوسي لاءِ استعمال ٿيندڙ اوزارن تي پابندي لاڳو، نوٽيفڪيشن جاري

پابندي 30 ڏينهن لاءِ ڳجهي طور تي تصويرون، وڊيو ۽ آواز رڪارڊ ڪندڙ اوزارن تي هوندي

ڳجهن ڪيمرائن واري عينڪ، پين، ڪي چين وغيره جي استعمال دڪانن ۽ آن لائن خريد، وڪرو تي پابندي هوندي

لاهور (م ڊ) پنجاب حڪومت جاسوسي لاءِ استعمال ٿيندڙ اوزارن تي پابندي لڳائي ڇڏي آهي. پنجاب حڪومت طرفان جاسوسي لاءِ استعم/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر17

ٿرپارڪر ۾ رينجرز جي فري ميڊيڪل ڪيمپ ۾ سوين مريضن جو معائنو ڪيو ويو

پاڪستان رينجرز (سنڌ) ۽ ابتڪار راهه روشن اين جي او جي اشتراڪ سان مفت ميڊيڪل ڪيمپ منعقد ڪئي وئي

ڪيمپ ۾ پاڪستان رينجرز (سنڌ) ۽ اين جي او جي ماهر ڊاڪٽرن ۽ طبي عملي خدمتون سرانجام ڏنيون

ٿرپارڪر (رپورٽر) ٿرپارڪر ۾ رينجرز جي فري ميڊيڪل ڪيمپ ۾ سوين مريضن جو معائنو ڪيو ويو ۽ دوائون بہ مفت فراهم ڪيون ويون/ ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر16

لائبا اعجاز خودڪشي ڪيس جو جوابدار پوليس مقابلي ۾ مارجي ويو

پوليس جي حراست ۾ موجود جوابدار زمنا ٿاڻي جي حدن اندر پوليس ٽيم تي فائرنگ دوران مارجي ويو

پوليس ٽيم جوابدار جي نشاندهي ۽ ٻڌايل هنڌ تي سندس جاڙ موجب ڪٽي بازيابي لاءِ ڪيس وٺي وڃي رهي هئي

اسلام آباد(بيورو) پوليس ترجمان موجب انٽرنيشنل اسلامڪ يونيورسٽي اسلام آباد جي شاگرديائي لائبہ کي آمريڪي ويزا جي نالي تي مبينا ط/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر15

سياري ۾ ايل اين جي جا 18 ڪارگو خريد ڪرڻ جو هدف

ملڪ ۾ سوئي ناردرن ۽ سوئي سدرن وٽ مجموعي طور مقامي گئس جي دستيابي هڪ ارب 40 ڪروڙ مڪعب فوٽ آهي

سياري ۾ رڳو پنجاب جي گئس جي گهرج هڪ ارب مڪعب فوٽ تائين پهچڻ جو خدشو آهي

ڪراچي (رپورٽر) سياري دوران گئس جي ضرورت پوري ڪرڻ لاءِ ايل اين جي جا 18 ڪارگو خريد ڪرڻ جو هدف مقرر ڪيو ويو آهي، پيٽرولي/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر14

ايف آءِ اي ڪراچيءَ ۾ ڪارروائي، ڊاڪٽر عابد شاهه سميت ٽن آفيسرن کي گرفتار ڪري ورتو

حج ۽ عمري جي زائرين لاءِ سستي ويڪسين مهانگن ريٽن تي خريد ڪئي وئي

گرفتار آفيسرن کي ڪراچيءَ مان اسلام آباد منتقل ڪيو پيو وڃي، جتي سندن خلاف ڪيس داخل ڪيو ويندو

اسلام آباد(بيورو) حج ۽ عمري جي زائرين لاءِ ويڪسين جي خريداريءَ ۾ مبينا بي ضابطگين جي معاملي تي وفاقي تحقيقاتي اداري (ايف آءِ اي) /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر13

ڪراچي: سيڪريٽري رانديون سنڌ منور علي مهيسر ڪرڪيٽ ٽيمن کي بريفنگ ڏيندي

هڪ واقعي ۾ صورتحال جي سنگينيءَ کي ڀانپيندي فوري طور ڇوڪريءَ کي لهرن مان ٻاهر ڪڍي ورتو عورت مريم جي دعويٰ

اسلام آباد (بيورو)سوشل ميڊيا تي وائرل ٿيل هڪ وڊيو ۾ سمنڊ جي ڪناري تي وڊيو ٺاهڻ ۾ مصروف/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر21

بلاول ڀٽو جو پ پ سٽي ميل جي صدر الهوسايو لنڊ جي وفات تي ڏاڍو ڏک ۽ افسوس جو اظهار

ڪراچي (رپورٽر) پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري پارٽي اڳواڻ عبدالغن/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر22

ڪراچي: وزيراعلي سنڌ مراد علي شاهه اجلاس جي صدارت ڪندي

پاڪستان ايران سان برآمدات لاءِ سرحد کولي ڇڏي

بلوچستان جي سرحدي ضلعن ڪيچ ۽ چاغي جي ٻن سرڪاري اهلڪارن نالو ظاهر نہ ڪرڻ جي شرط تي تصديق ڪئي

سرحد برآمدات لاءِ عارضي طور کوليو ويو آهي، پر ان حوالي سان سرڪاري سطح تي ڪو نوٽيفڪيشن جاري ناهي ٿيو

ڪوئيٽا (م ڊ) پاڪستان جي بلوچستان صوبي مان ا/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر23

راجنپور ۾ مسافر بس حادثي جو شڪار، 10 ڄڻا فوت، 32 مسافر زخمي

حادثي جي اطلاع ملندي ئي امدادي ٽيمون واقعي واري هنڌ پهچي ويون

فوت ٿي ويل ماڻهن جا لاش ۽ زخمين کي منتقل ڪرڻ جي لاءِ امدادي ڪارروايون شروع ڪيون ويون

راجنپور (م ڊ) انڊس هاءِ وي تي بنگلہ هدايت جي پرسان ڪراچي کان ديره غازي خان ويندڙ مسافر بس ڊيوائيڊر سان ٽڪرائجي ڪلٽي ٿي پئي، حادثي/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر25

ٻار کي ڪار هيٺان چيڀاٽيندڙ جوابدار پوليس مقابلي ۾ مارجي ويو

ملتان (م ڊ) ملتان ۾ يتيم ٻار کي ڪار هيٺان چيڀاٽي مارينڌڙ جوابدار توقير پوليس مقابلي ۾ مارجي و/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر24

پرڏيهي وزيراسحاق ڊار سان مالديپ جي صدر جي ملاقات، مختلف شعبن ۾ تعاون وڌائڻ تي اتفاق

اسحاق ڊار صدر مملڪت ۽ وزيراعظم طرفان مالديپ جي صدر ڏانهن نيڪ خواهشن جا پيغام پهچايا

ملاقات دوران ٻنهي ملڪن جي وچ ۾ واپار، سيڙپڪاري، تعليم، موسمياتي تبديلي ۽ سياحت ۾ تعاون وڌائڻ تي اتفاق ڪيو ويو

اسلام آباد (بيورو) پرڏيهي وزيراسحاق ڊار سان مالدي/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر26

اسلام آباد: نائب وزيراعظم اسحاق ڊار سان مالديپ جو صدر ملاقات ڪندي

سنڌ حڪومت جو وڏو قدم، ٻن ڏينهن وارو ويمينز ڪرڪيٽ ڪپ ڪراچي ۾ شروع

رانديون واري کاتي جي سيڪريٽري منور علي مهيسر ۽ رانديون جي ڊائريڪٽر ڊاڪٽر اسد اسحاق ايونٽ جو افتتاح

افتتاحي تقريب ۾ ڪاليجز جي ڊائريڪٽر گلاب راءِ، ضلع وسطي جي ڊي ايس او حاجرا نواب، اسڪولن، ڪاليجن ۽ يونيورسٽين جي نمائندن سميت ٻين لاڳاپيل شخصيتن شرڪت

وسطي، ڪورنگي، مليرَ ۽ ڪياماڙي) سان تعلق رکندڙ 16 عورتن جي ٽيمن جا 300 رانديگرهن ڪرڪيٽ ڪپ ۾ حصو وٺي رهيا آهن

ڪراچي(رپورٽر) پنڪتوبر هفتي تحت سنڌ حڪومت جي رانديون ۽ نوجوانن جي معاملن واري کاتي جي زير اهتمام ٻن ڏينهن وارو ويمينز ڪرڪيٽ ڪپ 2026 ڪراچي ۾ شروع ٿي ويو آهي. رانديون واري کاتي جي سيڪريٽري منور عل/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر28

وفاقي آئيني عدالت انسداد دهشتگردي عدالت نمبر 4 ڪراچي جي جج کي بحال ڪري ڇڏيو

وفاقي آئيني عدالت انسداد دهشتگردي عدالتن جي ججن کي مقرر مدي کان اڳ عهدي تان هٽائڻ جو حڪومتي نوٽيفڪيشن غير قانوني قرار ڏئي ڇڏيو

ان بابت سنڌ هاءِ ڪورٽ جو فيصلو ڪالعدم ڪري ڇڏيو سنڌ هاءِ ڪورٽ جي فيصلي کي ڪالعدم قرار

نئين مقرر ڪيل ڄمار جي حد جو اطلاق ان جي نفاذ کان اڳ هڪ مقرر مدي لاءِ ڪيل مقررين تي ٿئي ٿو

اسلام آباد (بيورو) وفاقي آئيني عدالت انسداد دهشتگردي عدالت نمبر 4 ڪراچي جي جج کي بحال ڪري ڇڏيو آهي. جنهن کي انسداد دهشتگردي (سنڌ ترميمي) ايڪٽ 2025 ع ڪانپوءِ ڊي نوٽيفاءِ ڪيو ويو هو وفاقي آئيني عدالت /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر29

آئيني عدالتن جي ڪارڪردگي بهتر بڻائڻ ۽ عدالتي معاملن کي جديد گهرجن سان هم آهنگ ڪرڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪري سگهي ٿو: چيف جسٽس

ترڪ دنيا جي آئيني عدالتن جي عالمي تنظيم جولاءِ 2026 ع ۾ وفاقي آئيني عدالت پاڪستان جي مبصر جو درجو ڏنو هو

جنهن ڪانپوءِ چيف جسٽس امين الدين خان کي ان اجلاس ۾ شرڪت جي خاص دعوت ڏني وئي

اجلاس جي پڄاڻي تي چيف جسٽس، جسٽس امين الدين خان شرڪت ڪندڙن ۾ يادگاري شيلڊز ۽ پاڪستاني ثقافت جي عڪاسي ڪندڙ تحفا ورهايا

هن آذربائيجان جي آئيني عدالت جي چيئرمين ڊاڪٽر فرهاد عبدالله کي پاڪستان جي دوري جي دعوت بہ ڏني

باڪو (م ڊ) وفاقي آئيني عدالت جي چيف جسٽس، جسٽس امين الدين خان چيو آهي تہ مصنوعي ذهانت جو موثر استعمال آئيني عدالتن جي ڪارڪردگي بهتر بڻائڻ ۽ عدالتي معاملن کي جديد گهرجن سان هم آهنگ ڪرڻ ۾ اهم ڪر/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر30

باڪو: وفاقي آئيني عدالت جي چيف جسٽس، جسٽس امين الدين خان اجلاس جي صدارت ڪندي

مال خاني مان گم ٿيل 22 تولا سون هٿ ڪرڻ جي دعويٰ

نوابشاهه(رپورٽر)اي سيڪشن ٿاڻي جي مال خاني مان گم ٿيل 22 تولا سون هٿ ڪرڻ جي/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر31

ملتان ۾ نوجوان کي قتل ڪندڙ جوابدار مقابلي ۾ مارجي ويو

لاهور(م ڊ)ملتان ۾ 14 ورهين جي ڇوڪري کي گاڏي هيٺان چيڀاٽي مارڻ جي الزام هيٺ آيل جوابدار بهاولپور ۾ اربع جي صبح سوير ڪرائم /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر32

ڪراچي: ٻن ڏينهن دوران ايل پي جي 150 رپيا في ڪلو مهانگي

جنهن ڪانپوءِ قيمت 550 رپين مان وڌي 600 رپيا في ڪلو ٿي وئي آهي

(اوگرا) آڪٽوبر 2026 ع لاءِ ايل پي جي جي سرڪاري قيمت 279 رپيا 34 پئسا في ڪلو مقرر ڪئي

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي ۾ رڳو ٻن ڏينهن اندر ايل پي جي اگهہ ۾ 150 رپيا في ڪلو واڌ ٿي وئي. جنهن ڪانپوءِ قيمت 550 رپين مان وڌي/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر34

عالمي سائبر سيڪيورٽي ڪمپني ڪيسپرسڪي بارڪوڊ اسڪينرز جي هڪ مشهور ماڊل ۾ سيڪيورٽي خامين جو انڪشاف

اسلام آباد (بيورو)عالمي سائبر سيڪيورٽي ڪمپني ڪيسپرسڪي بارڪوڊ اسڪينرز جي ه/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر33

84انچ قطر جي پاڻي جي مين لائين جي ايئروالو جي مرمت مڪمل، متاثر علائقن ۾ پاڻي جي فراهمي بحال

گذريل شام عزيز ڀٽي پارڪ پرسان پاڻي جي مين لائين جو ايئر والو ليڪ ٿي ويو هو، جنهن جي اطلاع ملندي ئي مرمتي ڪم شروع ڪيو ويو

مرمت مڪمل ٿيڻ ڪانپوءِ صفورا، جناح، لياري، صدر، ڪلفٽن، بلديا ۽ ڪياماڙي سميت متاثر علائقن ۾ پاڻي جي فراهمي بحال ڪئي وئي

واٽر ڪارپوريشن شهرين کي پاڻي جي فراهمي دوران پيش ايندڙ ڏکيائين کي گهٽائڻ ۽ پاڻي جي لائينن ۾ خرابين جي بروقت مرمت کي يقيني بڻائڻ لاءِ ڪوششون جاري رکي رهيو آهي

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي واٽر اينڊ سيوريج ڪارپوريشن گلشن اقبال ۾ عزيز ڀٽي پارڪ پرسان 84 انچ قطر جي پاڻي جي مين لائين جي ليڪ ٿيل ايئر والو جي مرمت مڪمل ڪري ورتي آهي. جنهن ڪانپوءِ متاثر علائقن ۾ پاڻي جي فراهمي/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر35

جمهوري سوچ جي ترجمان
Daily
AWAMI SOACH
Karachi
روزاني
عوامي سوچ
ڪراچي
چيف ايگزيڪيوٽو : سيد شفقت حسين شاهه شيرازي
خميس 22 آڪٽوبر 2026 ع بمطابق 10 جمادي الاول 1448ھ

سنڌ ۾ حڪومتي فيصلن کي عوامي بهتريءَ ۾ تبديل ڪرڻ جو امتحان

سنڌ ڪابينا جي تازي اجلاس ۾ مير رضا علي انڪوائري ڪميشن جي رپورٽ عوام آڏو آڻڻ، سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن ۾ سڌارا ڪرڻ، ڪراچيءَ ۾ پراپرٽي ٽيڪس جي وصولي وڌائڻ، ٻوڏ متاثرن جا گهر ٻيهر تعمير ڪرڻ، صحت جي سهولتن کي بهتر بڻائڻ ۽ سرڪاري زمينن جي انتظام کي شفاف ڪرڻ سميت ڪيترائي اهم فيصلا ڪيا ويا آهن. انهن فيصلن مان ظاهر ٿئي ٿو ته صوبي کي هڪ ئي وقت ڪيترن ئي انتظامي، معاشي ۽ سماجي چئلينجن کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي. هاڻي اصل سوال اهو آهي ته انهن اعلانن ۽ منظورين تي ڪيتري سنجيدگيءَ سان عمل ٿئي ٿو ۽ عام ماڻهوءَ جي زندگيءَ ۾ ڪهڙي حقيقي تبديلي اچي ٿي. سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه جي صدارت هيٺ ٿيل اجلاس ۾ ڪيل فيصلن کي رڳو سرڪاري ڪارروائيءَ جو حصو سمجهڻ بدران عوامي مفادن، ادارتي ذميوارين ۽ حڪومتي ڪارڪردگيءَ جي معيار تي پرکڻ ضروري آهي. مير رضا علي انڪوائري ڪميشن جي رپورٽ کي عوام آڏو پڌرو ڪرڻ جو فيصلو شفافيت ۽ احتساب جي حوالي سان اهميت رکي ٿو. رپورٽ ستن الڳ الڳ لفافن ۾ جمع ڪرائي وئي هئي ۽ ڪابينا ان کي گهرو کاتي جي ويب سائيٽ تي شايع ڪرڻ سان گڏ متاثر خاندان کي ان جي ڪاپي فراهم ڪرڻ جي هدايت ڪئي. وڏي وزير جي سربراهيءَ ۾ صوبائي وزيرن ضياءُ الحسن لنجار، سيد ناصر حسين شاهه، سعيد غني ۽ ايڊووڪيٽ جنرل سنڌ تي ٻڌل ڪميٽي جوڙڻ جو مقصد به رپورٽ جي نتيجن جو جائزو وٺي اڳتي جي ڪارروائيءَ بابت سفارشون تيار ڪرڻ آهي. پر ڪنهن به انڪوائريءَ جي اصل اهميت رڳو رپورٽ شايع ڪرڻ ۾ نه، پر ان جي نتيجن تي قانون موجب عمل ڪرڻ ۾ هوندي آهي. جيڪڏهن رپورٽ ۾ انتظامي غلطين، ذميوارين کان غفلت يا قانوني پيچيدگيون سامهون اچن ٿيون ته انهن بابت واضح موقف، مناسب قانوني ڪارروائي ۽ عملدرآمد جي صورتحال عوام آڏو اچڻ گهرجي. احتساب جو عمل بنا فرق، دٻاءَ ۽ ذاتي مفادن کان آزاد هئڻ گهرجي، ڇاڪاڻ ته شفافيت تي عوام جو اعتماد حڪومتي ادارن جي ساک لاءِ بنيادي اهميت رکي ٿو. سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن جي امتحاني ۽ ڀرتيءَ واري نظام ۾ منظور ڪيل سڌارا پڻ نوجوانن جي مستقبل سان لاڳاپيل آهن. گڏيل مقابلي واري امتحان لاءِ عمر جي مقرر حد 30 مان وڌائي 33 سال ڪرڻ، امتحان ۾ ويهڻ جي اجازت ڏنل ڪوشش جو تعداد ٽن مان وڌائي پنج ڪرڻ ۽ سي سي اي 2026 لاءِ اسڪريننگ ٽيسٽ جو گهربل حد 40 سيڪڙو مان گهٽائي 33 سيڪڙو ڪرڻ جا فيصلا اميدوارن لاءِ موقعن جي دائري کي وڌائي سگهن ٿا. هڪ پيپر وارن امتحانن ۾ ڪمپيوٽر ذريعي امتحان وٺڻ ۽ نتيجا فوري طور ڇاپي ڏيڻ جي تجويز به ڀرتيءَ جي عمل ۾ شفافيت ۽ وقت جي بچت لاءِ مددگار ٿي سگهي ٿي. پر امتحاني نظام ۾ سڌارن جي ڪاميابيءَ لاءِ رڳو عمر جي حد، ڪوشش جي تعداد يا پاسنگ مارڪن ۾ تبديلي ڪافي ناهي. سوالن جي معيار، امتحاني مرڪزن جي انتظام، نتيجن جي درستگي، انٽرويو جي شفافيت ۽ شڪايتن جي غيرجانبدار جاچ کي پڻ يقيني بڻائڻو پوندو. احتجاج ڪندڙ اميدوارن خلاف انتقامي ڪارروائيءَ کان تحفظ ۽ انٽرويو دوران مبينا طور نشانو بڻائڻ جي الزامن جو جائزو وٺڻ به اهم آهي. سنڌ جي نوجوانن کي اهڙو نظام ملڻ گهرجي، جنهن ۾ سفارش بدران قابليت، اثر رسوخ بدران ميرٽ ۽ غيريقينيءَ بدران شفاف طريقيڪار کي بنياد بڻايو وڃي. ڪراچيءَ جي 25 ٽائون ميونسپل ڪارپوريشنن ۾ پراپرٽي ٽيڪس جي وصولي 2.3 ارب رپين مان وڌائي 25.5 ارب رپين تائين پهچائڻ جو هدف پڻ وڏي اهميت رکي ٿو. عالمي بئنڪ جي سهڪار سان هلندڙ سنڌ پراپرٽي روينيو اينهانسمينٽ پروگرام لاءِ 150 ملين ڊالرن جي مالي سهڪار، مقامي ڪائونسلن جي انتظامي صلاحيت وڌائڻ ۽ مالي انتظام جو گڏيل نظام متعارف ڪرائڻ جا منصوبا مقامي حڪومتن جي آمدنيءَ ۾ واڌ آڻي سگهن ٿا. پر ٽيڪس جي وصوليءَ ۾ واڌ جو مقصد صرف سرڪاري خزاني ۾ وڌيڪ رقم گڏ ڪرڻ نه هجڻ گهرجي، بلڪ ان جي بدلي شهرين کي بهتر صفائي، نيڪال، روڊن جي سار سنڀال، اسٽريٽ لائٽس، پارڪن ۽ ٻين بنيادي شهري سهولتن جي فراهميءَ ۾ بهتري نظر اچڻ گهرجي. پراپرٽي ٽيڪس جي تشخيص ۽ وصوليءَ جو عمل شفاف، منصفاڻو ۽ قانون موجب هجڻ ضروري آهي، جيئن عام شهرين تي غيرضروري بار نه پوي ۽ بااثر ماڻهن کي ڇوٽ ڏيڻ جا امڪان ختم ٿين. حڪومت کي وصول ٿيندڙ ٽيڪس ۽ ان جي خرچن جا تفصيل عوام آڏو رکڻ گهرجن، ڇاڪاڻ ته ٽيڪس ڏيندڙ ماڻهوءَ کي پنهنجي رقم جي استعمال بابت ڄاڻ حاصل ڪرڻ جو حق آهي. سنڌ جي ٻوڏ متاثرن لاءِ يورپي انويسٽمينٽ بئنڪ پاران 115 ملين يورو جي اضافي مالي سهڪار، جنهن ۾ 100 ملين يورو قرض ۽ 15 ملين يورو گرانٽ شامل آهن، گهرن جي ٻيهر تعمير واري منصوبي جي ٽئين مرحلي لاءِ اهم موقعو آهي. ٻوڏن سبب هزارين خاندانن جا گهر تباهه ٿيا، ڪيترائي ماڻهو پنهنجن ڳوٺن ۽ علائقن ۾ بنيادي سهولتن کان محروم ٿيا ۽ سندن روزگار توڙي معاشي حالت تي ڏکوئيندڙ اثر پيو. اهڙي صورتحال ۾ گهرن جي تعمير کي رڳو انگن اکرن ۽ منصوبن جي منظوريءَ تائين محدود نه رکڻ گهرجي. متاثر خاندانن کي بروقت مالي مدد، معياري تعميراتي سامان، محفوظ رهائشي جاين ۽ ضروري سهولتون فراهم ڪرڻ لازمي آهي. ان سان گڏ منصوبن جي خرچن، ٺهندڙ گهرن جي تعداد، تعمير جي معيار ۽ مڪمل ٿيڻ جي مدي بابت باقاعده رپورٽون جاري ٿيڻ گهرجن. قرض ۽ گرانٽ مان حاصل ٿيندڙ رقم جو هر حصو شفاف نموني استعمال ٿيڻ گهرجي، جيئن متاثر ماڻهن جي بحاليءَ جو مقصد واقعي پورو ٿي سگهي. صحت جي شعبي ۾ سجاول جي ضلعي هيڊڪوارٽر اسپتال کي پنجن سالن لاءِ پبلڪ پرائيويٽ پارٽنرشپ تحت هلائڻ ۽ ٺٽي جي اسپتال توڙي لاڳاپيل صحت مرڪزن جي انتظامي مدي ۾ واڌ جي منظوري ڏني وئي آهي. ساڳئي وقت ڪراچيءَ جي چنيسر ڊسپينسري ۽ ميٽرنٽي هوم کي انڊس اسپتال اينڊ هيلٿ نيٽ ورڪ ذريعي چوويهه ڪلاڪ فعال ڪرڻ جو فيصلو پڻ ڪيو ويو آهي. انهن قدمن مان اميد رکي سگهجي ٿي ته عوام کي علاج جون بهتر سهولتون ملنديون، پر ان لاءِ حڪومت کي نگرانيءَ جو مضبوط نظام قائم ڪرڻو پوندو. سرڪاري اسپتالن کي خانگي يا غيرسرڪاري ادارن جي انتظام هيٺ ڏيڻ وقت اهو يقيني بڻائڻ ضروري آهي ته غريب مريضن کي مفت يا مقرر ڪيل خرچن تي علاج، ضروري دوائون، ليبارٽري ٽيسٽون، ايمرجنسي سهولتون ۽ تربيت يافته عملو دستياب هجي. معاهدن ۾ ڪارڪردگيءَ جا واضح معيار مقرر ڪري انهن جو آزاد مالي ۽ فني آڊٽ ڪرايو وڃي. اسپتالن جي بجيٽ خرچ ٿيڻ سان گڏ مريضن جي علاج، عملي جي حاضري، دوائن جي موجودگي ۽ خدمتن جي معيار جا نتيجا به عوام آڏو رکڻ گهرجن. سنڌ حڪومت جي چين واري دوري دوران توانائي، زراعت، پاڻيءَ جي انتظام، تعليم، صحت، صنعت ۽ ڊجيٽل ٽيڪنالاجيءَ ۾ تعاون لاءِ 36 مفاهمتي يادداشتن تي صحيحون ٿيڻ جون ڄاڻون پڻ پيش ڪيون ويون. انهن مان 12 سنڌ حڪومت، پنج سنڌ اينگرو ڪول مائننگ ڪمپني ۽ 19 نجي شعبي جي ڪمپنين سان لاڳاپيل ٻڌايون ويون. هوبي صوبي سان گڏيل تعاون ڪائونسل، شنگهائي اليڪٽرڪ سان توانائيءَ جي مختلف منصوبن تي ڳالهه ٻولهه ۽ هئاوي سان مصنوعي ذهانت، ڪلائوڊ ڪمپيوٽنگ، سمارٽ شهرن ۽ ڊجيٽل حڪمرانيءَ بابت تعاون جا امڪان سنڌ جي ترقيءَ لاءِ اهم ٿي سگهن ٿا. پر مفاهمتي يادداشت ۽ عملي معاهدي ۾ فرق هوندو آهي. ڪنهن به منصوبي کي ڪامياب قرار ڏيڻ لاءِ ان جي مالي ذميوارين، مڪمل ٿيڻ جي مدي، مقامي ماڻهن لاءِ روزگار، ٽيڪنالاجيءَ جي منتقلي ۽ ماحولياتي اثرن بابت واضح ڄاڻ ضروري آهي. حڪومت کي هر اهم معاهدي بابت ٻڌائڻ گهرجي ته ان تي ڪيترو خرچ ٿيندو، سنڌ کي ڪهڙو فائدو ملندو ۽ ان مان مقامي ماهرن، شاگردن، هارين، صنعتڪارن ۽ نوجوانن لاءِ ڪهڙا موقعا پيدا ٿيندا. چين سان دوستي ۽ معاشي تعاون کي اهڙي نموني اڳتي وڌائڻ گهرجي، جو ان جا نتيجا عام شهرين تائين پهچن ۽ سنڌ جي وسيلن مان مقامي آباديءَ کي به مناسب فائدو ملي. توانائيءَ جي شعبي ۾ ٿرجي ڪوئلي مان وڌيڪ قدر پيدا ڪرڻ، ڪوئلي مان ڪيميائي شيون تيار ڪرڻ، قابل تجديد توانائي، بيٽري اسٽوريج ۽ مائن جي پاڻيءَ کي زراعت لاءِ استعمال ڪرڻ بابت تجويزون پيش ڪيون ويون آهن. ڪراچيءَ لاءِ سمنڊ جي پاڻيءَ کي مٺو ڪرڻ واري پلانٽ جي تجويز پڻ اهم آهي، ڇاڪاڻ ته شهر ۾ پاڻيءَ جي فراهمي هڪ وڏو مسئلو بڻيل آهي. تنهن هوندي به انهن منصوبن جي منظوريءَ کان اڳ ماحولياتي تحفظ، پاڻيءَ جي دستيابي، خرچن ۽ عوامي مفادن جو مڪمل جائزو وٺڻ ضروري آهي. ٿرجي ڪوئلي مان پيدا ٿيندڙ آمدني ۽ ترقيءَ جا فائدا مقامي ماڻهن جي تعليم، صحت، صاف پاڻي ۽ روزگار ۾ به ظاهر ٿيڻ گهرجن. ساڳيءَ طرح سامونڊي پاڻيءَ کي مٺو ڪرڻ واري منصوبي ۾ پاڻيءَ جي قيمت عام صارفين جي پهچ ۾ رکڻ ۽ سامونڊي ماحول تي اثرن جو جائزو وٺڻ ضروري آهي. ترقيءَ جو اصل معيار رڳو پيداوار يا سرمائيڪاريءَ جا انگ نه، پر ماڻهن جي زندگيءَ ۾ ايندڙ مثبت تبديلي آهي. سنڌ جي زرعي معيشت بابت ڪابينا ۾ ڪڻڪ جي رليز پاليسي ۽ ڪڻڪ جي برآمداتي ڪوٽا ۾ سنڌ جي 30 سيڪڙو حصي جي بحاليءَ واري مطالبي تي پڻ غور ڪيو ويو. ڪڻڪ جي سرڪاري رليز لاءِ في 100 ڪلوگرام ٻوري جي قيمت 12,500 رپيا مقرر ڪرڻ ۽ 15 آڪٽوبر کان فلور ملن توڙي اٽي جي چڪين کي ڪڻڪ جاري ڪرڻ جي انتظامن جو مقصد صوبي ۾ اٽي جي فراهمي برقرار رکڻ آهي. پر پاليسيءَ جي ڪاميابيءَ جو اندازو ان ڳالهه مان لڳندو ته مارڪيٽ ۾ اٽو ڪيتري قيمت تي وڪرو ٿئي ٿو، ڪڻڪ صحيح حقدارن تائين پهچي ٿي يا نه ۽ ذخيره اندوزيءَ کي روڪڻ لاءِ ڪهڙا قدم کنيا وڃن ٿا.

اقتدار بچائڻ جي سياست ۾ پاڪستان جو مستقبل ڪٿي گم ٿي ويو؟

غلام مصطفيٰ جمالي

پاڪستان جي سياست ۾ اڄ سڀ کان اهم سوال اهو ناهي ته اقتدار ڪنهن وٽ آهي ۽ ڪير اقتدار حاصل ڪرڻ لاءِ بيچين آهي. پر اصل سوال اهو آهي ته اقتدار جي هن ڇڪتاڻ ۾ ملڪ جو مستقبل ڪٿي گم ٿي ويو آهي؟ عوام پنهنجي ٻارن جي تعليم، روزگار، علاج، بجليءَ جي بلن ۽ روزمره جي زندگيءَ جي وڌندڙ خرچن سبب پريشان آهي. جڏهن ته سياسي ميدان ۾ حڪمرانن جي بقا، مخالفن کي پوئتي ڌڪڻ ۽ پنهنجي طاقت ثابت ڪرڻ جي جنگ جاري آهي. اقتدار جي هن ڊوڙ ۾ آخر عام شهريءَ جو آواز ڪير ٻڌندو؟

جمهوريت جو اصل حسن اهو آهي ته سياسي جماعتون اختلافن باوجود هڪ ٻئي جي وجود کي تسليم ڪن. پارليامينٽ ۾ بحث ڪن. عوامي مسئلن تي گڏ ويهن ۽ آئيني رستن ذريعي اختلافن جو حل ڳولين. پر جڏهن سياست جو مقصد عوامي خدمت بدران مخالف کي شڪست ڏيڻ ۽ هر قيمت تي اقتدار حاصل ڪرڻ بڻجي وڃي ٿو ته جمهوري ادارا ڪمزور ٿيڻ لڳن ٿا ۽ عوام جو اعتماد به متاثر ٿئي ٿو. پاڪستان جي موجوده سياسي فضا به اهڙا ئي بنيادي سوال پيدا ڪري رهي آهي.

خيبر پختونخوا ۾ هنگامي حالت ۽ گورنر راڄ واري معاملي سياسي بحث کي هڪ نئون رخ ڏنو آهي. وفاقي حڪومت اهڙن قدمن کي امن امان ۽ دهشتگرديءَ جي صورتحال سان ڳنڍي ٿي. جڏهن ته مخالف سياسي ڌريون انهن قدمن بابت آئيني اختيارن ۽ صوبائي خودمختياريءَ جي حوالي سان سوال اٿارين ٿيون. اهڙين حالتن ۾ ضروري آهي ته هر فيصلي کي سياسي نعرن بدران آئين، قانون ۽ مضبوط ثبوتن جي روشنيءَ ۾ پرکيو وڃي. امن امان قائم ڪرڻ حڪومت جي بنيادي ذميواري آهي، پر ان ذميواريءَ کي نڀائڻ دوران آئيني حدن ۽ عوامي نمائندگيءَ جو احترام ڪرڻ به ايترو ئي ضروري آهي.

دهشتگرديءَ خلاف اثرائتي ڪارروائي، شهرين جي جان ۽ مال جو تحفظ ۽ متاثر علائقن ۾ امن قائم ڪرڻ ڪنهن هڪ جماعت جو نه، پر سڄي ملڪ جو گڏيل مقصد هجڻ گهرجي. پر جيڪڏهن امن امان جي مسئلن کي سياسي اختلافن سان اهڙي نموني ڳنڍيو وڃي، جو هر فيصلو نئين محاذ آرائيءَ جو سبب بڻجي، ته مسئلا حل ٿيڻ بدران وڌيڪ پيچيده ٿي سگهن ٿا. حڪومت کي پنهنجن قدمن جو واضح جواز پيش ڪرڻ گهرجي، جڏهن ته مخالف جماعتن کي به قومي سلامتيءَ جهڙن حساس معاملن تي ذميواريءَ جو مظاهرو ڪرڻ گهرجي.

پاڪستاني سياست جو هڪ وڏو مسئلو اهو آهي ته هر جماعت پنهنجن فيصلن کي ملڪي مفاد جو نالو ڏئي ٿي. جڏهن ته مخالف جي هر قدم کي ذاتي يا سياسي مفادن سان ڳنڍي ٿي. اهڙي ماحول ۾ حقيقتن ۽ الزامن جي وچ ۾ فرق ڪرڻ ڏکيو ٿي پوي ٿو. عوام کي اهڙي سياست نه گهرجي، جنهن ۾ هر صبح نئون الزام، هر شام نئون بيان ۽ هر روز اقتدار جي جنگ جو نئون ميدان سجايو وڃي. عوام اهڙي قيادت چاهي ٿو، جيڪا اختلاف ضرور ڪري، پر ملڪ جي گڏيل مفاد کي ذاتي ۽ جماعتي مفادن کان مٿانهون رکي.

سياسي جماعتن لاءِ اهو سمجهڻ به ضروري آهي ته عوامي حمايت رڳو جلسن ۾ نعرن، سماجي رابطن جي ذريعن تي مقبوليت ۽ مخالفن خلاف بيانن سان قائم نٿي رهي. سياسي اعتماد ان وقت پيدا ٿئي ٿو، جڏهن جماعتون پنهنجن واعدن تي عمل ڪن. عوام جي مسئلن کي سنجيدگيءَ سان وٺن ۽ پنهنجي اندر به صلاح مشوري ۽ جوابدهيءَ جو نظام مضبوط بڻائين. جيڪڏهن اهم فيصلا رڳو ڪجهه ماڻهن تائين محدود رهن ۽ اختلافِ راءِ کي ڪمزوري سمجهيو وڃي ته اندروني جمهوريت متاثر ٿئي ٿي. جيڪا جماعت پنهنجي اندر اختلاف برداشت نٿي ڪري سگهي، تنهن لاءِ سڄي ملڪ ۾ جمهوري روايتن کي مضبوط بڻائڻ به وڏو چئلينج بڻجي وڃي ٿو.

حڪومت لاءِ به اها حقيقت سمجهڻ ضروري آهي ته اقتدار حاصل ڪرڻ ۽ عوام جو اعتماد کٽڻ ٻه الڳ شيون آهن. پارليامينٽ ۾ اڪثريت ڪنهن حڪومت کي قانون سازي ۽ انتظامي فيصلا ڪرڻ جو اختيار ضرور ڏئي ٿي، پر سياسي استحڪام رڳو اڪثريت جي زور تي قائم نٿو رهي. ان لاءِ عوامي اعتماد، آئيني حدن جو احترام، مخالفن سان مناسب سياسي رويو ۽ عام شهريءَ جي زندگي بهتر بڻائڻ لاءِ عملي قدم کڻڻ ضروري آهن.

جيڪڏهن حڪومت پنهنجي طاقت رڳو مخالفن کي دٻائڻ لاءِ استعمال ڪندي ۽ مخالف جماعتون هر حڪومتي قدم کي رد ڪرڻ کي پنهنجي سياسي ڪاميابي سمجهنديون ته ملڪ ۾ ڇڪتاڻ گهٽجڻ بدران وڌندي رهندي. اهڙي صورتحال ۾ ڪنهن هڪ ڌر کي عارضي فائدو ته ملي سگهي ٿو، پر نقصان سياسي ادارن تي اعتماد، معيشت ۽ عوام جي اميدن کي پهچندو. سياسي استحڪام جو مطلب اهو ناهي ته مخالف جماعتون خاموش ٿي وڃن يا حڪومت تي تنقيد بند ڪري ڇڏين. استحڪام جو اصل مطلب اهو آهي ته اختلافن باوجود نظام هلندو رهي، آئين جي بالادستي برقرار رهي ۽ شهرين جا حق محفوظ رهن.

پاڪستان جا نوجوان هن سياسي ڇڪتاڻ جا سڀ کان اهم، پر اڪثر نظرانداز ٿيندڙ ڌر آهن. اهي تعليم مڪمل ڪرڻ کان پوءِ روزگار جي ڳولا ۾ نڪرن ٿا، ڪاروبار شروع ڪرڻ لاءِ وسيلا ڳولين ٿا ۽ بهتر مستقبل جا خواب ڏسن ٿا. جڏهن کين پنهنجن مسئلن جي حل بدران مسلسل سياسي محاذ آرائي نظر اچي ٿي ته مايوسي وڌڻ لڳي ٿي. ڪنهن به ملڪ جو مستقبل ان جي نوجوان نسل سان لاڳاپيل هوندو آهي. جيڪڏهن نوجوانن کي تعليم، هنر، روزگار ۽ ترقيءَ جا موقعا فراهم نه ڪيا وڃن ته سياسي نعرن ذريعي سندن اعتماد گهڻي وقت تائين برقرار نٿو رکي سگهجي.

اهڙيءَ طرح ننڍا واپاري، مزدور، هاري ۽ گهٽ آمدنيءَ وارا خاندان به حڪومتي ڌيان جا منتظر آهن. بجليءَ جا وڌندڙ خرچ، روزمره جي استعمال وارين شين جون قيمتون، علاج معالجي جا مسئلا ۽ روزگار جي کوٽ سندن روزاني زندگي ڏکي بڻائي ڇڏين ٿا. انهن شهرين لاءِ سڀ کان اهم سوال اهو ناهي ته سياسي ميدان ۾ ڪنهن ڪنهن کي شڪست ڏني. پر اصل سوال اهو آهي ته گهر جو خرچ ڪيئن پورو ٿيندو، ٻارن جي تعليم ڪيئن جاري رهندي ۽ بيماريءَ جي صورت ۾ علاج جا خرچ ڪٿان پورا ٿيندا؟

جڏهن سياسي قيادت عوام جي حقيقي مسئلن کان پري ٿي وڃي ٿي ته نظام بابت مايوسي پيدا ٿئي ٿي. جمهوريت کي مضبوط ڪرڻ لاءِ ضروري آهي ته عوام کي رڳو چونڊن واري ڏينهن ياد نه ڪيو وڃي، پر سندن ضرورتن کي حڪومتي پاليسين جو مرڪز بڻايو وڃي. سياسي جماعتن کي پنهنجن منشورن ۾ روزگار، تعليم، صحت، مهانگائيءَ ۾ گهٽتائي ۽ مقامي ترقيءَ جا واضح هدف شامل ڪرڻ گهرجن ۽ پوءِ عوام کي ٻڌائڻ گهرجي ته انهن هدفن تي ڪيتري اڳڀرائي ٿي آهي.

پاڪستان جي سياسي تاريخ ان حقيقت جي شاهد آهي ته طاقت جي زور تي پيدا ڪيل خاموشي هميشه پائيدار استحڪام جي ضمانت نٿي بڻجي. حقيقي استحڪام ان وقت پيدا ٿئي ٿو، جڏهن سياسي جماعتون هڪ ٻئي کي جمهوري عمل جو حصو تسليم ڪن. پارليامينٽ پنهنجو اثرائتو ڪردار ادا ڪري. عدالتي ادارا قانون موجب فيصلا ڪن ۽ انتظامي اختيارن جو استعمال شفاف هجي. ملڪ ڪنهن هڪ جماعت، هڪ اڳواڻ يا هڪ سياسي اتحاد جي ملڪيت ناهي. ان جي اصل طاقت عوام ۽ اهو آئيني نظام آهي، جيڪو هر شهريءَ کي حق ۽ هر اداري کي حدون فراهم ڪري ٿو. حڪومت ۽ مخالف ڌرين ٻنهي کي اهو سمجهڻو پوندو ته ڳالهين جا دروازا بند ڪرڻ مسئلي جو حل ناهي. اختلافن کي طاقت، ڌمڪين ۽ مسلسل محاذ آرائيءَ ذريعي ختم ڪرڻ جي ڪوشش اڪثر نون تڪرارن کي جنم ڏئي ٿي. حڪومت کي سنجيده سياسي ڳالهه ٻولهه لاءِ سازگار ماحول پيدا ڪرڻ گهرجي. جڏهن ته مخالف جماعتن کي به پنهنجن مطالبن ۽ احتجاجي حڪمت عمليءَ بابت واضح ۽ ذميواراڻو موقف اختيار ڪرڻ. ڳالهين جو مطلب اصولن تان هٿ کڻڻ ناهي، پر اختلافن کي اهڙي طريقي سان حل ڪرڻ آهي، جنهن سان ملڪ جو نظام، عوام جا حق ۽ قومي مفاد محفوظ رهن. اڄ پاڪستان کي اهڙي سياست جي ضرورت آهي، جنهن ۾ ڪاميابيءَ جو معيار تبديل ڪيو وڃي. ڪنهن مخالف اڳواڻ کي سياسي طور ڪمزور ڪرڻ، ڪنهن جلسي ۾ وڌيڪ ماڻهن کي گڏ ڪرڻ يا ڪنهن اداري تي وڌيڪ اثر قائم ڪرڻ حقيقي ڪاميابي ناهي. اصل ڪاميابي اها آهي ته ملڪ ۾ ڪيتريون نيون نوڪريون پيدا ٿيون. ڪيترا ٻار معياري تعليم حاصل ڪري سگهيا، صحت جي سهولتن ۾ ڪيتري بهتري آئي. مهانگائيءَ جي بار ۾ ڪيتري گهٽتائي ٿي ۽ عام شهريءَ جي زندگي ڪيتري آسان بڻجي. اقتدار عارضي هوندو آهي، پر سياسي فيصلن جا اثر ڊگهي عرصي تائين باقي رهندا آهن. اڄ جا حڪمران سڀاڻي مخالف ڌر ۾ ويهي سگهن ٿا ۽ اڄ جا مخالف سڀاڻي حڪومت جو حصو بڻجي سگهن ٿا. تنهن ڪري ضروري آهي ته اهڙا جمهوري اصول قائم ڪيا وڃن، جيڪي هر جماعت ۽ هر حڪومت لاءِ هڪجهڙا هجن. جيڪڏهن سياسي جماعتون پنهنجي سهولت موجب اصول تبديل ڪنديون رهنديون ته ملڪ مسلسل سياسي بحرانن جو شڪار رهندو ۽ عوام جو اعتماد ڪمزور ٿيندو ويندو. پاڪستان جو مستقبل ڪنهن هڪ سياسي اڳواڻ جي ڪاميابي يا ناڪاميءَ سان ڳنڍيل نه هجڻ گهرجي. ملڪ جو مستقبل مضبوط ادارن، ذميوار قيادت، آئيني حڪمراني، عوامي اعتماد ۽ معاشي موقعن سان وابسته آهي. اقتدار حاصل ڪرڻ سياست جو هڪ حصو ٿي سگهي ٿو، پر ان کي عوام جي خدمت لاءِ استعمال ڪرڻ اصل ذميواري آهي. جيڪا قيادت هن فرق کي سمجهي وٺندي، سا ئي عوام جي دلين ۾ جاءِ ناهي سگهندي. هاڻي سوال اهو ناهي ته اقتدار جي هن جنگ ۾ ڪير کٽيندو ۽ ڪير هارائيندو. پر سوال اهو آهي ته جڏهن سياسي جماعتون پنهنجي ڪاميابيءَ جون دعوائون ڪنديون، تڏهن عام پاڪستانيءَ جي زندگيءَ ۾ ڪهڙي تبديلي آئي هوندي؟ جيڪڏهن عوام جا مسئلا جيئن جو تيئن رهندا، نوجوانن جون اميدون ٽٽنديون رهنديون ۽ ادارا سياسي ڇڪتاڻ جو شڪار رهندا ته ڪنهن به ڌر جي فتح کي ملڪ جي فتح قرار نٿو ڏئي سگهجي. پاڪستان کي اهڙي سياست جي ضرورت آهي، جنهن ۾ ڪرسي مقصد نه، پر عوامي خدمت جو ذريعو هجي. سياسي قيادت کي هاڻي اقتدار جي جنگ کان مٿانهون ٿي ملڪ جي مستقبل بابت سوچڻو پوندو، ڇاڪاڻ ته اقتدار جا تخت تبديل ٿيندا رهندا آهن، پر قومي مستقبل سان ٿيندڙ غفلت جو نقصان ڪيترين ئي نسلن کي ڀوڳڻو پوندو آهي.

عورت کي پنهنجا حق ڏنا وڃن

صالح شريف

سنڌ ڌرتي صوفين، محبتن، غيرتمندن ۽ بهادرن جي ڌرتي آهي هي اها ڌرتي آهي جتي ماضي ۾ عورت کي ماءُ جو درجو، ڀيڻ جو مان ۽ گهرواري جو احترام حاصل هو پر اڄ الائي ڪنهن جي نظر لڳي آهي اسين پنهنجي هٿن سان انهيءَ عورت جي عزت پائمال ڪري رهيا آهيون جنهن جي ڪري اسان جو گهر ۽ سماج هلندو آهي

تاريخ کولي ڏسو اسان جي ابن ڏاڏن جي دور ۾ ڪيتري به دشمني هجي، پر ڪنهن به عورت تي هٿ کڻ نه ڇا، اڪ ڪٽي ڏسڻ جي به اجازت نه هئي ڪوڙي غيرت جي نالي تي قتل نه ٿيندو هو عورت جي لنگهڻ تي دشمني به وساري ويندي هئي عورت کي وڏو مقام حاصل هو

پر اڄ ڇا ٿي رهيو آهي؟

اڄ اسان اسلام کان اڳ وارو زمانو ياد ڏياري رهيا آهيون ڪٿي دشمني جي آڙ ۾ ڪنهن جي نياڻي کي اغوا ڪيو وڃي ٿو ان جي عزت تي هٿ وڌو وڃي ٿو ۽ پوءِ ڪيس زنده لاش بڻائي اڇلايو وڃي ٿو

ڪٿي ننڍي عمر جي نياڻي کي پوڙهي مرد سان وڪرو ڪيو وڃي ٿو

ڪٿي چند ٽڪن عيوض سودو ڪيو وڃي ٿو

ڪٿي معمولي ڳالهه تي مار ڏئي قتل ڪيو وڃي ٿو

اسلام کان اڳ ڀڏايو ويندو هو ته نياڻي ڄمڻ تي ڪيس زنده دفن ڪيو ويندو هو پر اڄ اسان ڪيس دفن ڪرڻ کان به وڌيڪ تڪليف ڏئي رهيا آهيون هر روز زخم، هر روز گهاءُ، هر روز بي عزتي

سائين سوچڻ واري ڳالهه اها آهي ته جڏهن مرد پنهنجا حق گهري ٿو ته عورت خاموشي سان ان جو ساٿ ڏئي ٿي پر جڏهن عورت پنهنجا جائز حق گهري ٿي ته پوءِ ان کي ميري اک سان ڇو ڏٺو وڃي ٿو؟ حق گهرڻ تي ڪيس قتل ڇو ڪيو وڃي ٿو؟

عورت ڪير آهي؟

ڪڏهن هوءَ ماءُ آهي جيڪا راتيون جاڳي اولاد پالي ٿي

ڪڏهن هوءَ ڀيڻ آهي جيڪا ڀاءُ جي عزت لاءِ پاڻ کي قربان ڪري ٿي

ڪڏهن هوءَ گهرواري آهي جيڪا سڄي زندگي پنهنجي گهر جي خدمت ڪري ٿي

جيڪا عورت اسان کي جنم ڏئي، پالي، پڙهائي ۽ گهر سنڀالي، ڇا ان سان اهو سلوڪ ٿيڻ گهرجي؟

حاڪمن جا ڪوڙا قانون ۽ صرف دلاسا هاڻي ڪم نه ايندا عوام ٿڪجي چڪو آهي هر روز اخبارن ۾ عورت تي ظلم جون خبرون پڙهي دل رت جا ڳوڙها روئي ٿي

اسان کي پنهنجي ماضيءَ ڏانهن وڃڻو پوندو ان غيرت، ان لڄ ۽ ان لوئي ڏانهن جيڪا اسان جي سڃاڻپ هئي

عورت کي حق ڏيڻ جو مطلب ڇا آهي؟

1. تعليم جو حق هر نياڻي کي اسڪول وڃڻ جو موقعو ملي
2. عزت جو حق. ڪوبه ڪيس رستي ۾ تنگ نه ڪري، ڪوبه زبان سان زخمي نه ڪري
3. فيصلي جو حق نياڻي جي شادي ۾ ان جي مرضي پڇي وڃي
4. انصاف جو حق جيڪو ظلم ڪري ان کي قانون سخت سزا ڏئي

ياد رکو، جنهن گهر ۾ عورت محفوظ هوندي آهي، اهو گهر جنت بڻجي ويندو آهي جنهن سماج ۾ عورت کي عزت ملندي آهي، اهو سماج ترقي ڪندو آهي

اچو ته اڄ قسم کڻون اسين پنهنجي نياڻين، ڀينرن ۽ مائرن کي انهن جو حق ڏينداسين اسين ڪوڙي غيرت کي دفن ڪنداسين ۽ حقي غيرت کي اپنائينداسين حقي غيرت اها آهي ته پنهنجي عورت جي حفاظت ڪريو، نه ته ان تي ظلم ڪريو

سنڌ جي مٽي کي ٻيهر صوفين واري محبت ۽ بهادرن واري غيرت جي ضرورت آهي ۽ اها غيرت تڏهن ثابت ٿيندي جڏهن عورت کي پنهنجا حق ملندا.

الله پاڪ اسان جي سنڌ جي هر نياڻي جي عزت محفوظ فرمائي

آمين

بقايا *** 01

الهيون به ٿيون. گڏيل ڳالهين ڪانپوءِ پريس ڪانفرنس ڪندي شهباز شريف چيو ته پاڪستان جو موقف واضح آهي ته معاهدن جو احترام ٿيڻ گهرجي ۽ گڏيل آبي وسيلن کي سياسي دٻاءَ وجهڻ يا بليڪ ميلنگ لاءِ استعمال نه ڪرڻ گهرجي. وزيراعظم چيو ته پاڪستان مختلف عالمي فورمن تي اهو موقف پيش ڪري چڪو آهي. تازو گڏيل قومن جي جنرل اسيمبليءَ کي خطاب ڪندي به هن پاڻيءَ کي پاڪستان لاءِ ريڊ لائين قرار ڏنو هو. هن چيو ته پاڻي خوشحالي ۽ ترقيءَ جو ذريعو آهي، ان کي ڌمڪين يا تڪرارن لاءِ استعمال نه ڪرڻ گهرجي. سندس چوڻ هو ته پاڻي انسانيت لاءِ نهايت ضروري آهي، خاص طور انهن ملڪن لاءِ جيڪي دريائن جي هيٺين وهڪري وارن علائقن ۾ آهن. ياد رهي ته ڀارت گذريل سال اپريل ۾ پهلگام حملي ڪانپوءِ سنڌ طاس معاهدي کي معطل ڪرڻ جو اعلان ڪيو هو.

بقايا *** 02

شعبن ۾ 20 مفاهمتي يادداشتن تي صحيحون ٿي ويون. ٻنهي ملڪن جي وچ ۾ طبي ملازمن جي ڀرتي، دفاعي شعبي، فنون لطيفه ثقافت ۽ ورثي، سماجي تحفظ جي شعبي، آئي ٽي ۽ سائبر سيڪيورٽي، ڊرگ ريگوليٽري اٿارٽي ۽ فوڊ اٿارٽيز بابت تعاون جي مفاهمتي يادداشتن تي صحيحون ٿيون. انهي موقعي تي پاڪستان جي دوري تي آيل مالديپ جي صدر محمد معيزو سان گڏ گڏيل پريس ڪانفرنس ۾ وزيراعظم شهباز شريف جو چوڻ هو ته پاڪستان مالديپ سان پنهنجي لاڳاپن کي انتهائي اهميت ڏئي ٿو. ٻنهي ملڪن جي وچ ۾ پائيدار ۽ دوستاڻا لاڳاپا قائم آهن. مالديپ سان گڏيل دلچسپي جي سمورن شعبن ۾ تعاون کي وڌيڪ هٿي ڏينداسين. اسلامڪ يونيورسٽي طرفان ڊاڪٽريٽ جي اعزازي ڊگري تي صدر محمد معيزو کي مبارڪباد ڏيندي وزيراعظم شهباز شريف جو چوڻ هو ته مالديپ جي صدر سان خوشگوار ملاقات ٿي. واپاري حجم ۾ اضافي لاءِ ڪوششن کي تيز ڪنداسين. شهباز شريف وڌيڪ چيو ته پاڪستان ۽ مالديپ واپار، معاشي رابطن کي نئين بلندين تي کڻي وڃڻ لاءِ پرعزم آهن. تعليم، سياحت ۽ موسمياتي تبديلين جي شعبن ۾ تعاون کي هٿي ڏني ويندي. پاڪستان مالديپ سان گڏيل مفاد تي ٻڌل اقتصادي پائيداري جو خواهشمند آهي. اسٽريٽجڪ ۽ معاشي رواداري تي ٻڌل مستحڪم پائيداري چاهين ٿا. مالديپ جي صدر جو دورو پاڪستاني لاڳاپن کي وڌيڪ مستحڪم ڪندو وزيراعظم علائقائي امن، ترقي ۽ عالمي فورمز تي مستقبل ۾ به گڏيل تعاون جاري رکڻ جي ارادي جو اظهار ڪندي چيو ته پاڪستاني ڊاڪٽرز ۽ معاون طبي معاملو مالديپ ۾ انساني جي خدمت ڪري رهيو آهي. فلسطين جي مسئلي جو ذڪر ڪندي شهباز شريف جو چوڻ هو ته پاڪستان فلسطين مسئلي جو منصفاڻو ۽ پائيدار حل چاهي ٿو مظلوم عوام جي اخلاقي، سياسي ۽ سفارتي حمايت جاري رکندو آزاد، خودمختار فلسطيني رياست جو قيام ئي خطي ۾ مستقل امن جي ضمانت آهي. فلسطينين تي جاري ظلم جو خاتمو ۽ عالمي برادري جو ڪردار وقت جي ضرورت آهي نيوز ڪانفرنس ۾ وزيراعظم ڪشمير مسئلي تي ڳالهيون ڪندي چيو ته پاڪستان ڪشمير مسئلي جو منصفاڻو ۽ پائيدار حل چاهي ٿو. ڪشمير مسئلي جو حل يو اين قراردادن موجب ٿيڻ ضروري آهي، والاريل ڪشمير ۾ انساني حقن جي سنگين ڀڃڪڙيون عالمي برادري لاءِ فڪر جوڳيون آهن. ڪشميرين جي خواهشن ۽ عالمي قانون ڪان سواءِ ڏکڻ ايشيا ۾ پائيدار امن ممڪن نه آهي. هن ڀارت جي آبي دهشتگردي جو مسئلو به اٿاريو ۽ چيو ته ڀارت پاڻي کي هٿيار جي طور تي استعمال ڪري رهيو آهي، پاڪستان جو پاڻي روڪڻ جي ڪابه ڪوشش جنگي قدم تصور ٿيندي، آبي جارحيت ۽ پاڪستان جو پاڻي روڪڻ جي ڪوشش قبول نه ڪئي ويندي. انهي موقعي تي صدر محمد معيزو جو چوڻ هو ته مالديپ پاڪستان سان پنهنجي پائيدار لاڳاپن کي انتهائي قدر جي نگاهه سان ڏسي ٿو پاڪستان جو دورو ڪرڻ ۽ اتان ملندڙ مهمان نوازي تي دلي خوشي ٿي آهي. هن انهي ارادي جو اظهار ڪيو ته 2 سالن ۾ واپاري حجم کي 20 ڪروڙ ڊالر تائين کڻي وڃڻ جي ڪوشش ڪنداسين ٻئي ملڪ واپاري ۽ اقتصادي پائيداري کي نئين بلندين تي کڻي ويندا. مالديپ جي صدر جو وڌيڪ چوڻ هو ته پاڪستان سان واپار، معيشت ۽ سياحت جي شعبي ۾ تعاون کي هٿي ڏيڻ چاهيون ٿا. ٻنهي ملڪن جي عوام جي وچ ۾ ويجها رابطا ۽ ڀروسو اسان جي لاڳاپن جو اصل سرمايو آهن. محمد معيزو علائقائي ۽ عالمي سطح تي پاڪستان جي ڪردار جي تعريف ڪئي ۽ چيو ته ٻئي ملڪ هڪ ٻئي جي تجربن ۽ صلاحيتن مان فائدو کڻندا. مالديپ جي صدر محمد معيزو کي اسلام آباد جي اسلامڪ يونيورسٽي طرفان ڊاڪٽريٽ جي اعزازي ڊگري سان نوازيو ويو انهي موقعي تي صدر محمد معيزو جو چوڻ هو ته اسلامڪ يونيورسٽي جي طرفان ڊاڪٽريٽ جي اعزازي ڊگري تي قيادت جو ٿورو ادا ڪريان ٿو اهو منهنجي فخر جوڳو آهي. اعزازي ڊگري ٻنهي ملڪن جي وچ ۾ مضبوط تعليمي، ثقافتي رشتن جي نشاني آهي. علمي ۽ تعليمي تعاون کي هٿي ڏيڻ سان پاڪستان ۽ مالديپ جا نوجوان وڌيڪ ويجهو ايندا. هوڏانهن مالديپ جو صدر ڊاڪٽر محمد معيزو وزيراعظم هائوس پهتو جتي انهي جو پرجوش استقبال ڪيو ويو ۽ کيس گارڊ آف آنر پيش ڪيو ويو پاڪستان جي دوري تي آيل مالديپ جي صدر ڊاڪٽر محمد معيزو جي اعزاز ۾ باضابطه استقباليه تقريب وزيراعظم هائوس ۾ منعقد ٿي جتي وزيراعظم شهباز شريف معزز مهمانن جو پرجوش استقبال ڪيو ٻنهي اڳواڻن جي وچ ۾ هٿ ملائڻ دوران خوشگوار جملن جي ڏي وٺ ٿي. انهي موقعي تي ٻنهي ملڪن جا قومي ترانا وڄايا ويا. ٽنهي هٿيارٻند فوجن جي دستن مالديپ جي صدر کي سلامي ڏني ۽ گارڊ آف آنر پيش ڪيو. سلامتي جي چبوتري تي مالديپ جي صدر سان گڏ وزيراعظم شهباز شريف به موجود هو مالديپ جي صدر گارڊ آف آنر جو معائنو به ڪيو وزيراعظم شهباز شريف ڪابينه جي ميمبرن ۽ وزيراعظم هائوس جي اعليٰ اختيارين جو مالديپ جي صدر سان تعارف ڪرايو مالديپ جي صدر به پنهنجي وفد جو وزيراعظم سان تعارف ڪرايو. مالديپ جي صدر وزيراعظم هائوس جي پارڪ ۾ ٻوٽو به لڳايو ۽ ٻنهي ملڪن جي ترقي ۽ خوشحالي جي لاءِ دعا

ڪئي وئي، مالديپ جو صدر ڊاڪٽر محمد معيزو پاڪستان سان ويجها لاڳاپا وڌيڪ مستحڪم ڪرڻ ۽ گڏيل مفاد ۾ تعاون جا نوان شعبا ڳولا ڪرڻ جي ارادي جو اظهار ڪيو آهي. پرڏيهي وزارت جي ترجمان موجب نائب وزيراعظم، پرڏيهي وزير سينيٽر محمد اسحاق ڊار ۽ مالديپ جي صدر جي وچ ۾ پرڏيهي آفيس ۾ ملاقات ٿي انهي موقعي تي انهن مالديپ جي صدر ۽ انهي جي وفد جي پاڪستان پهچڻ تي آجيان ڪئي. نائب وزيراعظم صدر آصف علي زرداري ۽ وزيراعظم شهباز شريف طرفان مالديپ جي صدر کي نيڪ خواهشن جو پيغام پهچايو. هن پاڪستان ۽ مالديپ جي وچ ۾ پائيدار لاڳاپن کي وڌيڪ مضبوط بڻائڻ جي ارادي جو اظهار ڪندي ٻنهي ملڪن جي وچ ۾ واپار، سرمائيڪاري، تعليم، موسمياتي تبديلي ۽ سياحت جي شعبن ۾ تعاون وڌائڻ تي زور ڏنو نائب وزيراعظم پاڪ مالديپ بزنس فورم ۾ مالديپ جي ڪاروباري وفد جي شرڪت جي آجيان ڪندي چيو ته فورم جي ذريعي واپار ۽ سرمائيڪاري جا نوان موقعا پيدا ٿيڻ جي اميد جو اظهار ڪيو انهي موقعي تي مالديپ جي صدر ڊاڪٽر محمد معيزو پاڪستان ۾ پرجوش استقبال ۽ مهمان نوازي تي ٿورو ادا ڪيو.

بقايا *** 03

مڪمل ڪرڻ تي غور شروع ڪري ڇڏيو آهي. وفاقي وزير مواصلات عبدالعليم خان چيو آهي ته نيشنل هاءِ وي اٿارٽي جا موٽرويز سميت مختلف منصوبا پبلڪ پرائيويٽ پارٽنرشپ جي تحت مڪمل ڪرڻ تي غور ڪيو پيو وڃي، پهرين مرحلي ۾ 4 منصوبن کي انهي نظام جي تحت آڻڻ تي اتفاق ٿيو آهي. انهي سلسلي ۾ وفاقي وزير مواصلات عبدالعليم خان جي صدارت هيٺ وزيراعظم جي نجڪاري بابت صلاحڪار محمد علي سان گڏ اهم اجلاس ٿيو جنهن ۾ اين ايڇ اي ۽ نجڪاري ڪميشن جي 4 منصوبن کي پبلڪ پرائيويٽ پارٽنرشپ جي تحت آڻڻ تي اتفاق ڪيو. اجلاس ۾ منصوبن جي تياري، مارڪيٽنگ ۽ نجي شعبي جي پائيداري بابت معاملن تي به خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي. عبدالعليم خان موٽروي ايم 10 جي 169 ڪلوميٽر ڊگهي سيڪٽر کي پبلڪ پرائيويٽ پارٽنرشپ جي تحت مڪمل ڪرڻ جي آڇ ڪئي. هن چيو ته مانسهره، ناران، جهالڪنڊ ۽ چلاس جي موٽروي کي چين جي باڊر سان جوڙڻ چاهيون ٿا. جڏهن ته سيالڪوٽ، کهاريان موٽر وي ايم 12 به پبلڪ پرائيويٽ پارٽنرشپ جي تحت تعمير ٿيڻ آهي. وفاقي وزير مواصلات چيو ته گروناتڪ ايڪسپريس وي سک ڪميونٽي جي لاءِ اهميت رکي ٿي، انهي کي به پبلڪ پرائيويٽ پارٽنرشپ جي تحت تعمير ڪري سگهجي ٿو اهو ايڪسپريس وي سکن جي مذهبي سياحت کي هٿي ڏيڻ ۾ انتهائي اهم ڪردار ادا ڪندو جڏهن ته مري ايڪسپريس وي کي ڪشمير تائين واڌ ڏيڻ سان سياحت کي به نمايان ترقي ملي سگهي ٿي. عبدالعليم خان اين ايڇ اي اختيارين کي باقاعده بزنس پلان تيار ڪرڻ جي هدايت ڪندي چيو ته اهڙن منصوبن کي اوليت جي بنيادن تي سامهون آندو وڃي جنهن کي آساني سان مارڪيٽ ڪري سگهجي. هن چيو ته اين ايڇ اي جي روينيو ۾ نمايان اضافو حوصلو ڏيندڙ آهي ۽ ادارو مالي خودمختاري طرف گامزن آهي. وفاقي وزير مواصلات چيو ته منهنجي خواهش آهي ته اين ايڇ اي کي 500 کان 1000 ارب روپين جو ادارو بنايو وڃي ته جيئن حڪومت جي ترقياتي پروگرام ۽ فنڊز تي انهي جو بار گهٽ ٿي سگهي. انهي موقعي تي وزيراعظم جي نجڪاري بابت صلاحڪار محمد علي اين ايڇ اي کي مڪمل تعاون ۽ منصوبن ۾ پائيداري جي يقين ڏهاني ڪرائي. اجلاس ۾ اتفاق ڪيو ويو ته اين ايڇ اي ۽ نجڪاري ڪميشن شروعاتي ڪم فوري طور تي مڪمل ڪندا، هڪ هفتي کان پوءِ ٻيهر اجلاس ٿيندو اجلاس ۾ وفاقي سيڪريٽري مواصلات، چيئرمين اين ايڇ اي ۽ نجڪاري ڪميشن جي ڪارپوريٽ سيد به شرڪت ڪئي.

بقايا *** 04

۽ جولوڪيل حڪمناموجاري ڪري ڇڏيو عدالت ايڊووڪيٽ جنرل خيبر پختونخوا ۽ اٽارني جنرل کي نوٽيس جاري ڪندي ڌرين کي 14 ڏينهن ۾ جواب جمع ڪرائڻ جي هدايت ڪئي درخواستگذارن موجب صوبائي اسيمبليءَ جي منظوري ڪانسواءِ ايمرجنسي لاڳو ڪئي وئي، جڏهن ته صدر وٽ ايمرجنسي جي نفاذ لاءِ ٺوس ثبوت موجود نه هئا درخواستگذارن موقف اختيار ڪيو آهي ته صوبي ۾ آئين جي آرٽيڪل 245 تحت فوج گهرائي وئي، حالانڪ فوج کي سول انتظاميا جي مدد لاءِ گهرايو ويندو آهي ٻڌڻي دوران اسسٽنٽ اٽارني جنرل درخواستن جي قابل ٻڌڻي هجڻ تي اعتراض اٿاريو عدالت درخواستن جي وڌيڪ ٻڌڻي 10 نومبر تائين ملتوي ڪري ڇڏي.

بقايا *** 05

۾ دير بابت ڪيس جي ٻڌڻي دوران چيف اليڪشن ڪمشنر سڪندر سلطان راجا ريمارڪس ڏيندي چيو ته ائين لڳي ٿو ته حڪومت اسلام آباد ۾ مڪاني چونڊون ڪرائڻ نٿي چاهي. آئين ۾ واضح آهي ته مڪاني چونڊون لاڳاپيل قانون موجب ٿيڻ گهرجن. وفاقي گادي واري شهر ۾ آخري مڪاني چونڊون 2015 ع ۾ ٿيون هيون. جڏهن ته چونڊيل مڪاني حڪومت جو مدو 14 فيبروري 2021 ع تي ختم ٿي ويو هو. ان ڪانپوءِ نيون چونڊون نه ٿي سگهيون. قانون موجب، مڪاني حڪومت جو مدو پورو ٿيڻ ڪانپوءِ 120 ڏينهن اندر نيون چونڊون ڪرائڻيون هيون، پر قانون ۾ بار بار تبديلين ۽ انتظامي مسئلن سبب چونڊ عمل تعطل جو شڪار رهيو. اسلام آباد ۾ مڪاني چونڊن ۾ دير بابت ڪيس جي ٻڌڻي دوران چيف اليڪشن ڪمشنر سڪندر سلطان راجا مختصر حڪم نامو پڙهي ٻڌايو ان موقعي تي گهرو سيڪريٽري ۽ اليڪشن ڪميشن جا عملدار پڻ پيش ٿيا. اليڪشن ڪميشن جي اسپيشل سيڪريٽري ظفر اقبال ملڪ ٻڌايو ته وفاقي حڪومت مڪاني چونڊن بابت آرڊيننس جاري ڪيو هو. جنهن سلسلي ۾ ڊيٽا ۽ نقشا پڻ حاصل ڪيا ويا هئا. پر تڪبندين جو عمل جاري هئڻ دوران 6 سيپٽمبر تي آرڊيننس جو مدو ختم ٿي ويو هن ٻڌايو ته اسلام آباد ۾ مڪاني چونڊن لاءِ حتمي تڪبندين جي فهرست 14 آڪٽوبر تي جاري ڪئي وئي هئي. گهرو وزارت کي به پيرا ياد ڏياريندڙ خط پڻ موڪليا ويا ۽ آرڊيننس جو مدو ختم ٿيڻ بابت آگاهه ڪيو ويو. پر ان باوجود اسلام آباد لوڪل گورنمينٽ جا ضابطا اڃا تائين فراهم نه ڪيا ويا آهن. اسپيشل سيڪريٽري موجب، قانون واري وزارت ضابطن جي منظوري ڏيڻ کان انڪار ڪيو جڏهن ته وفاقي حڪومت اڃا تائين نئون مڪاني چونڊن وارو قانون پڻ تيار نه ڪيو آهي. هن چيو ته اليڪشن ڪميشن وٽ اسلام آباد لوڪل گورنمينٽ ايڪٽ 2015 ع موجود آهي. تنهنڪري چونڊون ساڳئي قانون تحت ڪرايون وڃن. ان موقعي تي چيف اليڪشن ڪمشنر سڪندر سلطان راجا چيو ته جيڪڏهن 2015 ع واري مڪاني قانون تحت چونڊون ڪرايون وڃن ته تڪبندين تي ڪو به اثر نه پوندو. هن چيو ته گهرو وزير، گهرو سيڪريٽري، چيف ڪمشنر ۽ وزيرن جي ڪميٽي طرفان پڻ يقين ڏياريو ويو هو پر ان باوجود چونڊ عمل ۾ دير جاري آهي. چيف اليڪشن ڪمشنر ريمارڪس ڏيندي چيو ته ائين لڳي ٿو ته حڪومت اسلام آباد ۾ مڪاني چونڊون ڪرائڻ نٿي چاهي. اليڪشن ڪميشن مجبور ٿي اسلام آباد ۾ مڪاني چونڊون ڪرائڻ لاءِ حڪم جاري ڪري رهي آهي. هن اعلان ڪيو ته اسلام آباد ۾ مڪاني چونڊن جو شيڊول اڄ ئي جاري ڪيو ويندو.

بقايا *** 06

ڏوراهين علائقن ۾ شاگردن استادن جي کوٽ ۽ اسڪولن جي ناقص عمارتن خلاف احتجاج شروع ڪيو جيڪو بعد ۾ مهانگائي، تيل جي وڌندڙ قيمتن ۽ عوامي خدمتن جي خراب صورتحال خلاف ملڪ گير مظاهرن ۾ تبديل ٿي ويو برطانوي خبررساں ادارو بي بي سي پيرس پوليس جي حوالي سان ٻڌايو ته پوليس ٽي ڊي لاريپبلڪ جتي ڇنڇر جي اختتام تي مظاهرين جمع ٿيا هئا اتي رات 11 وڳي کان صبح 6 وڳي تائين ڪرفيو لاڳو رهندو شهر جي ڪيترن ئي ٻين حصن ۾ غيرمجاز اجتماعن تي به پابندي لڳائي وئي آهي. ڏکڻ فرانس جي شهرن مارسيلي، بورڊو، نيس ۽ ليون سميت اترين شهر لل ۽ ٻين ڳوٺن ۾ جزوي ڪرفيو لاڳو ڪرڻ جو اعلان ڪندي مختلف هنڌن تي نوجوانن جي چرپر ۽ اجتماعن کي محدود ڪيو ويو آهي.

بقايا *** 07

ارچ جي ٽئين مرحلي جي شروعات ملڪ گير احتجاج جو سڏ وقتائتو قدم آهي، 23 آڪٽوبر جمعي تي ضلعي هيڊ ڪوارٽرز تي پرامن احتجاج ٿيندا. هن چيو ته راڻا ثناءُالله ۽ احسن اقبال تجويز ڪيو هو ته وزيراعظم شهباز شريف جي جماعت اسلامي جي امير حافظ نعيم الرحمان سان ملاقات کان اڳ ڳالهين واري ڪميٽين جا نمائندا ويهندا، ٻئي ڳالهين وارين ڪميٽيون ڳالهين جي سفارشن کي حتمي شڪل ڏئي ڇڏين. لياقت بلوچ چيو ته اڃان تائين حڪومتي ڳالهين واري ڪميٽي طرفان معاملي ۾ اڳڀرائي جي ڪابه اطلاع نه آهي. جماعت اسلامي پيٽرول تي في ليٽر ليوي پٽي جي خاتمي سان عوام کي رليف ڏيارڻ جي جدوجهد ڪري رهي آهي. هن چيو ته جماعت اسلامي پنهنجي اصولي موقف کان پوئتي نه هٽندي.

بقايا *** 08

دوران 25 ورهين جو نوجوان ڪريم بخش پٽ امير بخش پٽي فوت ٿي ويو. واقعي جي اطلاع تي پوليس پهچي هڪ جٿي عابد ڊول پٽ بشير ڊول کي گرفتار ڪري ورتو جڏهن ته فوتي نوجوان جو لاش تحويل ۾ وٺي ضروري قانوني ڪارروائي لاءِ تعلقي اسپتال منتقل ڪيو ويو. ان موقعي تي مقتول نوجوان جي چاچي محمد پنجل پٽي الزام هڻندي چيو ته سندن نوجوان کي نوناري ۽ ڊول برادرين جي ماڻهن لٺين سان حملو ڪري قتل ڪيو آهي. هن اختيارين کان مطالبو ڪيو ته واقعي جي شفاف جاچ ڪرائي جوابدارن خلاف قانوني ڪارروائي ڪئي وڃي ۽ کين انصاف فراهم ڪيو وڃي.

بقايا *** 09

بينا طور ڦينچي جا وار ڪري پنهنجي پيرسن پيءُ کي قتل ڪري ڇڏيو تفصيل موجب، خانيا محلي ۾ رهندڙ داروغي عزيز خانيو کي سندس 12 ورهين جي پٽ علي شير خانيو موبائيل فون وٺي نه ڏيڻ تان ڦينچي جا وار ڪري زخمي ڪري ڇڏيو زخمي پيرسن کي فوري طور سول اسپتال گهارو منتقل ڪيو ويو جتي هو زخمن جا سور نه سهندي فوت ٿي ويو ضروري قانوني ڪارروائي بعد لاش وارثن حوالي ڪيو ويو. لاش گهر پهچڻ تي ڪهرام مچي ويو. جڏهن ته گهر ڀاتين ۾ روڄ راڙو پئجي ويو ٻئي طرف واقعي ۾ ملوث ڄاڻايل جوابدار کي پوليس اڃا تائين گرفتار نه ڪري سگهي آهي. پوليس جو چوڻ آهي ته جوابدار کي جلد گرفتار ڪري قانون موجب ڪارروائي ڪئي ويندي.

بقايا *** 10

جي 58 سالن پيءُ کي قتل ڪري ڇڏيو ۽ فرار ٿي ويو پوليس ذريعن موجب گهر ۾ موبائل فون وٺي ڏيڻ جي معاملي تي پيءُ ۽ پٽ جي وچ ۾ تلخ ڪلامي ٿي، جنهن تي ڪاوڙ ۾ اچي ڇوڪري گهر ۾ موجود ڇري سان پيءُ تي وار ڪيا، جنهن جي نتيجي ۾ هو سخت زخمي ٿي گذاري ويو واقعي جي اطلاع ملڻ تي پوليس موقعي تي پهچي وئي ۽ لاش تحويل ۾ وٺي قانوني ڪارروائي شروع ڪري ڇڏي. پوليس فرار ٿيندڙ 14 سالن ملزم جي گرفتاري لاءِ ڇاپا هڻڻ شروع ڪيا آهن.

بقايا *** 11

س ۾ 881 پوائنٽن جي واڌ رڪارڊ ڪئي وئي. ڪاروبار جي شروعات تي انڊيڪس 881 پوائنٽن وڌڻ ڪانپوءِ هڪ لک 66 هزار پوائنٽن جي سطح تي پهچي ويو. ياد رهي ته گذريل ڪاروباري ڏينهن جي پڇاڙيءَ تي اسٽاڪ مارڪيٽ ۾ اوچتو مندي ڇانئجي وئي هئي، جنهن سبب 100 انڊيڪس 814 پوائنٽن جي گهٽتائي سان هڪ لک 65 هزار 151 پوائنٽن تي بند ٿيو هو.

بقايا *** 12

جي خلاف آپريشن تي ڪنهن به قسم جو سمجهوتو نه ڪنداسين، صفائي مهم شروع ڪئي آهي، اسان جو مقصد صوبي کي صاف سٿرو بڻائڻ آهي. هن چيو ته اضا خيل گودام ۾ ڪڻڪ جي حوالي سان مون کي رپورٽ ملي وئي آهي، جنهن به قسم جي غلطي ٿي انهي جي سزا ذميوار ڀوڳيندا. خيبرپختونخواهه جي گورنر جو چوڻ هو ته اسان جو صوبو تيل، گيس، معدنيات، تمباڪو، بجلي ۽ ٻين وسيلن سان مالا مال آهي، صوبي جي خوشحالي لاءِ اسان انهن وسيلن مان فائدو کڻنداسين اسان سيني کان پهريان پنهنجي صوبي ۽ ماڻهن جو تحفظ ڪنداسين انهي کان پوءِ ملڪي ۽ عالمي ڪمپنين سان معاهدو ڪنداسين، اسان تنقيد براءِ اصلاح برداشت ڪنداسين، سڀ ڪجهه بهتر ٿي ويندو فيصل ڪريم ڪنڊي وڌيڪ چيو ته اسان اهي ماڻهو نه آهيون جيڪي انتشار جا جلسا ۽ احتجاج ڪن. جڏهن انهن ماڻهن جو طوطو افغانستان ۾ هجي ته پوءِ اهي ڪهڙي طرح انهي جي خلاف ڪارروائي ڪندا.

بقايا *** 13

ڪراچيءَ ۾ ڪارروائي ڪندي بارڊر هيلٿ سروسز جي سربراهه ڊاڪٽر عابد شاهه سميت ٽن آفيسرن کي گرفتار ڪري ورتو ذريعن موجب وزيراعظم شهباز شريف جي نوٽيس تي ايف آءِ اي اسلام آباد پاران ڪيل ڪارروائيءَ دوران بارڊر هيلٿ سروسز جي اڳوڻي سربراهه ڊاڪٽر غلام مصطفيٰ ۽ ڊاڪٽر پرديپ ڪمار کي به گرفتار ڪيو ويو ذريعن ٻڌايو ته ملزمن تي الزام آهي ته حج ۽ عمري جي زائرين لاءِ سستي ويڪسين مهانگن ريٽن تي خريد ڪئي وئي. گرفتار آفيسرن کي ڪراچيءَ مان اسلام آباد منتقل ڪيو پيو وڃي، جتي سندن خلاف ڪيس داخل ڪيو ويندو ذريعن موجب وزيراعظم ويڪسين جي خريداريءَ جي معاملي جي تحقيقات لاءِ انڪوائري ڪميٽي به ٺاهي ڇڏي آهي.

بقايا *** 14

۾ ڊيزل جي ذريعن موجب، ملڪ ۾ سوئي ناردرن ۽ سوئي سدرن وٽ مجموعي طور مقامي گئس جي دستيابي هڪ ارب 40 ڪروڙ مڪعب فوٽ آهي، جڏهن ته سياري ۾ رڳو پنجاب جي گئس جي گهرج هڪ ارب مڪعب فوٽ تائين پهچڻ جو خدشو آهي. ذريعن جو چوڻ آهي ته سياري لاءِ ايل اين جي جا 18 ڪارگو خريد ڪرڻ جو هدف مقرر ڪيو ويو آهي، جنهن لاءِ قطر کان گهٽ اگهه تي ايل اين جي درآمد ڪرڻ کي ترجيح ڏني ويندي. ذريعن موجب، اسپاٽ مارڪيٽ مان ايل اين جي خريد ڪرڻ جي صورت ۾ 30 ڊالر في ملين برٽش ٿرمل يونٽ (ايم ايم بي ٽي يو) وڌ حد ٿي سگهي ٿي.

بقايا *** 15

فراڊ جو نشانو بڻائيندڙ جوابدار پنهنجن ئي ساٿين جي فائرنگ ۾ مارجي ويو ترجمان موجب، پوليس جي حراست ۾ موجود جوابدار زمان ٽاٽي جي حدن اندر پوليس ٽيم تي فائرنگ دوران مارجي ويو ترجمان ٻڌايو ته پوليس ٽيم جوابدار جي نشاندهي ۽ ٻڌايل هنڌ تي سندس ڄاڻ موجب ڪٽي بازيابي لاءِ ڪيس وٺي وڃي رهي هئي ته ٻن موٽرسائيڪلن تي سوار سندس ڇهن ساٿين مبينا طور کيس آزاد ڪرائڻ جي ڪوشش ۾ پوليس پارٽي تي انڌاڌنڌ فائرنگ ڪئي ترجمان موجب، ساٿين جي فائرنگ ۾ حراست هيٺ جوابدار زخمي ٿي پيو جڏهن ته بلٽ پروف جيڪيٽن ۽ حفاظتي انتظامن سبب پوليس ٽيم محفوظ رهي، هن وڌيڪ ٻڌايو ته زخمي جوابدار کي طبي امداد لاءِ اسپتال منتقل ڪيو ويو جتي هو زخمن جا سور نه سهندي فوت ٿي ويو ترجمان چيو ته جوابدار لائبه اعجاز جي ڪيس ۾ نامزد هو لائبه اها شاگرديائي هئي، جنهن زمنا ٽاٽي جي حدن اندر آپگهات ڪيو هو جوابدار جي ٻين ساٿين کي گرفتار ڪرڻ لاءِ پڻ سرچ آپريشن جاري آهي هن ٻڌايو ته جوابدار جو هڪ ڀاءُ ۽ سندس سوٽ اڳ ئي جيل ۾ آهن. جڏهن ته انهن خلاف مانسهره جي سٽي ٿاڻي تي 85 لک رپين جي فراڊ جا ڪيس داخل ٿيل آهن. فوت ٿيل جوابدار ڄاڻايل ڪيس ۾ اشتهاري ڏوهاري هو ٻئي پاسي، پوليس مارجي ويل جوابدار وٽان فراڊ ذريعي ڦريل رقم جي بازيابي بابت ڪا به تفصيل ڏيڻ کان قاصر رهي.

بقايا *** 16

ٿرپارڪر جي پري پرانهين علائقي ناگرپارڪر ۾ پاڪستان رينجرز (سنڌ) ۽ ابتڪار راهه روشن اين جي او جي اشتراڪ سان مفت ميڊيڪل ڪيمپ منعقد ڪئي وئي، جتي 721 کان وڌيڪ مقامي مريضن جو طبي معائنو ڪيو ويو ڪيمپ ۾ پاڪستان رينجرز (سنڌ) ۽ اين جي او جي ماهر ڊاڪٽرن ۽ طبي عملي خدمتون سرانجام ڏنيون. جنرل ميڊيسن، آرٿوپيڊڪ، گائناڪالاجي، ڊرماٽالاجي ۽ ڊينٽل جي ماهر ڊاڪٽرن مقامي مريضن جو معائنو ڪيو. جڏهن ته کين مفت علاج ۽ دوائون به فراهم ڪيون ويون ميڊيڪل ڪيمپ دوران مريضن جا مختلف ليبارٽري ٽيسٽ به ڪيا ويا. علائقي جي ماڻهن پري پرانهين علائقي ناگرپارڪر ۾ مفت طبي سهولتن جي فراهمي تي پاڪستان رينجرز (سنڌ) ۽ ابتڪار راهه روشن اين جي او جو شڪريو ادا ڪيو.

بقايا *** 17

ال ٿيندڙ اوزارن تي پابندي لاڳو ڪري ڇڏي آهي جنهن جو باقاعده نوٽيفڪيشن به جاري ڪيو ويو آهي. جاري ڪيل نوٽيفڪيشن موجب پابندي 30 ڏينهن لاءِ ڳجهي طور تي تصويرون، وڊيو ۽ آواز رڪارڊ ڪندڙ اوزارن تي هوندي. ڳجهن ڪئمرائن واري عينڪ، پين، ڪي چين وغيره جي استعمال دڪانن ۽ آن لائن خريد، وڪرو تي پابندي هوندي. نوٽيفڪيشن موجب ڳجهي رڪارڊنگ وارن اوزارن سان شهرين جي زندگي، حساس جاين ۽ ٺڪاڻن جي سيڪيورٽي خطرا پيش اچي رهيا آهن. پابندي جو مقصد عورتن ۽ ٻارن جي عزت ۽ نجي زندگي جو تحفظ يقيني بڻائڻ آهي. انهي کان علاوه ليپ ٽاپ، ٽيبليٽس، موبائل فون ۽ پي ٽي اي کان منظور ٿيل ٽرمينل اوزار پابندي کان آجا قرار ڏنا ويا آهن.

بقايا *** 18

ڪميٽي سنڌ جو اهم مشاورتي اجلاس سنڌ اسيمبلي ڪراچيءَ جي ڪميٽي روم ون ۾ منعقد ٿيو جنهن ۾ صوبي اندر امن امان جي صورتحال، مذهبي هم آهنگي ۽ مختلف مذهبن توڙي مسلڪن وچ ۾ رواداريءَ کي هٿي وٺرائڻ بابت معاملن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي. اجلاس ۾ سيڪريٽري اوقاف آغا فاخر حسين، اسپيشل سيڪريٽري سيد عطا الله شاهه، چيف ايڊمنسٽريٽر اوقاف حيدرآباد مختيار علي ابڙو ۽ ڊائريڪٽر مذهبي معاملن شوڪت علي ابڙ موجود هئا. اجلاس ۾ شرڪت ڪندڙن صوبي اندر امن امان قائم رکڻ، مذهبي ۽ مسلڪي هم آهنگيءَ کي هٿي وٺرائڻ، مختلف مذهبن ۽ مڪتبه فڪر وچ ۾ باهمي احترام ۽ رواداريءَ کي مضبوط بڻائڻ بابت پنهنجن خيالن جو اظهار ڪيو اجلاس دوران صوبي ۾ پائيدار امن قائم ڪرڻ، باهمي رواداري ۽ عوامي اتحاد کي وڌيڪ مضبوط بڻائڻ بابت تفصيلي صلاح مشورا ڪيا ويا. ان موقعي تي سمورن شرڪت ڪندڙن ان عزم جو ورجاءُ ڪيو ته سنڌ ۾ امن امان جي فضا برقرار رکڻ ۽ سمورن مڪتبه فڪر وچ ۾ اتحاد ۽ يڳانگت کي هٿي وٺرائڻ لاءِ گڏيل ڪوششون جاري رکيون وينديون. اجلاس جي هڪ نمايان خصوصيت اها هئي ته ڊاڪٽر مفتي نعمان نعيم جي سربراهيءَ ۾ صوبي جي سمورن مڪتبه فڪر سان تعلق رکندڙ جليل القدر عالمن سڳورن، مختلف مدرسن ۽ مسجدن جي اڳواڻن، مذهبي ۽ مسلڪي اڳواڻن سان گڏ سک، عيسائي ۽ ٻين اقليتي مذهبن جي نمائندن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي، جيڪا سنڌ ۾ مذهبي رواداري ۽ ڀائيچاري جو هڪ بهترين مثال آهي. اجلاس جو مقصد مختلف مذهبي ۽ سماجي حلقن وچ ۾ رابطن کي هٿي وٺرائڻ ۽ گڏيل ڪوششن ذريعي معاشري ۾ امن، برداشت، ڀائيچاري ۽ هم آهنگيءَ جي فضا کي وڌيڪ مضبوط بڻائڻ هو صوبائي سهڪار امن ڪميٽيءَ جي پيغام ۾ ان ڳالهه تي زور ڏنو ويو ته پائيدار امن قائم ڪرڻ ۽ مذهبي هم آهنگيءَ کي هٿي وٺرائڻ لاءِ سمورن مڪتبه فڪر جي عالمن سڳورن، مذهبي اڳواڻن ۽ اقليتي برادرين جي نمائندن جو باهمي سهڪار انتهائي اهم آهي. اجلاس جي پڇاڙيءَ تي صوبائي وزير سيد رياض حسين شاهه شيرازي سمورن شرڪت ڪندڙن جي آمد ۽ قيمتي تجويزن جي آجيان ڪندي سندن ٿورا مڃيا ۽ ان عزم جو اظهار ڪيو ته سنڌ حڪومت سمورن طبقن کي گڏ کڻي صوبي ۾ امن ۽ مذهبي رواداريءَ جي فروغ لاءِ پنهنجو ڀرپور ڪردار ادا ڪندي رهندي.

بقايا *** 19

جاري ڪري ڇڏيو عدالت ايڊووڪيٽ جنرل خيبر پختونخوا ۽ اٽارني جنرل کي نوٽيس جاري ڪندي سمورن ڌرين کي 14 ڏينهن اندر جواب جمع ڪرائڻ جي هدايت ڪئي آهي. درخواستگذارن پنهنجي موقف ۾ چيو آهي ته صوبائي اسيمبليءَ جي منظوريءَ ڪانسواءِ ايمرجنسي لاڳو ڪئي وئي، جڏهن ته صدر وٽ ايمرجنسي لاڳو ڪرڻ لاءِ ڪي ٺوس ثبوت موجود نه هئا. درخواستگذارن اهو وڌيڪ چيو آهي ته صوبي ۾ آئين جي آرٽيڪل 245 تحت فوج طلب ڪئي وئي، جڏهن ته فوج کي سول انتظاميا جي مدد لاءِ گهرايو ويندو آهي. ٻڌڻيءَ دوران اسسٽنٽ اٽارني جنرل درخواستن جي ٻڌڻيءَ جوڳي هجڻ تي اعتراض واريو. عدالت ڌرين جا دليل ٻڌڻ ڪانپوءِ وڌيڪ ٻڌڻي 10 نومبر تائين ملتوي ڪري ڇڏي.

بقايا *** 20

سينيئر وزيرن تي ٻڌل ڪميٽي جوڙي آهي، جنهن ۾ ضياءُ الحسن لنجار، سعيد غني ۽ ناصر شاهه شامل آهن. ڪميٽي رپورٽ جو اڀياس ڪري ڪابينا کي آگاهه ڪندي، جڏهن ته جوڊيشل ڪميشن جيڪي سفارشون پيش ڪندي انهن تي عملدرآمد يقيني بڻايو ويندو هڪ بيان ۾ سينيئر وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو ته ڪنهن هڪ فرد جي غلطيءَ کي پوري کاتي جي غلطي قرار ڏيڻ زيادتي هوندي. اها ساڳي سنڌ پوليس آهي، جنهن وڏا وڏا ڪيس حل ڪري ڏيکاريا آهن. ڪراچي ۾ دهشتگردي، ٽارگيٽ ڪلنگ ۽ ڀتا خوري جا واقعا ٿيندا رهيا آهن. ۽ اهڙا واقعا رڳو ڪراچي ۾ ئي نه، پر پاڪستان ۽ سڄي دنيا ۾ به ٿيندا آهن. پوليس جو فرض آهي ته شفاف جاچ ڪري ۽ ذميوارن کي سزا ڏياري. اهو ڪيس پوليس لاءِ به هڪ سبق آهي ته آئنده جلدبازي بدران مڪمل جاچ ڪئي وڃي. ٽرانسپورٽ جي منصوبن بابت سنڌ جي سينيئر وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو ته ڪراچي ۾ اورنج لائن جو منصوبو تيار آهي، ريڊ لائن منصوبي ۾ يونيورسٽي روڊ تي ڪم هڪ وڏو چئلينج هو هاڻي يونيورسٽي روڊ تي شهرين کي وڌيڪ پريشانيءَ کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي، تنهن هوندي به غيرقانوني حد دخلين جا مسئلا موجود آهن. ريڊ لائن جو ڏکيو ۽ تڪليف ڏيندڙ ڪم مڪمل ٿي چڪو آهي، هاڻي اسٽيشنون ۽ ڊيپو تعمير ڪرڻا آهن. هن چيو ته يلو لائن تي ڪم شروع ٿيڻو آهي، جڏهن ته جام صادق پل جو ٻيو حصو به جلد مڪمل ٿي ويندو يلو لائن تي ڪم دوران به ٽريفڪ جا ڪجهه مسئلا پيدا ٿي سگهن ٿا، جنهن تي هو شهرين کان اڳواٽ معذرت خواهه آهي. هن چيو ته ڏيڍ سال جي تڪليف ڪانپوءِ شهرين کي سڄي زندگيءَ لاءِ سهولت ميسر ٿيندي ۽ بي آر ٽي لائينن ذريعي سڄو ڪراچي هڪ ٻئي سان ڳنڍجي ويندو جنهن سان شهرين کي اڄ وچ ۾ سهولت حاصل ٿيندي. شرجيل انعام ميمڻ چيو ته گرين لائن وفاقي حڪومت جو منصوبو هو. جيڪو سنڌ حڪومت حوالي ڪيو ويو. سنڌ حڪومت حوالي ٿيڻ ڪانپوءِ گرين لائن تي سفر ڪندڙن جي تعداد ۾ اضافو ٿيو آهي. اورنج لائن، ريڊ لائن ۽ يلو لائن سنڌ حڪومت جا منصوبا آهن. هن چيو ته نومبر ۾ وڏي تعداد ۾ ڊبل ڊيڪر بسون ڪراچي پهچي رهيون آهن. مسلسل محنت ڪانپوءِ ڪراچي جو ٽرانسپورٽ جو مسئلو حل ٿي رهيو آهي ۽ شهرين کي بهتر سفري سهولتون فراهم ڪيون پيون وڃن. عورتن لاءِ سفري سهولتن ۽ کين بااختيار بڻائڻ جي قدمن بابت شرجيل انعام ميمڻ چيو ته عورتن لاءِ پنڪ بسون هلايون پيون وڃن ۽ کين مفت پنڪ اسڪوٽيون فراهم ڪيون پيون وڃن. هڪ سال اڳ سڄي سنڌ ۾ رڳو 125 عورتن وٽ موٽر سائيڪل هلائڻ جا لائسنس هئا، جڏهن ته اڄ 50 هزار عورتون موٽر سائيڪل جي لائسنس لاءِ درخواست ڏئي چڪيون آهن ۽ هينئر تائين 25 هزار کان وڌيڪ عورتن کي لائسنس جاري ڪيا ويا آهن. سنڌ ۾ جاري ترقياتي منصوبن بابت شرجيل انعام ميمڻ چيو ته سنڌ جي وڏي وزير جي هدايت تي هرهنڌ ترقياتي منصوبا جاري آهن. شاهراهه ڀٽو هڪ جديد ترين ۽ معياري منصوبو آهي. ڪراچي پورٽ کان ڪورنگي تائين روڊ تعمير ڪيو پيو وڃي، جڏهن ته ٽرانسپورٽ ڪاٽي پاران ناردرن بائي پاس ويجهو ٽرڪ اسٽينڊ به تعمير ڪيو پيو وڃي. هن وڌيڪ چيو ته پاڻي کي صاف ڪري استعمال لائق بڻائڻ جو منصوبو شروع ٿي چڪو آهي. ڪراچي ۾ صفائيءَ جي صورتحال بابت شرجيل انعام ميمڻ چيو ته شهر ۾ صفائيءَ جو مسئلو لڳ ڀڳ 95 سيڪڙو حل ٿي چڪو آهي. ڪراچي هڪ تمام وڏو شهر آهي، تنهن ڪري حالتن کي وڌيڪ بهتر ٿيڻ ۾ ڪجهه وقت لڳندو.

بقايا *** 21

هڪ جوڙي سان گڏ موجود ننڍڙي ڇوڪري سامونڊي لهرن جي ورچڙهندي نظر اچي ٿي، پر هڪ واٽهڙوءَ وقت تي مداخلت ڪري ڇوڪريءَ کي لهرن مان ڪڍي ورتو وائرل وڊيو موجب هڪ مرد ۽ عورت ڪناري تي هلندي پنهنجي وڊيو ٺاهڻ ۾ مصروف هئا ته سندن ساڻ موجود ڇوڪري اوچتو ريتيءَ تي ڪري پئي، جنهن ڪانپوءِ سامونڊي لهرن کيس پنهنجي ور ۾ ورتو وڊيو ۾ بظاهر جوڙو رڪارڊنگ ۾ مصروف نظر اچي ٿو وڊيو شيئر ڪندڙ عورت مريم جي دعويٰ موجب هڪ واٽهڙوءَ صورتحال جي سنگينيءَ کي ڀانپيندي فوري طور ڇوڪريءَ کي لهرن مان ٻاهر ڪڍي ورتو وڊيو سامهون اچڻ ڪانپوءِ سوشل ميڊيا صارفين ٻارن جي حفاظت بابت پريشاني جو اظهار ڪندي سوال اٿاريو ته ڇا سماجي ذريعن لاءِ وڊيوز ٺاهڻ جون سرگرميون ٻارن جي نگرانيءَ تي اثرانداز ٿي رهيون آهن. ڪجهه صارفين وڊيو کي اڳواٽ ٺهيل قرار ڏنو پر واقعي جي هنڌ، تاريخ ۽ وڊيو جي صداقت جي آزاد تصديق نه ٿي سگهي.

بقايا *** 22

ي چانگ جي ماءُ ۽ پيپلز پارٽي سٽي ميل جي صدر الهوسايو لنڊ جي وفات تي ڏاڍو ڏک ۽ افسوس جو اظهار ڪيو آهي پنهنجي تعزيتي پيغام ۾ بلاول ڀٽو زرداري عبدالغني چانگ سميت سيني سوڳوار گهروارن سان دلي تعزيت ۽ همدردي جو اظهار ڪندي مرحومه جي درجن جي بلنديءَ ۽ جنت الفردوس ۾ اعليٰ مقام لاءِ دعا ڪئي چيئرمين پيپلز پارٽيءَ الهوسايو لنڊ جي وفات تي به سندس گهروارن سان تعزيت جو اظهار ڪيو هن چيو ته مرحوم پارٽيءَ جو وفادار ڪارڪن هو ۽ پيپلز پارٽيءَ لاءِ سندس خدمتون هميشه ياد رکيون وينديون بلاول ڀٽو زرداري ٻنهي سوڳوار خاندانن لاءِ صبر جميل ۽ همٿ جي دعا به ڪئي.

بقايا *** 23

يران سان واپارڪندڙ واپارين دعويٰ ڪئي آهي ته ايران کان درآمدات اڃا بند آهن. جڏهن ته برآمدات لاءِ سرحد عارضي طور کولي وئي آهي. بي بي سي اردو جي رپورٽ موجب، بلوچستان جي سرحدي ضلعن ڪيچ ۽ چاغي جي ٻن سرڪاري اهلڪارن نالو ظاهر نه ڪرڻ جي شرط تي تصديق ڪئي آهي ته سرحد برآمدات لاءِ عارضي طور کوليو ويو آهي، پر ان حوالي سان سرڪاري سطح تي ڪو نوٽيفڪيشن جاري ناهي ٿيو گوادر جي گبد-ريمدان سرحد تي پاڪستاني واپارين جي تنظيم جي چيئرمين عبدالغفور هوت ٻڌايو ته اڳاري ڏينهن منجهند ڪانپوءِ پاڪستاني اختيارين سرحد رڳو برآمدات لاءِ کولي، جڏهن ته ايران کان درآمدات تي پابندي برقرار آهي. هن مطالبو ڪيو ته درآمدات لاءِ به سرحد کولي وڃي ۽ اميد ظاهر ڪئي ته ايندڙ هڪ ٻن ڏينهن ۾ اها سهولت بحال ٿي ويندي. ايران جي گهرو وزارت جي ترجمان علي زيني وند چيو آهي ته پاڪستان سان سرحدي ڏي وٺ جاري آهي ۽ ان ۾ ڪا رنڊڪ ناهي. سندس چوڻ هو ته، ڪجهه فني، بنيادي ڍانچي ۽ مالي نظام سان لاڳاپيل مسئلا آهن، جن کي حل ڪرڻ جي ضرورت آهي. رپورٽ موجب، پاڪستاني اختيارين ڇنڇر ڏينهن ايران سان سرحدي واپار بند ڪري ڇڏيو هو جنهن سبب ٻنهي پاسن کان وڏي انگ ۾ مال بردار گاڏيون ڦاسي پيون هيون. ان کان اڳ ايراني نيم سرڪاري خبرو اداري فارس دعويٰ ڪئي هئي ته سرحدون ٻيهر کولڻ بابت اعلان باوجود اڳاري جي رات تائين سرحدي گذرگاهون بند هيون. گوادر چيمبر آف ڪامرس جي اڳوڻي صدر شمس الحق موجب، ايران کان درآمدات بند ٿيڻ سبب ايل پي جي کڻي ايندڙ سوين گاڏيون ايراني پاسي بيٺل آهن. هن چيو ته ايل پي جي جي فراهمي متاثر ٿيڻ سبب ڪراچي، لاهور سميت مختلف شهرن ۾ طلب ۽ رسد جو فرق وڌيو آهي، جنهن ڪري قيمتن ۾ به اضافو ٿيو آهي. چاغي ضلعي جي سرحدي شهر تفتان سان تعلق رکندڙ واپاري اڳواڻ حاجي شوڪت عيسيٰ زئي دعويٰ ڪئي ته پاڪستان لاءِ ايل پي جي کڻي ايندڙ لڳ ڀڳ 1500 گاڏيون ايران واري پاسي بيٺل آهن. سندس چوڻ هو ته پاڪستان ۾ ايل پي جي جي استعمال جو 80 سيڪڙو ايران تي ڀاڙي ٿو واپارين خدشو ظاهر ڪيو آهي ته جيڪڏهن ايران سان سرحدي واپار وڌيڪ وقت بند رهيو ته ملڪ ۾ ايل پي جي جو بحران شدت اختيار ڪري سگهي ٿو.

بقايا *** 24

يو ضلعي آفيسر سي سي ڊي دعويٰ ڪئي آهي ته جوابدار جسماني رمانڊ دوران پوليس حراست مان فرار ٿي ويو هو. سي سي ڊي موجب، پوليس بهاولپور جي ناردرن باءِ پاس تي موٽرسائيڪل سوار ٻن ڄڻن کي روڪڻ جي ڪوشش ڪئي، جنهن تي جوابدارن فرار ٿيڻ دوران پوليس تي فائرنگ ڪئي. پوليس جي دعويٰ موجب، فائرنگ دوران جوابدار توقير پنهنجي ئي ساٿيءَ جي گولي لڳڻ سبب مارجي ويو. جڏهن ته سندس ساٿي فرار ٿيڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو. واضح رهي ته جوابدار توقير گذريل ڏينهن ڪار جي ٽڪر سان 15 ورهين جي نينگر وسيم عباس کي ڇيپائي ڇڏيو هو رپورٽن موجب، يتيم نينگر جوابدار جي غير انساني رويي کان تنگ ٿي سائڪل ڪم ڪرڻ کان انڪار ڪيو هو. جوابدار توقير نذير کي جوڊيشل مئجسٽريٽ ڇهن ڏينهن جي جسماني رمانڊ تي پوليس حوالي ڪيو هو. عدالت ۾ پيشيءَ دوران وڪيلن پڻ جوابدار کي تشدد جو نشانو بڻايو هو.

بقايا *** 25

جي نتيجي ۾ 10 مسافر فوت جڏهن ته عورتن ۽ ٻارن سميت 32 ڄڻا زخمي ٿي پيا. ريسڪيو 1122 موجب حادثي جي اطلاع ملندي ئي امدادي ٽيمون واقعي واري هنڌ پهچي ويون، فوت ٿي ويل ماڻهن جا لاش ۽ زخمين کي منتقل ڪرڻ جي لاءِ امدادي ڪارروايون شروع ڪيون ويون. ريسڪيو اختيارين جو چوڻ آهي ته حادثي ۾ زخمي ٿيندڙ 20 مسافرن کي اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي، جڏهن ته معمولي زخمي ٿيل 12 ڄڻن کي حادثي واري جڳهه تي ئي طبي امداد ڏني وئي. حادثي سبب علائقي ۾ امدادي سرگرميون جاري آهن. جڏهن ته زخمين کي طبي سهولتون فراهم ڪرڻ جي لاءِ قدم کنيا ويا. پنجاب جي وزيراعليٰ مريم نوازشريف راجنپور جي پرسان بس حادثي ۾ قيمتي انساني حياتين جي نقصان تي گهري ڏک ۽ افسوس جو اظهار ڪندي زخمي مسافرن کي بهترين علاج جو حڪم ڏنو.

بقايا *** 26

جنهن ۾ مختلف شعبن ۾ تعاون وڌائڻ تي اتفاق ڪيو ويو ترجمان پرڏيهي آفيس موجب وزير خارجه مالديپ جي صدر ۽ سندس وفد جو پاڪستان اچڻ تي پرتپاڪ ڀليڪار ڪيو اسحاق ڊار صدر مملڪت ۽ وزيراعظم طرفان مالديپ جي صدر ڏانهن نيڪ خواهشن جا پيغام پهچايا. وزير خارجه مالديپ سان ديرينه برادرانه لاڳاپن جي واڌاري لاءِ پاڪستان جي عزم کي ورجايو ترجمان موجب ملاقات دوران ٻنهي ملڪن جي وچ ۾ واپار، سيڙپڪاري، تعليم، موسمياتي تبديلي ۽ سياحت ۾ تعاون وڌائڻ تي اتفاق ڪيو ويو پرڏيهي آفيس جي ترجمان موجب اسحاق ڊار مالديپ جي واپاري وفد جي مالديپ پاڪستان بزنس فورم ۾ شرڪت جو ڀليڪار ڪيو مالديپ جي صدر ڊاڪٽر محمد معيزو پنهنجي ۽ پنهنجي وفد جي پرتپاڪ استقبال ۽ مهمان نوازيءَ کي ساراهيو ان کان اڳ مالديپ جي صدر ڊاڪٽر محمد معيزو جي اعزاز ۾ وزيراعظم هائوس ۾ باضابطه استقباليه تقريب منعقد ڪئي وئي. وزيراعظم شهباز شريف وزيراعظم هائوس پهچڻ تي معزز مهمان جو پرتپاڪ استقبال ڪيو ٻنهي اڳواڻن جي وچ ۾ هٿ ملائڻ ۽ خوشگوار جملن جو تبادلو ٿيو استقباليه تقريب جي شروعات ۾ ٻنهي ملڪن جا قومي ترانا وڄايا ويا، هٿيارٻند فوجن جي چاق ۽ چوبند دستي معزز مهمان کي سلامي ڏني ۽ گارڊ آف آنر پيش ڪيو مالديپ جي صدر ڊاڪٽر محمد معيزو گارڊ آف آنر جو معائنو به ڪيو وزيراعظم شهباز شريف مالديپ جي صدر سان پنهنجي ڪابينا جي ميمبرن جو تعارف ڪرايو جڏهن ته ڊاڪٽر محمد معيزو شهباز شريف سان پنهنجي وفد جي ميمبرن جو تعارف ڪرايو مالديپ جي صدر ڊاڪٽر محمد معيزو وزيراعظم هائوس جي سبزه زار ۾ ٻوٽو به پوکيو ان موقعي تي ٻنهي ملڪن جي ترقي ۽ عوام جي خوشحالي لاءِ خاص دعا ڪئي وئي.

بقايا *** 27

مد سهيل محفوظ ڪيل فيصلو ٻڌائيندي ڏوهي افتخار کي ڦاهي جي سزا ٻڌائي ۽ ساڳئي وقت 5 لک روپيا ڏنڊ ڀرڻ جو حڪم به جاري ڪيو عدالت 10 لک روپيا متاثر ڇوڪريءَ کي ادا ڪرڻ جو به حڪم ڏنو آهي عدالتي فيصلي موجب زيادتيءَ جي نتيجي ۾ پيدا ٿيندڙ ٻار جي ڪفالت لاءِ ڏوهيءَ کي 20 لک روپيا ادا ڪرڻ جو حڪم ڏنو ويو آهي. فيصلي ۾ ٻڌايو ويو ته ڏوهي پنهنجي سوٽي ڌيءَ سان ماءُ جي غير موجودگيءَ ۾ هڪ سال تائين مسلسل زيادتي ڪندو رهيو عدالتي فيصلي ۾ واضح ڪيو ويو ته پنجاب فارنزڪ سائنس ايجنسي جي ڊي اين اي ٽيسٽ مان اهم ثبوت مليا ۽ پيدا ٿيندڙ ٻار جو ڊي اين اي ڏوهيءَ سان ميچ ڪري ويو هو واقعي جو ڪيس فيبروري 2025 ع ۾ متاثر ڇوڪريءَ جي ماءُ جي مدعيت ۾ ٿاڻي شهزاد ٽائون ۾ داخل ڪيو ويو هو.

بقايا *** 28

ي مهيسر ۽ راندين جي ڊائريڪٽر ڊاڪٽر اسد اسحاق ايونٽ جو افتتاح ڪيو افتتاحي تقريب ۾ ڪاليجز جي ڊائريڪٽر گلاب راءِ، ضلع وسطي جي ڊي ايس او حاجرا نواب، اسڪولن، ڪالجن ۽ يونيورسٽين جي نمائندن سميت ٻين لاڳاپيل شخصيتن شرڪت ڪئي. راندين واري کاتي جي سيڪريٽري منور علي مهيسر موجب، ڪراچي جي ستن ضلعن (ڏکڻ، اوڀر، اولهه، وسطي، ڪورنگي، ملير ۽ ڪياماڙي) سان تعلق رکندڙ 16 عورتن جي ٽيمن جا 300 رانديگر هن ڪرڪيٽ ڪپ ۾ حصو وٺي رهيا آهن. هي ايونٽ خميس 22 آڪٽوبر تائين جيفڪو ڪرڪيٽ گرائونڊ، نارٿ ناظم آباد ۾ جاري رهندو منور علي مهيسر چيو ته سنڌ جي راندين واري وزير سردار محمد بخش مهر جي هدايتن تي پنڪتوبر هفتو ملهايو پيو وڃي، جنهن تحت ويمنز ڪرڪيٽ ڪپ کي منعقد ڪرڻ جو مقصد عورتن ۾ راندين کي هٿي ڏيڻ، صحت بابت آگاهي ۽ مثبت سرگرمين کي هٿي وٺرائڻ آهي. هن ايونٽ ذريعي عورت رانديگرن کي پنهنجي صلاحيتن جي اظهار، حوصلي افزائي ۽ ڪرڪيٽ ۾ نئين ٽيلينٽ کي سامهون آڻڻ جا موقعا فراهم ڪيا پيا وڃن. هن وڌيڪ چيو ته تعليمي ادارن ۾ پڙهندڙ شاگردياڻين کي راندين جا هڪجهڙا موقعا فراهم ڪرڻ هڪ صحتمند، متحرڪ ۽ بااعتماد معاشري جي تعمير طرف اهم قدم آهي. اهڙا مقابلا عورت رانديگرن جي صلاحيتن کي نکارڻ، خوداعتمادي ۾ واڌاري ۽ کين قومي توڙي بين الاقوامي سطح تي ملڪ جي نمائندگي لاءِ تيار ڪرڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪن ٿا.

بقايا *** 29

انسداد دهشتگردي عدالتن جي ججن جي مقرر مدي کان اڳ عهدي تان هٽائڻ جو حڪومتي نوٽيفڪيشن غير قانوني قرار ڏئي ڇڏيو ۽ ان بابت سنڌ هاءِ ڪورٽ جو فيصلو ڪالعدم ڪري ڇڏيو سنڌ هاءِ ڪورٽ جي فيصلي کي ڪالعدم قرار ڏيندي جسٽس ڪي ڪي آغا جي لکيل 15 صفحن تي مشتمل فيصلي ۾ چيو ويو آهي ته ترميمي ايڪٽ ۾ نه ته ڪا واضح شق موجود آهي ۽ نه ئي اهڙو ڪو لازمي اشارو ملي ٿو جنهن مان معلوم ٿئي ته نئين مقرر ڪيل جمار جي حد جو اطلاق ان جي نفاذ کان اڳ هڪ مقرر مدي لاءِ ڪيل مقررين تي ٿئي ٿو عدالت چيو ته 65 سالن جمار جي حد مقرر ڪندڙ قانوني ترميم جو اطلاق ترميم کان اڳ مقرر ٿيندڙ ججن جي ملازمت ختم ڪرڻ لاءِ نٿو ڪري سگهجي جسٽس حسن اظهر رضوي ۽ جسٽس ڪريم خان آغا تي مشتمل ٻن رڪني بينچ منظور ياسين جي اپيل منظور ڪري ورتي.

بقايا *** 30

دار ادا ڪري سگهي ٿو وفاقي آئيني عدالت طرفان جاري پڌرائي موجب چيف جسٽس، جسٽس امين الدين خان آذربائيجان جي سرڪاري دوري تي آهي جتي هن گادي واري شهر باڪو ۾ ترڪ دنيا جي آئيني عدالتن جي عالمي تنظيم (ترڪ اي وائي) جي اهتمام هيٺ منعقد عالمي گول ميز اجلاس کي خطاب ڪيو اجلاس جو موضوع آئيني عدالتن جي ڪارڪردگي ۾ مصنوعي ذهانت جو ڪردار هو اجلاس ۾ آذربائيجان، پاڪستان، ترڪيه، ازبڪستان، قازقستان، ڪرغزستان ۽ قبرص جي آئيني عدالتن جي سربراهن، ججن ۽ اعليٰ عملدارن شرڪت ڪئي جڏهن ته وفاقي آئيني عدالت پاڪستان جي رجسٽرار محمد حفيظ الله خان به اجلاس ۾ شريڪ هو پڌرائي موجب ترڪ دنيا جي آئيني عدالتن جي عالمي تنظيمن جولاءِ 2026 ع ۾ وفاقي آئيني عدالت پاڪستان جي مبصر جو درجو ڏنو هو جنهن ڪانپوءِ چيف جسٽس امين الدين خان کي ان اجلاس ۾ شرڪت جي خاص دعوت ڏني وئي. اجلاس جي پڇاڙي تي چيف جسٽس، جسٽس امين الدين خان شرڪت ڪندڙن ۾ يادگاري شيلڊز ۽ پاڪستاني ثقافت جي عڪاسي ڪندڙ تحفا ورهايا. هن آذربائيجان جي آئيني عدالت جي چيئرمين ڊاڪٽر فرهاد عبدالله کي پاڪستان جي دوري جي دعوت به ڏني، جنهن کي هن قبول ڪري ورتو چيف جسٽس اجلاس کان اڳ باڪو ۾ وڪٽري مونومينٽ ۽ آذربائيجان جي قومي اڳواڻ حيدر عليوف جي يادگار تي حاضري ڀري ۽ گل رکيا. پڌرائي موجب چيف جسٽس امين الدين جو آذربائيجان جو دورو 24 آڪٽوبر 2026 ع تائين جاري رهندو هي دورو ٻنهي ملڪن وچ ۾ عدالتي تعاون، تجربن جي مٽاسٽا ۽ آئيني انصاف جي شعبي ۾ گڏيل رابطن کي هٿي ڏيڻ اهميت رکندڙ آهي.

بقايا *** 31

پوليس دعويٰ ڪئي آهي. پوليس موجب، اڳوٽي وڏي منشي فهمر انڙ جي نشاندهي تي پوليس لائين جي سرڪاري ڪوارٽر پرسان زمين ۾ پوريل سون هٿ ڪيو ويو.

بقايا *** 32

ڪنٽرول ڊپارٽمينٽ (سي سي ڊي) سان مبينا مقابلي دوران مارجي ويو سي سي ڊي جي ترجمان موجب، توقير نالي جوابدار مبينا طور جسماني رمانڊ دوران پوليس جي حراست مان فرار ٿي ويو هو ملتان جي عدالت جوابدار جو ٽن ڏينهن جو جسماني رمانڊ پوليس حوالي ڪرڻ جو حڪم ڏنو هو جوابدار تي الزام هو ته هن هڪ خانگي هائوسنگ سوسائٽي ۾ پاڻ وٽ ڪم ڪندڙ ڇوڪري کي گاڏي سان ٽڪر هڻي ماريو هو جوابدار کي سومر ڏينهن گرفتار ڪيو ويو هو ۽ جوڊيشل مئجسٽريٽ سعديه اسلم جي عدالت ۾ پيش ڪيو ويو هو ترجمان موجب، سي سي ڊي جي اهلڪارن بهاولپور جي ناردرن باءِ پاس تي موٽرسائيڪل تي سوار ٻن ڄڻن کي روڪڻ جي ڪوشش ڪئي، جنهن دوران فائرنگ جي ڏي وٺ ٿي. نتيجي ۾ جوابدار مارجي ويو اڳاري ڏينهن پوليس جاچ لاءِ جوابدار جي 14 ڏينهن جي جسماني رمانڊ جي درخواست ڪئي هئي، پر جوڊيشل مئجسٽريٽ پوليس کي ٽن ڏينهن جو رمانڊ ڏنو ان موقعي تي ملتان سٽي پوليس آفيسر (سي پي او) اختر فاروق ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو هو ته ٻئي جوابدار کي گرفتار ڪرڻ لاءِ ڇاپا هنيا پيا وڃن، سي پي او چيو ته "اسان سڀ گهري ڏک ۾ آهيون." هن وڌيڪ چيو ته يتيم ڇوڪري سان "وحشياڻو سلوڪ" ڪيو ويو واقعي جي سي سي ٽي وي فوٽيج ۾ ڏيکاريو ويو ته ٻار فوت ٿي ويو واقعي جو ڪيس رياست جي فرياد تي ملتان جي ڊي ايڇ اي ٿاڻي تي داخل ڪيو ويو فرسٽ انفارميشن رپورٽ (ايف آءِ آر) ۾ ٻن جوابدارن جا نالا شامل ڪيا ويا ۽ پاڪستان پينل ڪوڊ جي قلم 302 (ارادي سان قتل) ۽ قلم 34 (گڏيل ارادي تحت ڪيترن ئي ماڻهن پاران ڪيل عمل) تحت ڪيس داخل ڪيو ويو ايف آءِ آر موجب، نوجوان ڇوڪرو جوابدارن وٽ ڪم ڪندو هو ۽ کيس اليڪٽريشن جو ڪم سيکاريو پئي ويو ايف آءِ آر ۾ ڄاڻايو ويو ته ڇوڪري جي سوٽ پوليس کي ٻڌايو ته کيس مبينا طور جوابدارن تشدد جو نشانو بڻايو هو ۽ ڌمڪيون پڻ ڏنيون هيون. رپورٽ موجب، 14 ورهين جو ڇوڪرو جڏهن ڀڄڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هو ته جوابدارن گاڏي ۾ سندس پٺيان وڃي کيس ٽڪر هنيو ايف آءِ آر ۾ وڌيڪ ڄاڻايو ويو ته پوليس هڪ جوابدار کي گرفتار ڪري ورتو جڏهن ته ٻيو فرار ٿي ويو رپورٽ موجب، جوابدارن جي گاڏي پڻ تحويل ۾ ورتي وئي.

بقايا *** 33

ڪ مشهور ماڊل ۾ سيڪيورٽي خامين جو انڪشاف ڪندي خبردار ڪيو آهي ته انهن خامين سبب گودامن ۽ اي ڪامرس جي ترسيلي زنجير جي ڪمپيوٽر نيٽ ورڪن کي سائبر حملن جو خطرو لاحق ٿي سگهي ٿو ڪمپنيءَ موجب انهن خامين ذريعي حملو ڪندڙ غير مجاز طور گودامن جي نيٽ ورڪ تائين رسائي حاصل ڪري سامان جي ترسيل ۽ ڪاروباري سرگرمين کي متاثر ڪري سگهن ٿا ڪيسپرسڪي جي محققن گودامن ۾ استعمال ٿيندڙ مختلف آلات جو جائزو وٺڻ دوران هڪ وڏي اداري جي تيار ڪيل بارڪوڊ اسڪينر ۾ سيڪيورٽي جي خامي دريافت ڪئي. تحقيق موجب عام طور وائرليس بارڪوڊ اسڪينر هڪ بيس اسٽيشن سان ڳنڍيل هوندو آهي.

بقايا *** 34

600 رپيا في ڪلو ٿي وئي آهي. آئل اينڊ گئس ريگيوليٽري اٿارٽي (اوگرا) آڪٽوبر 2026 ع لاءِ ايل پي جي جي سرڪاري قيمت 279 رپيا 34 پئسا في ڪلو مقرر ڪئي آهي. ٻئي پاسي، ايل پي جي ڊسٽريبيوٽرز ايسوسيئيشن جي چيئرمين عرفان کوکر پنهنجي بيان ۾ چيو آهي ته اوگرا آڪٽوبر مهيني لاءِ ايل پي جي جي قيمت 279 رپيا في ڪلو مقرر ڪئي آهي، پر مارڪيٽ ۾ ان کان گهڻي اگهه تي وڪرو ٿي رهي آهي. هن ٻڌايو ته پنجاب ۽ خيبر پختونخوا ۾ ايل پي جي جي 500 رپيا في ڪلو وڪرو ٿي رهي آهي، جڏهن ته جابلو علائقن ۾ ان جو اگهه 600 رپيا في ڪلو تائين پهچي ويو آهي. عرفان کوکر الزام لڳايو ته ايل پي جي جي اگهن ۾ واڌ ۽ مبينا طور اربين رپين جي ڦرلٽ باوجود اوگرا خاموش تماشائي بڻيل آهي.

بقايا *** 35

بحال ڪئي وئي آهي. واٽر ڪارپوريشن جي ترجمان موجب گذريل شام عزيز ڀٽي پارڪ پرسان پاڻي جي مين لائين جو ايئر والو ليڪ ٿي ويو هو جنهن جي اطلاع ملندي ئي مرمتي ڪم شروع ڪيو ويو مرمت مڪمل ٿيڻ ڪانپوءِ صفورا، جناح، لياري، صدر، ڪلفٽن، بلديا ۽ ڪياماڙي سميت متاثر علائقن ۾ پاڻي جي فراهمي بحال ڪئي وئي آهي. ترجمان جو چوڻ هو ته واٽر ڪارپوريشن شهرين کي پاڻي جي فراهمي دوران پيش ايندڙ ڏکيائين کي گهٽائڻ ۽ پاڻي جي لائينن ۾ خرابين جي بروقت مرمت کي يقيني بڻائڻ لاءِ ڪوششون جاري رکي رهيو آهي.

بقايا عوامي سوچ 01

گريو، سرور منگريو، امداد منگريو ۽ ياسين منگريو سميت 15 ڪان 20 ڄڻا مبينا طور زبردستي سندس گهر ۾ داخل ٿيا، جتي مٿس، سندس والده سردار خاتون، گهر ڀاتين ۽ ٻارن تي لٺين سان تشدد ڪيو ويو. متاثر شهري موجب واقعي دوران جوابدار مبينا طور سندس ريڊمي موبائل فون ۽ هڪ لک 10 هزار رپيا روڪ رقم به ڪٽي ويا. هن ٻڌايو ته واقعي ڪانپوءِ 19 آڪٽوبر تي صالح پٽ ٿاڻي تي اين سي داخل ڪرائي، پر سندس چوڻ موجب پوليس طرفان ڪا اثرائتي ڪارروائي نه ڪئي وئي. ارباب علي وڌيڪ دعويٰ ڪئي ته 20 آڪٽوبر تي هن ڀيهر صالح پٽ ٿاڻي جي ايس ايچ او کي واقعي بابت آگاهه ڪيو، ڪارروائي لاءِ وڃڻ باوجود ڪيس ٻڌايو ته ڄاڻايل جوابدار ڌرجي ماڻهن جي گهر ۾ ڪو به موجود نه هو. جڏهن ته متاثر شهري جي دعويٰ آهي ته پاڻ وڃي ڏسڻ دوران ڪيس لڳ ڀڳ 15 ڪان 20 ڄڻا گهر جي اوطاق ۾ وينل نظر آيا. متاثر شهري پوليس جي مبينا لاپرواهي ۽ رشوت طلب ڪرڻ جا الزام پڻ لڳائيندي شڪايت ڪئي آهي ته ڪيس طبي امداد لاءِ ليٽر ڏيڻ کان انڪار ڪيو ويو، جنهن سبب ڪيس علاج ڪرائڻ ۾ ڏکيائين کي منهن ڏيڻو پيو. ارباب علي سنڌ جي آءِ جي، ڊي آءِ جي سکر ۽ ايس ايس پي سکر کان مطالبو ڪيو آهي ته واقعي جو فوري نوٽيس وٺي غيرجانبدار جاچ ڪرائي وڃي، نامزد ڪيل ماڻهن خلاف قانون موجب ڪارروائي ڪئي وڃي ۽ مبينا طور ڦر ڪيل موبائل فون ۽ روڪ رقم واپس ڪرائي وڃي. هن لاڳاپيل اختيارين کان اهو به مطالبو ڪيو ته طبي امداد جو ليٽر نه ڏيڻ ۽ پوليس جي مبينا لاپرواهي توڙي رشوت خوري جي الزامن جي ڪاتي وار جاچ ڪرائي، ذميوارن خلاف قانوني ڪارروائي ڪئي وڃي ۽ ڪيس، سندس والده ۽ ٻين گهر ڀاتين کي تحفظ فراهم ڪري انصاف ڏياريو وڃي

بقايا عوامي سوچ 02

جي پيرسن پيءُ عزيز خانيو کي قتل ڪري ڇڏيو. واقعي ڪانپوءِ جوابدار فرار ٿي ويو. اطلاع موجب واقعي ڪانپوءِ ڳوٺاڻن مقتول عزيز خانيو جو لاش رورل هيلٿ سينٽر ڳهارو منتقل ڪيو، جتي لاش جو پوسٽ مارٽم جاري هو. ٻئي طرف مقتول جي ڀاءُ قيوم خانيو الزام هنيو آهي ته سندس ڀاءُ عزيز خانيو کي مخالف ڌرجي ماڻهن پنهنجي پٽ کي استعمال ڪري قتل ڪرايو آهي. هن لاڳاپيل اختيارين کان مطالبو ڪيو ته واقعي جي شفاف جاچ ڪري سندس الزام ۾ نامزد مخالفن کي به جاچ ۾ شامل ڪيو وڃي، جيئن اصل حقيقتون سامهون اچي سگهن. واقعي بابت وڌيڪ تفصيل ۽ پوليس جي باضابطه موقف جو انتظار آهي.

بقايا عوامي سوچ 03

خاص، ٽنڊوالهيار ۽ سانگهڙ جي مختلف برادرين پاران ٻئي ڏينهن به جي ڊي اي اڳواڻ محمد خان جوڻيجو خلاف احتجاج جو سلسلو جاري رکيو ويو. ميرپورخاص ۾ مري، خاصخيلي سميت راجوٽي اتحاد ۾ شامل برادرين جا سوين ماڻهو سيد عبدالله شاهه جي حق ۾ نعريبازي ڪندا روڊن تي نڪري آيا. جڏهن ته اردو ڳالهائيندڙ سنڌي، پنجابي ۽ پٺاڻ برادرين جي ماڻهن پڻ وڏي انگ ۾ شرڪت ڪري يڪجهتي جو اظهار ڪيو. احتجاج ڪندڙن چيو ته سيد عبدالله شاهه هميشه محبت، ڀائيچاري ۽ امن جو درس ڏنو آهي، جڏهن ته محمد خان جوڻيجو پاران مبينا طور نامناسب لفظ استعمال ڪرڻ سان لکين عقيدتمندن جي دل آزاري ٿي آهي. هنن مطا

بقايا عوامي سوچ 04

م جي پي ايس اسڪول جي عمارت زبون حال هجڻ سبب اسڪول ۾ تعليم حاصل ڪندڙ معصوم ٻارن جي زندگين کي خطرو پيدا ٿي ويو آهي. اسڪول جي عمارت جي خراب حالت سبب ڪنهن به وقت اڻ وڻندڙ واقعو پيش اچڻ جو خدشو آهي. ڳوٺاڻن جو چوڻ آهي ته اسڪول جي زبون حال عمارت بابت ڊپٽي ڪمشنر بدين ۽ لاڳاپيل ادارن کي لکت ۾ درخواستون پڻ ڏنيون آهن، پر افسوس جو اڃا تائين ڪو به عملي قدم نه کنيو ويو آهي. ڳوٺاڻن اعليٰ اختيارين، ڊپٽي ڪمشنر بدين ۽ تعليم کاتي جي عملدارن کي اپيل ڪئي آهي ته اسڪول جي عمارت جي فوري طور تي جانچ ڪرائي وڃي ۽ ٻارن جي زندگين کي محفوظ بڻائڻ لاءِ هنگامي بنيادن تي قدم کنيا وڃن. هنن مطالبو ڪيو ته اسڪول جي عمارت جي مرمت يا ضرورت موجب نئين عمارت جي تعمير لاءِ ترت قدم کنيا وڃن، جيئن سنڌن ٻار محفوظ ماحول ۾ تعليم حاصل ڪري سگهن. ڳوٺاڻن جو چوڻ آهي ته اسان جي ٻچن جون زندگيون بچايون وڃن ۽ سنڌن تعليم تي رحم ڪيو وڃي. اختيارين کي گهرجي ته ڪنهن به اڻ وڻندڙ واقعي جو انتظار ڪرڻ بدران فوري نوٽيس وٺي اسڪول جي عمارت جو مسئلو حل ڪن. هاڻي ڏسڻو اهو آهي ته ڊپٽي ڪمشنر بدين ۽ تعليم کاتو معصوم ٻارن جي مستقبل ۽ حفاظت لاءِ ڪڏهن تا عملي قدم کڻن

بقايا عوامي سوچ 05

متاثر ٿي رهي آهي. اسڪول جي زبون حال عمارت خلاف ڳوٺاڻن ٻارڙن سميت احتجاج ڪندي تعليم کاتي ۽ چونڊيل نمائندن کان نوٽيس وٺڻ جو مطالبو ڪيو آهي. ان موقعي تي ڳوٺاڻن ڊاڪٽر عبدالرازق جکرو، اڪبر علي ٻچو، مولوي رزاق جکرو، ابوالحسن جکرو ۽ ٻين چيو ته سنڌن ڳوٺ کي هر دور ۾ چونڊيل نمائندن نظرانداز ڪيو آهي، جنهن سبب بنيادي سهولتن جي کوٽ سان گڏ اسڪول جي عمارت به تباهيءَ جي ڪناري تي پهچي وئي آهي. هنن چيو ته اسڪول جي عمارت زبون حال هجڻ سبب ٻارڙن جي تعليم متاثر ٿي رهي آهي ۽ ڪنهن به وقت اڻ وڻندڙ واقعو پيش اچڻ جو خدشو آهي. هنن بدين جي تعليم کاتي جي اختيارين ۽ چونڊيل نمائندن کان مطالبو ڪيو ته قديمي ڳوٺ ٻچل جکرو جي پرائمري اسڪول جي عمارت جي نئين سر مڪمل تعمير ڪرائي وڃي، جيئن سنڌن ٻارڙا محفوظ ماحول ۾ بهتر نموني تعليم حاصل ڪري سگهن.

بقايا عوامي سوچ 06

اسان جي پاڙي جي معتبر شخصيت صيفل مري پهچي ڪري پنهنجا ويچار ونڊيندي تفصيل موجب ماما صيفل مري جي ڳوٺ ۾ چار سال اسڪول پڙهائيندڙ ماستر عبدالرشيد دل طرفان غريب پورهيت سان بار بار ناجائزي ڪرڻ تي علائقي واسين ۾ شديد غم ۽ غصي جو اظهار ڪيو پيو وڃي ۽ اعلي اختيارين خصوصاً ايس ايس پي ميرپورخاص صاحب کان مطالبو ڪيو پيو وڃي ته مهرباني ڪري اهڙن ڪردارن خلاف قانوني ڪارروائي ڪئي وڃي جيڪي پاڙي توڙي وٽن لاءِ ناسور بڻيل آهن پاڙو نبين کي ب پيارو هوندو آهي پر اسان جي پاڙي جي لکيل پڙهيل ماڻهن جا اهڙا ڪڌا ڪم ڏسي انسانيت شرمائي رهي آهي جنهن تي صرف افسوس ئي ڪري سگهجي ٿي

بقايا عوامي سوچ 07

داري ڪئي ويئي، تفصيل موجب جامع مسجد صاحب الزمان امام بارگاه جنت البقيع ۾ 14هون ساليانو عشره جاري آهي، جنهن ۾ مختلف عالمن سڳورن پاران اهل بيت عليهم السلام، خاص طور تي جناب سيدة فاطمه زهرا سلام الله عليها جي فضائل ۽ مصائب تي مجلسن کي خطاب ڪيو پيو وڃي. عشري جي پهرين مجلس کي پروفيسر مظفر حسين شاهه عرف منو شاهه خطاب ڪيو، جڏهن ته ٻي مجلس کي مولانا دوست علي سعيدي، ٽين مجلس کي مولانا مولا بخش علي، چوٿين مجلس کي مولانا قمر عباس چوفي، پنجين مجلس کي مولانا سيد شبيه الرضا زيدي ۽ ڇهين مجلس کي مولانا محمد محسن مهداوي خطاب ڪيو. جڏهن ته عشري جي ستين مجلس کي مولانا سيد حيدر عباس زيدي خطاب ڪيو، جن مجلسن جو مقصد اهل بيت عليهم السلام جي تعليمات ۽ معرفت کي اجاگر ڪرڻ، خاص طور تي جناب سيدة فاطمه زهرا سلام الله عليها جي فضائل ۽ مصائب کي بيان ڪرڻ آهي. مجلسن جي پڇاڙيءَ تي سنڌ جي مختلف شهرن مان آيل عزادارن ۽ نوحه خوانن، انجمن شريڪ الحسين جي اهتمام هيٺ پنهنجي مخصوص انداز ۾ نوحه خواني ۽ ماتم داري ڪئي، عشره جي سلسلي ۾ اهل بيت عليهم السلام سان عقيدت ۽ محبت جو اظهار ڪيو پيو وڃي.

بقايا عوامي سوچ 08

اٿر شاگردن صحافين آڏو دانهيندي چيو ته اسڪول جي وقت اندر ڪين ٽرانسپورٽ نه ملڻ ڪري هو وقت سر اسڪولن ۾ پهچي نٿا سگهن. جنهن ڪري سنڌن تعليم سخت متاثر ٿي رهي آهي، هنن چيو ته روڊ تي جيڪي گاڏيون هلن ٿيون اهي شاگردن کي نٿيون کڻن. هنن چيو تا اسڪول دير سان پهچون تا تا استاد تا ناراض ٿين. نتا وڃون ته والدين تا ڪاوڙ ڪن. جنهن ڪري سنڌن مستقبل داءُ تي لڳي ويو آهي، اسڪولي شاگردن توڙي انهن جي مائٽن ۽ سماجي ڌرين تعليم کاتي جي صوبائي وزير سيد سردار شاهه، ڊپٽي ڪمشنر ٿر سرمد ڀاڳٽ، چونڊيل نمائندن سميت سمورن وس وارن کان گهر ڪئي ته اسڪول ويندڙ شاگردن لاءِ فوري طور ٽرانسپورٽ جو بندوبست ڪيو وڃي ته جيئن شاگرد وقت سر اسڪول پهچي پنهنجي تعليم مڪمل ڪري سگهن.

بقايا عوامي سوچ 09

اختيارين کان انصاف ۽ تحفظ فراهم ڪرڻ جي اپيل ڪئي آهي. مڪلي ۾ ميڊيا سان ڳالهائيندي ارسلان شاهه چيو ته سندس والد جي وفات ڪانپوءِ سندس چاچن آفاق شاهه، اخلاق شاهه ۽ غلام قادر شاهه مبينا طور ڪين گهر مان ڪڍي ڇڏيو، جنهن سبب ڪين مڪلي ۾ پناهه وٺڻي پئي. هن چيو ته والد جي ڇڏيل زمين جي معاملي ۾ به ڪين سخت مشڪلاتن کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي ۽ هو پنهنجي حق کان محروم آهن. ارسلان شاهه موجب، سندس والد جي زمين شاهزيب شاهه مڪاتعي تي ورتي هئي، پر بعد ۾ مبينا طور اها زمين ٻين ماڻهن کي ڏني وئي. سندس چوڻ آهي ته هاڻي ڪين زمين جو طئي ٿيل مڪاتو نه پيو ڏنو وڃي، جڏهن ته پنهنجو حق گهرڻ تي مبينا طور سندس ڀاءُ کي اغوا ڪيو ويو، جنهن کي وڏي مشڪل سان بازياب ڪرايو ويو. ارسلان شاهه وڌيڪ چيو ته هو ۽ سندس خاندان هن وقت سخت پريشانين ۽ عدم تحفظ جو شڪار آهن. جان جي خوف ۽ ذهني پريشانين سبب سنڌن تعليم پڻ متاثر ٿي رهي آهي، جڏهن ته هو پنهنجي روزمره جا ڪم به آزاديءَ سان ڪرڻ کان قاصر آهن. هن آءِ جي سنڌ، ايس ايس پي سجاول، ڊپٽي ڪمشنر سجاول ۽ چونڊيل نمائندن کان مطالبو ڪيو ته سندس شڪايتن جو فوري نوٽيس وٺي، مبينا اغوا واري واقعي جي شفاف جاچ ڪرائي وڃي، ڪيس ۽ سندس خاندان کي جان ۽ مال جو تحفظ فراهم ڪيو وڃي ۽ اباڻي زمين جو تڪرار قانون موجب حل ڪري ڪين سندن جائز حق ڏياريو وڃي. ارسلان شاهه اختيارين کي اپيل ڪئي ته ڪين انصاف فراهم ڪري خوف ۽ هراس واري زندگيءَ مان نجات ڏياري وڃي.

بقايا عوامي سوچ 10

س آفيسرن ۽ شهرين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. ارباب محمد عالم سخت موقف اختيار ڪندي چيو ته هاٽي ڊيپلو ۾ ڪنهن کي به منشيات جو ڪاروبار هلائڻ نه ڏنو ويندو. منشيات جي خاتمي لاءِ واپاري ايسوسيئيشن، شهري اتحاد ۽ پوليس گڏجي سرگرم ٿين. گڏجاڻي ۾ سي آءِ انچارج، ايس ايچ او ڊيپلو ۽ شهرين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. ڊيپلو کي منشيات کان پاڪ بڻائڻ لاءِ گڏيل ڪوششون تيز ڪرڻ تي زور ڏنو ويو.

بقايا عوامي سوچ 11

ڪيو ويو. جنهن ۾ سنڌ جي مختلف ضلعن جي صحافين ماريه ميمڻ، هما عباسي وڪي ۽ سماج سڌارڪ، شبير جعفري، راشد رولاڪ لغاري، اينڪر طاهره جويو، نندلال لوهاڻو، مريم صدقه، ساجد بجير، پون ڪمار، اهيڪر رضوي، ڪاشف عباسي، نظام سمون سميت ٻين صحافين به شرڪت ڪئي. جڏهن ته سينئر صحافڻ ماريه عمران ۽ سينيئر ٽرينر ذاهد عبدالله ۽ فيصل مختلف موضوعن تي صحافين کي تربيتي ڄاڻ ڏني ۽ صحافت ۾ لاپرواهي ۽ غفلت بابت مثال پيش ڪندي صحافت ۾ ذميواري بابت دليلن سان ڄاڻ پڻ فراهم ڪئي ۽ گروپن پاران به تحقيقي بنيادن تي تفصيلي معلومات تي ڳالهايو ويو آخر ۾ تربيتي ورڪشاپ ۾ حصو وٺندڙن ۾ سرٽيفڪيٽ به ورهايا ويا ۽ ڀرپور خوشي جو اظهار ڪيو ويو

بقايا عوامي سوچ 12

اڳواڻيءَ ۾ ووٽر آگاهي مهم تحت گورنمينٽ 12 بوائز ڊگري ڪاليج، تعلقو جوهي، ضلع دادو ۾ هڪ جامع آگاهي پروگرام منعقد ڪيو ويو. پروگرام جو مک عنوان "مستقبل جو بيلٽ: اوهان جو آواز، اوهان جو پاڪستان" هو. پروگرام ۾ شاگردن کي ووٽ جي اهميت، جمهوري نظام جي مضبوطي ۽ ملڪ جي روشن مستقبل جي تعمير ۾ ووٽرن جي ڪردار بابت تفصيلي آگاهي ڏني وئي. ان موقعي تي هڪ وضاحتي بيلٽ پيپر پڻ پيش ڪيو ويو، جنهن ذريعي قومي ترقيءَ سان لاڳاپيل ڇهن اهم ترجيحن کي اجاگر ڪيو ويو. انهن ترجيحن ۾ معياري تعليم تائين هر ڪنهن جي پهچ، روزگار جا بهتر موقعا، امن ۽ استحڪام جو قيام، ماحولياتي تحفظ، ڊجيٽل جدت ۽ سيني شهرين لاءِ برابريءَ جا موقعا شامل هئا. آگاهي پروگرام دوران شاگردن کي ٻڌايو ويو ته ووٽ رکڻ آئيني ۽ جمهوري حق ئي نه، پر هڪ اهم قومي ذميواري پڻ آهي، جنهن ذريعي شهري ملڪ جي مستقبل بابت پنهنجي راءِ جو اظهار ڪري سگهن ٿا. ذميوارانه ۽ باخبر ووٽنگ سان عوامي خواهشن جي نمائندگي، جمهوري ادارن جي مضبوطي ۽ ملڪ جي ترقيءَ ۾ اهم ڪردار ادا ڪري سگهجي ٿو. پروگرام جو بنيادي مقصد نوجوانن ۾ جمهوري شعور پيدا ڪرڻ، چونڊ عمل بابت ڄاڻ وڌائڻ ۽ ڪين ذميوار شهري بڻجڻ لاءِ همٿائڻ هو، ته جيئن هو مستقبل ۾ پنهنجي ووٽ جو درست استعمال ڪندي ملڪ جي ترقيءَ ۾ ڀرپور حصو وٺي سگهن. اليڪشن ڪميشن آف پاڪستان جي هن آگاهي مهم کي نوجوانن ۾ ووٽ جي اهميت اجاگر ڪرڻ، جمهوري قدرن کي هٿي ڏيڻ ۽ مثبت شهري شموليت وڌائڻ جي حوالي سان اهم قدم قرار ڏنو ويو. پروگرام ذريعي شاگردن کي اهو پيغام ڏنو ويو ته سنڌن ووٽ ملڪ جي مستقبل جي تعمير ۾ اهم حيثيت رکي ٿو ۽ هر باخبر ووٽر هڪ پرامن، خوشحال ۽ ترقي يافته پاڪستان جي قيام ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪري سگهي ٿو.

بقايا عوامي سوچ 13

۽ روزاني رپورٽ پيش ڪرڻ جي هدايت ـ ڊپٽي ڪمشنر نتو سرمد علي ڀاڳٽ جي صدارت هيٺ ضروري شين جي اگهن تي نظر رکڻ، مقرر سرڪاري اگهن تي عملدرآمد يقيني بڻائڻ ۽ عوام کي رليف فراهم ڪرڻ بابت اهم اجلاس سندس آفيس ۾ منعقد ٿيو. اجلاس ۾ ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر ون عمران الحق، ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر ٽو وليد داوچ، اسسٽنٽ ڊائريڪٽر بيورو آف سپلاءِ اينڊ پرائسز عبدالوحيد خان، ضلعي جي سمورن اسسٽنٽ ڪمشنرن ۽ مختيارڪارن سميت ٻين لاڳاپيل آفيسرن شرڪت ڪئي. اجلاس دوران بازارن ۽ مارڪيٽن ۾ ضروري شين جي اگهن، خاص طور تي کير، ڏهي ۽ اٽي جي مقرر اگهن کان وڌيڪ قيمتن تي وڪري بابت شڪايتن جو جائزو ورتو ويو. ان موقعي تي ڊپٽي ڪمشنر لاڳاپيل آفيسرن کي هدايت ڪئي ته شين جي اگهن تي ضابطو رکڻ ۽ صارفين کي رليف فراهم ڪرڻ لاءِ اثرائتا قدم کنيا وڃن. ڊپٽي ڪمشنر سرمد علي ڀاڳٽ سمورن اسسٽنٽ ڪمشنرن، بيورو آف سپلاءِ اينڊ پرائسز جي آفيسرن، لاڳاپيل مختيارڪارن ۽ سمورن پرائس ڪنٽرول مئجسٽريٽن کي هدايت ڪئي ته اهي روزاني بنيادن تي بازارن ۽ مارڪيٽن جا اوچتا دورا ڪن، ضروري شين جي اگهن جو جائزو وٺن ۽ مقرر سرڪاري اگهن تي وڪري کي يقيني بڻائين. هن خاص طور تي کير، ڏهي ۽ اٽي جي مقرر اگهن تي وڪري کي يقيني بڻائڻ تي زور ڏيندي هدايت ڪئي ته پچڪڙي ڪندڙ دڪاندارن خلاف قانون موجب ڪارروائي ڪئي وڃي. هن چيو ته لاڳاپيل آفيسر مارڪيٽن جي مسلسل نگراني ڪن ۽ ناجائز منافعي خوري توڙي مقرر اگهن کان وڌيڪ قيمتون وصول ڪرڻ جي روڪٿام لاءِ پنهنجون ذميواريون اثرائتي نموني ادا ڪن. ڊپٽي ڪمشنر وڌيڪ هدايت ڪئي ته سمورا لاڳاپيل آفيسر پنهنجي ڪارروائين ۽ بازارن جي دورن بابت روزاني بنيادن تي پيشرفت جي رپورٽ پيش ڪن، جيئن اگهن تي ضابطي لاءِ کنيل قدمن جي باقاعده نگراني ڪري سگهجي. هن واضح ڪيو ته عوام کي ضروري شيون مقرر سرڪاري اگهن تي فراهم ڪرڻ ۽ ناجائز منافعي خوري جي روڪٿام لاءِ لاڳاپيل آفيسر پنهنجون ذميواريون ڀرپور نموني ادا ڪن، جيئن شهرين کي وڌ کان وڌ رليف فراهم ڪري سگهجي

بقايا عوامي سوچ 14

بدلين ۽ گورنمينٽ هاءِ اسڪول مريد ڪوسو جي استادن جي ناجائز معطلي خلاف گورنمينٽ سيڪنڊري ٽيچرز ايسوسيئيشن (GSTA) يونٽ چوهڙ جمالي پاران ٽي ڏينهن سخت احتجاج ڪيو ويو. احتجاج دوران استادن ٻانهن تي ڪاريون پٽيون ٻڌي ڪلاس ورتا ۽ محڪمه تعليم جي ناانصافي تي ٻڌل فيصلن خلاف ڀرپور احتجاج رڪارڊ ڪرايو. گستا يونٽ جي عهديدارن محبوب ميمڻ، عظيم آخوند ، جاويد ڪٽي ، سمير شڪور، خالد بلاولي، اسلم مگٽهار امتياز ميمڻ ۽ ٻين استادن خطاب ڪندي چيو ته استادن سان ٿيندڙ اهڙيون ناانصافيون ڪنهن به صورت ۾ قابل قبول نه آهن. استادن جا اهم مطالبا: 1. استادن جون سموريون غير قانوني بدليون فوري طور تي منسوخ ڪيون وڃن. 2. معطل ڪيل استادن کي فوري طور تي بحال ڪيو وڃي. 3. استادن جا جائز مسئلا فوري طور تي حل ڪري مطالبا تسليم ڪيا وڃن. جيڪڏهن انتظاميا جلد کان جلد مطالبا تسليم نه ڪيا ۽ غير قانوني فيصلا واپس نه ورتا ته احتجاج جو دائرو وڌيڪ وسيع ڪيو ويندو. جنهن جي سموري ذميواري لاڳاپيل اختيارين تي عائد ٿيندي

بقايا عوامي سوچ 15

ڪ جوابدار زخمي حالت ۾ گرفتار ڪيو ويو، جڏهن ته سندس ٻه ساٿي فرار ٿيڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا. پوليس گرفتار جوابدار جي قبضي مان ٽي ٽي پسٽل ميگزين سميت هٿ ڪرڻ جي دعويٰ ڪئي آهي. پوليس ذريعن موجب، گذريل رات ايس ايچ او ٿاڻو چوهڙجمالي اشفاق احمد منگي پوليس نفري سان گڏ معمول جي گشت تي هو ته اطلاع مليو ته ٽي هٿياربند جوابدار شاهه بندر روڊ تي ميران شاهه قبرستان پرسان ڌوهه جي ارادي سان موجود آهن. اطلاع ملڻ تي پوليس ڄاڻايل هنڌ پهتي ته جوابدارن مبينا طور پوليس کي ڏسندي ئي فائرنگ شروع ڪري ڏني، جنهن تي پوليس پاران جوابي فائرنگ ڪئي وئي. فائرنگ جي ڏي وٺ دوران هڪ جوابدار زخمي ٿي پيو، جنهن کي پوليس گرفتار ڪري علاج لاءِ رورل هيلٿ سينٽر چوهڙجمالي منتقل ڪيو. پوليس موجب، گرفتار زخمي جوابدار جي سڃاڻپ سجاد ولد خميسو ملاح، رهواسي ڳوٺ الله ورايو، تعلقو سجاول، طور ڪئي وئي آهي. جوابدار جي قبضي مان هڪ ٽي ٽي پسٽل ميگزين سميت هٿ ڪيو ويو آهي. واقعي جو ڪيس ٿاڻو چوهڙجمالي تي ڪرائم نمبر 122/2026 تحت قلم 324، 353، 401، 398 ۽ 34 پاڪستان پينل ڪوڊ (PPC) تحت داخل ڪيو ويو آهي. پوليس جو چوڻ آهي ته گرفتار جوابدار جو اڳوڻو ڪرمنل رڪارڊ ٻين ٿاڻن کان حاصل ڪيو پيو وڃي، جڏهن ته فرار ٿيل ٻن جوابدارن جي گرفتاري لاءِ مختلف هنڌن تي ڇاپن جو سلسلو جاري آهي

بقايا عوامي سوچ 16

وٽن جي گڏيل حلف برداري جي تقريب بلاول ميريج هال پروقار تقريب منعقد ڪئي وئي متياري منعقد ڪئي وئي ، تفصيل موجب پوري سنڌ جي پرائمري استادن جي تنظيم جي مرڪز مان صدر حاجي شفيع محمد سنيو، مرڪزي سينئر نائب صدر عتيق الرحمان، مرڪزي اطلاعات سيڪريٽري منظور احمد چانڊيو، ڊويزنل جنرل سيڪريٽري صوفي سرمد، ڊويزنل آفيس سيڪريٽري نصرالله مزاري، ضلعي صدر ٽنڊو محمد خان مشتاق وگهيو،ضلعي صدر دادو رانا اسحاق ساقي، جنرل سيڪريٽري حيدرآباد ضلع اسد اشرف وگهيو، گواز اڳواڻ رضا محمد ميمڻ، ضلعي تعليمي آفيسر پرائمري ميڊم صدف اشرف ميمڻ، ڊپٽي ڊي اي او عبدالله ڏاهري، هيڊ ماستر هاءِ اسڪول متياري نعيم احمد شيخ، تعلقه ايجيوڪيشن آفيسر سيڪينڊري فيميل طلعت حسين خاصخيلي، تعلقه ايجيوڪيشن آفيسر سيڪنڊري شبير احمد ميمڻ، تعلقه ايجيوڪيشن آفيسر محمد اشرف جمالي، ڪيپس هيڊ ماستر امتياز احمد، هيڊ مسٽريس انجم آرا، اڳوٽو تعلقه ايجيوڪيشن آفيسر منظور ڏاهري، اڳوٽو تعلقه ايجيوڪيشن آفيسر غلام محمد شالمين شامل هئا. مرڪزي صدر حاجي شفيع محمد سنيو نئين چونڊجي آيل ڪابينا کان حلف برداري جو قسم کڻايو ، مرڪزي صدر ڪي ۽ ضلعي صدر کي بوسڪي جا پٽڪا پارايا ويا . پروگرام انتهائي گهڻو شاندار رهيو ، جنهن ۾ وڏي تعداد ۾ استادن شرڪت ڪئي . پ.ٽ.الف جي مرڪزي صدر پنهنجي خطاب ۾ چيو ته پراڻي دؤر ۾ جيڪو لانگ مارچ ڪيو ويو هو ان ۾ متياري ضلعي جي استادن جدوجهد ۾ وڏو ساٿ ڏنو هو ان جدوجهد ڪانپوءِ استادن کي 16 گريڊ مليو هو ،هن وقت به سنڌ جي استادن جو اهم مسئلو سروساسٽرڪچر آهي ، اهو ضرور وٺرائي ڏينداسين ، ان بابت تعليم جي وزير ۽ سيڪريٽري تعليم جن سان مشاورتي عمل جاري آهي ، انشاءالله جلد پرائمري استادن کي خوشخبري ڏينداسين ٻئي صورت ۾ جيڪڏهن جدوجهد جي ضرورت پيش آئي ته ان جي تياري به جاري رکڻ گهرجي ، پروگرام جي ڪمپيئرنگ بشير احمد کتري ستي متياري جي صدر ڪئي ، ضلعي جي جنرل سيڪريٽري احمد علي جمالي آيل استادن ۽ مهمانن کي آجياڻو پيش ڪيو، ضلعي جي صدر گل محمد همپوٽو استادن جي مسئلن تي روشني وڌي، ضلعي متياري جي پرائمري اسڪول تعليم آفيسر آپا صدف اڪبر ميمڻ، استادن جي مسئلن جي حل لاءِ چيو ته منهنجي آفيس مان ڪنهن به استاد جي ڪنهن به ڪم ڪار ۾ ڪاب رڪاوٽ نه ٿيندي ، سيئي مسئلا تنظيم سان گڏجي حل ڪيا ويندا ، سيني عهديدارن کي لونگين اجرڪن ۽ گلن جي هارن جا تحفا پيش ڪيا ويا ، خطاب ڪندڙن ۾ منظور حسين چانڊيو، امتياز مڪڻ خاصخيلي، رضا ميمڻ ، نصر مزاري رانا اسحاق ساقي ۽ ٻين خطاب ڪيو

بقايا عوامي سوچ 17

ر زرعي ٻج، دوائون ۽ ڀاڻ وڪرو ڪندڙ ايجنسي مالڪن خلاف ڪارروائي نٿي پيسٽيسائيڊ مالڪ سرعام ٻن نمبر زرعي ٻج. دوائون وڪرو ڪرڻ لڳا آبادگارن جا فصل تباهه ٿيڻ لڳا زراعت کاتو متياري مبينا رشوت عيوض خاموش. تفصيل موجب اوڏيرولال اسٽيشن اوڏيرولال وليج، ڀائوخان پناڻ شير محمد نوڙها ڪبير سميت ننڍن توڙي وڏن شهرن ۾ ٻه نمبر زرعي ٻج، دوائون ۽ ڀاڻ جو وڪرو جاري، آبادگارن حاجي هڪڙو، نٽيش ملوٽرا ۽ ٻين چيو ته زراعت کاتي متياري جي ڪامورن ۽ پيسٽي سائيڊ مالڪن پنهنجي هڪ هٽي قائم ڪري ورتي آهي ڊيلر ٻه نمبر زرعي ٻج، دوائون ۽ ڀاڻ ايگريڪلچر کاتي متياري جي ڪامورن سان ملي ڀڳت ڪري سرعام وڪرو ڪري رهيا آهن. هنن انهن وڌيڪ ٻڌايو ته ٻج، ڀاڻ ۽ دوائون ٻه نمبرهجڻ ڪري سنڌن پوکيل فصل گهٽ ايوريج ڏئي رهيا آهن. جنهن ڪري آبادگار لکين رپين جا قرضي ٻڌجي ويا آهن ۽ ٻه نمبر ٻج ڀاڻ ۽ دوائن جا ڪاروبار ڪندڙ پيسٽي سائيڊ مالڪ ڪروڙ پتي ٻڌجي ويا آهن. هنن چيو ته شڪايتن جي باوجود ڪو به تدارڪ نٿو ٿئي. ايگريڪلچر کاتو متياري ۽ زراعت کاتي جي مانيٽرنگ ٽيم رشوت عيوض ٻه نمبر ڪاروبار ڪندڙ پيسٽي سائيڊ مالڪن خلاف ڪارروائي ڪرڻ لاءِ تيار ناهن نتيجي ۾ اسان آبادگار ڏينهون ڏينهن قرض وڌندو وڃي ۽ اسان فاقاڪشي تي مجبور ٿي ويا آهيون. انهن وڌيڪ عوامي سوچ جي رپورٽر غلام نبي چنو کي ٻڌايو ته پيسٽيسائيڊ ڪاروبار ڪندڙن کان اسان زرعي ڀاڻ خريد ڪيون ٿا ته اهي پٿرنڪربو اچن جنهن تي صرف رنگ لڳل هوندو آهي. ۽ زرعي دوائون به ڪنهن ڪم جون ناهن اهڙن شڪايتن باوجود زراعت کاتو پيسٽي سائيڊ مالڪن خلاف ڪارروائي لاءِ تيار ناهي. هنن چيف جسٽس سنڌ هاءِ ڪورٽ، زراعت واري صوبائي وزير ۽ سيڪريٽري زراعت کان فوري طور نوٽيس وٺڻ جو مطالبو ڪندي چيو آهي ته ٻه نمبر زرعي ٻج ڀاڻ ۽ دوائون وڪرو ڪندڙ پيسٽي سائيڊ مالڪن خلاف ڪارروائي ڪري آبادگارن جي ٿيل نقصان جو ازالو ڪري تباهه ٿيندڙ زراعت کي بچايو وڃي.

بقايا عوامي سوچ 18

سيڪات ٿاڻي جي حد واري ڳوٺ عليم ٻڙدي ۾ ڪولهي برادري سان تعلق رکندڙ ٽن ٻارن جي ماءُ سويتا ڪولهي زال منو ڪولهي گهر اندر ڦاهو کائي زندگي جو انت آڻي ڇڏيو اطلاع ملڻ تي سيڪات پوليس واقعي واري هنڌ پهچي لاش تحويل ۾ وٺي پوسٽ مارٽم لاءِ ڊي ايچ ڪيو اسپتال متياري منتقل ڪيو. جتان ضروري ڪارروائي بعد لاش وارثن حوالي ڪيو ويو ناري جو لاش گهر پهچڻ تي وارثن ۾ ڪهرام مچي ويو آهي ٻئي طرف وارثن موجب فوتي عورت جو ذهني توازن درست نه هو. واقعي بابت وڌيڪ تفصيل سامهون اچي نه سگهيا آهن.

بقايا عوامي سوچ 19

رهيه گذري ويا، سندس اوٺيهين ورسي تقريب سرويچ نگر سجاول ۾ ٻاويه آڪٽوبر تي ثقافت کاتي سنڌ جي سهڪار سان، سرويچ سجاولي اڪيڊمي سنڌ پاران ملهائي ويندي. خبر موجب هر سال لاڙ پٽي ۾ سرويچ سجاولي جي ورسي تقريب جي نسبت سان سنڌ جو وڏو ادبي ميڙاڪو منعقد ٿيندو آهي ورسي تقريب جي سلسلي ۾ سنڌ جي اديبن شاعرن سياسي سماجي شخصيتن کي دعوتون ڏنيون ويون آهن جيڪي سرويچ سجاولي جي ورسي ۾ سرويچ سجاولي کي ڀيٽا پيش ڪندا جڏهن ته ادبي ويهڪ سان گڏوگڏ سنڌ جا ناليوارا فنڪار فقير خالد حسين پٽي شازيه ماروي خوشبو لغاري شازيه ترنم سڄڻ سرائي ۽ ٻيا فنڪار سرويچ جي شاعري جا سُر وکيري سرويچ سجاولي کي ڀيٽا پيش ڪندا سرويچ نگر سجاول ۾ چاليه فٽ ڊگهو اسٽيج تيار ڪيو پيو وڃي هزارين ماڻهن جي ويهڻ جو بندوبست ڪيو ويندو آهي سرويچ سجاولي جي شاعري اڄ به زنده وجاويد بڻيل آهي سنڌ ۾ سياسي هلچل ۽ سجاڳي ۾ سرويچ جي انقلابي شاعري جو ڪردار اڄ به جاري و ساري آهي سندس انقلابي گيت هر جدوجهد جو اهڃاڻ بڻيل آهين سندس شاعري سياسي جلسن ۽ ايوانن ۾ اڄ گجندا رهن ٿا سرويچ جي شاعري کي برصغير جي پنج وزيراعظم شهيد ذوالفقار علي ڀٽو شهيد بينظير ڀٽو نواز شريف اندرا گانڌي راجو گانڌي مڃتا ڏني ۽ سندس شاعري کي پسند ڪندا هئا سرويچ سجاولي جو نالو گينز ورلڊ بڪ ۾ پڻ عوامي انقلابي شاعر طور داخل ٿيل آهي سرويچ سجاولي شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جو ويجهو دوست رهيو سندس جلسن ۾ شاعري پڙهندو هو سرويچ سجاولي شهيد بينظير ڀٽو رسول بخش پليجو شهيد فاضل راهو سائين جي ايم سيد جي عوامي جلسن ۾ لکين ماڻهن جي ميڙ ۾ شاعري پڙهي وڏو نالو ڪمايو انقلابي شعر پڙهڻ سبب ڪيس ڪيترا ئي ڀيرا گرفتار پڻ ڪيو ويو ايم آر ڊي تحريڪ دسنڌي ۾ ووٽرلسٽون ۽ ون يونٽ وارين تحريڪن ۾ ڀرپور حصو ورتو ۽ ڪردار ادا ڪيو ايم آر ڊي تحريڪن 83 ۽ 86 دوران به ڪيس گرفتار ڪري جيل ۾ وڌو ويو سرويچ سجاولي جو پهريون شاعري جو مجموعو آليون اکيون اٿيا وار 1971 ۾ ڇپيو جيڪو تمام گهڻو مقبول ٿيو ڏيهه توڙي پرڏيهه ۾ ڪيس مقبوليت ڏني سنڌي ٻولي جو بهترين ڪتاب قرار ڏئي پاڪستان رائيٽر گلڊ پاران ڪيس ان وقت پنجاهه هزار سان نوازيو ويو ڪتاب جو مهاڳ برک ڏاهي رسول بخش پليجو لکيو آهي ان هن ڪتاب کي دستاويز سنڌ قرار ڏنو ۽ ڪيس لاڙ جو لال جو خطاب ڏنو مولانا عزيزالله ٻوهيو ڪيس قوي شاعر شهيد ذوالفقار علي ڀٽو ڪيس عوامي شاعر سائين جي ايم سيد ڪيس قومي شاعر جو خطاب ڏنو سنڌس شاعري ڪراچي يونيورسٽي جي ايم اي سنڌي نصاب توڙي انٽرجي نصاب ۾ پڻ شامل آهي ريڊيو پاڪستان پي ٽي وي آل انڊيا ريڊيو تان سنڌس شاعري نشر ٿيندي هئي ملڪ جي مشهور فنڪارن سنڌس شاعري ڳائي آهي سنڌس ڪتاب آليون اکيون اٿيا وار جا پنج ايڊيشن اچي چڪا آهن جڏهن ته سنڌس ٻيو ڪتاب جيڪو سنڌس وفات کان پو ڇپيو ٻئي ڪنڌيون مهراڻ جون جا ٻه ايڊيشن اچي چڪا آهن جڏهن ته سنڌس ٻن ڪتابن سا دل مستو مست مدام ۽ انقلاب آيو ڪپي جو مواد موجود آهي جيڪو سيڙي رکيو ويو آهي پراچا ٿائين ڇپجي نه سگهيا آهن پاڻ ٻاويه آڪٽوبر 2007 ۾ ڪينسر جهڙي موذي مرض سان جهيڙيندي دم ڏٽي حوالي ڪيو سندس وفات جي خبر ملڪي توڙي پرڏيهي ميڊيا بريڪنگ طور تي هلائي سندس وفات تي ٽئي ضلعي ۾ عام موڪل جو اعلان ڪيو ويو هو

بقايا عوامي سوچ 20

،امين وگهيو، زاهد حسين باهوٽو، غلام شبير لاشاري ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪندڙن ميونسپل ڪاميٽي انتظاميه خلاف سخت نعري بازي ڪئي، ان موقعي تي مظاهرين چيو ته شهر جي تاريخي ۽ اوائلي قبرستان ۾ گٽرن جو گندو پاڻي داخل ٿيڻ سبب هڪ سئو کان وڌيڪ قبرون گندي پاڻي جي گهيري ۾ آهن، جنهن ڪري پنهنجن پيارن جي قبر تي قُل به نٿا پڙهي سگهون، هنن چيو ته ميونسپل انتظاميه کي بار بار آگاهي باوجود سنڌن لاپرواهي ۽ ڪن لاتار سبب گندو پاڻي نيڪال نه پيو ڪيو وڃي جنهن سبب شهري پنهنجي مدد پاڻ تحت قبرستان مان گٽرن جو پاڻي نيڪال ڪرڻ تي مجبور آهن هنن چيو ته جوهي تعلقو قدرتي وسيلن سان مالا مال هئڻ باوجود پوٽا چار لک جوهي تعلقي جي ماڻهن جي آبادي جو شهر جتي لکن ڪروڙن جي ٽئڪس جي ادائگي ڪندڙ عوام جا پيارا گٽر جي پاڻي ۾ ٻڏي رهيا آهن چار سئو کان مٿي ملازم ڪم ڪري رهيا آهن افسوس جو قبرستان ۽ ميونسپل ڪاميٽي گڏ هجڻ جي باوجود اکين کان انڌن ۽ ڪنن کان ٻوڙن کي گندو پاڻي الائي چو نظر نٿو اچي هنن چيو ته چپ سبيل ڪائونسلرن چئن سالن دوران هڪ ڏينهن به شهرين جي مسئلن تي توجه ناهي ڏنو نه ئي ڪڏهن اجلاس سڏايو آهي هر مهيني پوٽا ٽي ڪروڙ رپيا بجيٽ هئڻ باوجود ڊرينيج سسٽم درست نه هئڻ ڪري واصل فقير قبرستان سميت شهر جي مک روڊ رستن سرڪاري آفيسن اڳيان هر وقت گندو پاڻي نظر ايندو هنن چيو ته ظلم جي انتهاءَ آهي جو شهرين جو احتجاج ميونسپل ڪاميٽي ۽ پ پ جي چونڊفل نمائندن کي اسان جو احتجاج نظر ئي نٿو اچي هنن چيو ته صبر ڪندي ڪندي ڪافي عرصو گذري ويو مگر گندو ميونسپل ڪاميٽي قبرستان مان نيڪال نه ڪري سگهيا هاڻ هڪ هفتي اندر اگر جوهي جي واصل فقير قبرستان مان گندو پاڻي نيڪال نه ڪيو ويو ته ٻئي هفتي مجبورن پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو، آصف زرداري ، فريال ٽالپر ، بلدياتي صوبائي وزيرجون تصويرون گٽرن جي پاڻي ۾ ٻڏل قبرستان جي اندر هٽنداسين هنن چيو ته سي ايم اوجوهي زوهيب سولنگي چيئرمين علڻ خان لغاري خلاف جوهي جي ماڻهن سندن جي ڪيل چئن سالن جي ڪرپشن ۽ شهر کي ڪندرات ۾ تبديل ڪرڻ تي جوهي جي عدالت ۾ پڻ ڪيس داخل ڪرايو آهي جيڪو هلندڙ آهي آخر ۾ هنن مطالبو ڪيو ته اوائلي قبرستان واصل فقير مان گٽرن جو گندو پاڻي نيڪال ڪرايو وڃي نه ته ٻي صورت ۾ ميونسپل ڪاميٽي چيئرمين ، سي ايم او ۽ ٻئي ڪرپٽ عملي خلاف ڀرپور احتجاجي تحريڪ شروع ڪئي ويندي.

بقايا عوامي سوچ 21

۽ جسقم ضلع متياري جي صدر ذوالفقار ڏيٿو ستي پريس ڪلب متياري ۾ احتجاج ڪندي دانهيو آهي ته اسان اندرون سنڌ مان گاهه خريد ڪري گاڏيون ڀري ڪراچي ۾ وڪرو ڪندا آهيون پر ڪافي ڏينهن کان اسان کي موٽر وي پوليس تمام گهڻو تنگ ڪري رهي آهي واپارين جو چوڻ هو ته موٽر وي پوليس اسان کي قومي شاهراهه تي چڙهڻ ئي نه ٿي ڏي اسان جي گاڏين جا وڏا وڏا چالان ڪيا پيا وڃن احتجاج ڪندڙ واپارين موٽروي پوليس پاران گاهه جي گاڏي تي لڳندڙ 40 هزار رپين جي چالان جي رسيد ڏيکاريندي دانهيو آهي ته اسان کي گاڏي تي 10 ڪان 20 هزار جي بچت تي ٿئي جڏهن اسان کان 40 هزار جا چالان ورتا ويندا ته اسان ڪٿان ڪاروبار ڪنداسين واپارين جو چوڻ هو ته اسان جو سمورو گاهه ڪراچي ڏي ويندو آهي ڪراچي وڃڻ لاءِ ٻيو ڪو رستو آهي ئي ڪونه ته پوءِ اسان ڪٿان ڪراچي گاهه موڪليو واپارين جو چوڻ هو ته اوور لوڊ جو چالان به 5 هزار آهي پر هي ته اسان کان 40 هزار رپيا پيا وٺن واپارين وزير اعظم پاڪستان . وزير اعلي سنڌ . چيف سيڪريٽري سنڌ ۽ نيشنل هاءِ وي اٿارٽي کان مطالبو ڪيو آهي ته اسان سان انصاف ڪيو وڃي اسان جي گاڏين کي اجازت ڏني وڃي

بقايا عوامي سوچ 22

ڪمشنر شميرخان ڀٽو ميرپورخاص: ڊويزنل ڪمشنر ميرپورخاص شمير خان ڀٽو چيو آهي ته روڊن، فوٽ پاٿن ۽ عوامي گذرگاهن تي حدخلين سبب شهرين جي اچ وڃ ۾ رڪاوٽون، ٽريفڪ جام ۽ شهر جي خوبصورتي متاثر ٿئي ٿي. حدخلين سبب عورتن کي بازارن ۾ خريداري ڪرڻ، ٻارن کي اسڪول اچڻ وڃڻ ۽ پيادل هلندڙ ماڻهن کي سخت ڏکيائين کي منهن ڏيڻو پوي ٿو. ڪنهن هڪ شخص جي ناجائز قبضي سبب سڄي شهر جي شهرين کي پريشان نٿو ڪري سگهجي. هن لاڳاپيل آفيسرن کي هدايت ڪئي ته حدخلين خلاف مهم کي اثرائتي نموني جاري رکيو وڃي ۽ عوامي رستن کي هر صورت ۾ ڪليل رکيو وڃي. اهڙن خيالن جو اظهار هن ڪمشنر ڪانفرنس هال ۾ حدخلين خلاف مهم بابت منعقد ڪيل اجلاس جي صدارت ڪندي ڪيو. اجلاس ۾ ڊپٽي ڪمشنر ميرپورخاص نواب سمير لغاري، اسسٽنٽ ڪمشنرن، چيف ميونسپل آفيسرن ۽ ٽائون آفيسرن شرڪت ڪئي، جڏهن ته ڊپٽي ڪمشنر عمرڪوٽ نويد الرحمٰن لاڙڪ ۽ ڊپٽي ڪمشنر ٿرپارڪر جي نمائندي وڊيو لنڪ ذريعي اجلاس ۾ شرڪت ڪئي. ان موقعي تي لاڳاپيل آفيسرن پنهنجن ضلعن ۾ حدخلين خلاف ڪيل ڪارروائين ۽ مستقبل جي لائحه عمل بابت بريفنگ ڏني. ڊويزنل ڪمشنر چيو ته حدخلين سبب نه رڳو شهرين جي روزمره زندگي متاثر ٿئي ٿي، پر ٽريفڪ جي رواني، صفائي سترائي ۽ هنگامي حالتن ۾ ايمبوليئنس سميت امدادي گاڏين جي اچ وڃ ۾ به رڪاوٽون پيدا ٿين ٿيون. هن هدايت ڪئي ته حدخلين هٽائڻ سان گڏ انهن هنڌن تي ضروري ترقياتي ڪم ۽ سهولتن جي بهتري کي به يقيني بڻايو وڃي، جيئن شهرين کي اچ وڃ ۾ آساني فراهم ڪرڻ سان گڏ ٻيهر حدخلين قائم ٿيڻ کان به روڪي سگهجي. هن خاص طور ميرپورخاص جي لاڳاپيل آفيسرن کي هدايت ڪئي ته صفائي سترائي کي روزاني جو معمول بڻايو وڃي ۽ جتي به حدخليون قائم هجن، انهن کي فوري طور هٽائڻ لاءِ ڪارروائي ڪئي وڃي. هن واضح ڪيو ته عوامي رستن کي ڪليل رکڻ، شهرين کي اچ وڃ جون سهولتون فراهم ڪرڻ ۽ شهر جي خوبصورتي برقرار رکڻ ضلعي انتظاميا ۽ بلدياتي ادارن جي ذميواري آهي، جنهن ۾ ڪنهن به قسم جي غفلت برداشت نه ڪئي ويندي. ڪمشنر ميرپورخاص ۾ اسٽيٽ لائف کان اسٽيشن روڊ تائين وڇايل سيوريج پائپ لائن بابت پڻ لاڳاپيل آفيسرن کي هدايت ڪئي ته منصوبي کي ان جي مقرر ڪيل مقصد موجب اثرائتو بڻايو وڃي ۽ لاڳاپيل ڪمن جي نگراني کي يقيني بڻايو وڃي، جيئن شهرين کي گندي پاڻي جي نيڪال جون بهتر سهولتون فراهم ٿي سگهن. اجلاس ۾ لاڳاپيل آفيسرن حدخلين خلاف ڪيل ڪارروايون، پيش ايندڙ مسئلن ۽ مستقبل ۾ کنيل قدمن بابت پڻ آگاهي ڏني.

بقايا عوامي سوچ 23

د عمر جمالي، جهندو لغاري، امام علي رستماڻي، فهد بلوچ ، گلشير رند ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو، بلاول پارڪ کان شروع ٿيندڙ احتجاج ۾ شريڪ آبادگارن فاضل چونڪ تي ڌرڻو هنيو، ان موقعي تي مظاهرين دانهيو ته جوهي بئراج جي پاڻي تي بااثر ڪاتيدارن پاران ڌاڙا هڻڻ ۽ زبردستي نان بئراج ايريا ۾ پاڻي چوري ڪرڻ سبب برانچ مان نڪرندڙ شاخن پٽوڙو، ڀهوڙ، دڙا، لاڪا، چينجاڻي، نوناري چني شاخن ۾ پاڻي اڻ لڀ آهي جنهن ڪري وياج تي ٻج ڀاڻ ڪٽي آبادي ڪندڙ آبادگارن جو فصل تيزي سان سُڪي سڙي رهيو آهي، هنن چيو ته زرعي پاڻي زبردستي چوري ٿيڻ ۽ غيرقانوني لفٽ مشينون هلائڻ سبب آبادگارن جو معاشي قتل عام ٿي رهيو آهي، پ پ جي چونڊيل نمائندن جي فرمائش تي مقرر ٿيندڙ انجنيئر ۽ ايس ڊي او منڊ جي پاڻي چورن جا مڪمل سهولتڪار بڻيل آهن جوهي ايري گيشن آفيس کي سالن کان تالا لڳل آهن هڪ خلاصي ۽ بيلدار جوهي ۾ پاڻي چورن کي ٻئي عملي سان گڏجي شاخن جا در بند ڪري ڏين ٿا جوهي بئراج جي منڊ تي پاڻي چورن وٽ سئو سيڪڙو آبادي آهي اسان وٽ هزارين ايڪڙ سڙي سڪي رهيا آهن ڍڪڻ جوهي ۾ زرعي پاڻي ته ناهي پر اسين هزارين هاري آبادگارن سان گڏ چوپايو مال پکي پرنده به اڄ مري رهيا آهن ڪوب تدارڪ ڪرڻ وارو ناهي چونڊيل نمائنده ۽ ايري گيشن جا زميوار ڍڪڻ جوهي وارن کي انسان ئي نٿا سمجهن هنن چيو ته ترجيان جوهي به ڪاري ڏڪار جي ور چڙهيل آهي جڏهن ته ساوڻي جون برساتون نه پوڻ ڪري سڄو ڪاڇو غير آباد رهجي ويو آهي جوهي تعلقي اندر آبادي نه ٿيڻ ڪري شهري واپاري ذهني مريض بڻجندا پيا وڃن چونڊيل نمائنده رڳو بنگلن تائين محدود ٿي ويا آهن جوهي تعلقي اندر هزارين ايڪڙ جا مالڪ ٻج هر ڪنهن به وياج تي ورتو آهي پاڻي نه مليو ته ڪافي ننڍا ڪاتيدار خود ڪشيون ڪرڻ تي مجبور ٿي ويندا ، هنن چتاءُ ڏنو آهي ته جوهي تعلقي جي سمورين شاخن جي پوڇڙي تائين پاڻي پهچائي پاڻي جي هٽرادو ڪوٽ ختم ڪئي وڃي ٻي صورت ۾ انڊس هاءِ وي تي ڌرڻو هڻنداسين ،

بقايا عوامي سوچ 24

ي واري علائقي اوڊي والا سان تعلق رکندڙ پسند جي شادي ڪندڙ جوڙو مبينا طور جان سان مارڻ وارين ڌمڪين سبب دربدري واري زندگي گذارڻ تي مجبور آهي. اقصيٰ سميع ۽ سندس مڙس عامر ضياءَ پنهنجي مائٽن پاران مبينا ڌمڪين ۽ هراسان ڪرڻ خلاف تحفظ فراهم ڪرڻ جو مطالبو ڪيو آهي. ان سلسلي ۾ متاثر جوڙي ڪراچي ويسٽ پريس ڪلب ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي اعليٰ اختيارين ۽ قانون لاڳو ڪندڙ ادارن کان انصاف جي اپيل ڪئي. پريس ڪانفرنس کي خطاب ڪندي اقصيٰ سميع، ڌيءُ سميع الله خان، ٻڌايو ته سندس عمر 22 سال آهي ۽ هوءَ بالغ آهي. هن پنهنجي مرضي ۽ مڪمل رضامنديءَ سان پنهنجي پاڙيسري عامر ضياءَ ولد محمد انور خان سان ڪراچي جي سٽي ڪورٽ ۾ شرعي اصولن موجب نڪاح ڪيو آهي. سندس چوڻ هو ته هوءَ گذريل پنجن سالن کان عامر ضياءَ سان محبت ڪري ٿي ۽ پنهنجي آزاد مرضيءَ سان ساڻس ازدواجي زندگي گذارڻ جو فيصلو ڪيو آهي. اقصيٰ سميع وڌيڪ الزام هنيو ته سندس چاچي شفيق، مامي حميدالله، اڳوٽي يو سي وائيس چيئرمين رفيع الله خان، نديم ولد جهان داد ۽ ميم داد ولد نواب خان پاران پوليس ذريعي سندس مڙس جي گهرڀاتين کي هراسان ڪيو پيو وڃي. سندس چوڻ موجب، گهرجي چادر ۽ چوديواريءَ جو تقدس پامال ڪيو ويو، جڏهن ته مبينا طور بزرگ مردن، عورتن ۽ ٻارن کي به تشدد جو نشانو بڻايو ويو. هن دعويٰ ڪئي ته مردن، عورتن ۽ ٻارن سميت گهرڀاتين کي ٻن ڏينهن تائين ٿاڻي جي لاڪ اپ ۾ بند رکيو ويو. هن وڌيڪ چيو ته سندس مڙس ۽ سندس گهرڀاتين کي مختلف ڪيسن ۾ ڦاسائڻ ۽ جان سان مارڻ جون ڌمڪيون ڏنيون پيون وڃن. اقصيٰ سميع چيو ته جيڪڏهن ڪيس يا سندس مڙس عامر ضياءَ کي ڪو به نقصان پهتو ته ان جي ذميواري سندس چاچي محمد شفيق ولد ريشم خان، مامي حميدالله ۽ اڳوٽي يو سي وائيس چيئرمين تي هوندي. هن لاڳاپيل اختيارين کان مطالبو ڪيو ته ڪيس ۽ سندس مڙس کي فوري طور تحفظ فراهم ڪيو وڃي، مبينا طور داخل ڪرايل ڪوڙن ڪيسن جي غيرجانبدارانه جاچ ڪرائي وڃي ۽ بيگناهه ماڻهن کي هراسان ڪرڻ جو سلسلو بند ڪيو وڃي. متاثر جوڙي اعليٰ اختيارين، پوليس جي لاڳاپيل آفيسرن ۽ انساني حقن جي ادارن کي اپيل ڪئي ته معاملي جو نوٽيس وٺي ڪين انصاف ۽ تحفظ فراهم ڪيو وڃي

بقايا عوامي سوچ 25

جي سلينڊرن ۽ مسافرن کان وصول ٿيندڙ ڪراين جي چيڪنگ ڪئي وئي چيڪنگ دوران ٽرانسپورٽرن سان لفظن جي ڏي وٺ پڻ ٿي، ان موقعي تي فياض احمد منگي چيو ته مسافرن کي سفري سهولتون فراهم ڪرڻ، مقرر ڪراين ۽ فائر سيفٽي ضابطن تي عمل لازمي آهي، خلاف ورزي يا شڪايت تي قانون موجب ڪارروائي ڪئي ويندي

بقايا عوامي سوچ 26

نتيجي ۾ سخت زخمي ٿيل شخص کي مخدوم بلاول ٿاڻي جي ايس ايچ او مهتاب احمد کهاوڙ ۽ ريسڪيو 1122 جي ٽيم کڻائي ڊي ايچ ڪيو اسپتال دادو منتقل ڪيو، جتي هو زخمن جا سور نه سهندي فوت ٿي ويو. ايس ايچ او مخدوم بلاول مهتاب احمد کهاوڙ موجب فوت ٿيڻ کان اڳ زخمي شخص صرف پنهنجو نالو الطاف سيال ٻڌايو، جڏهن ته سندس رهائش ۽ ٻين تفصيلن بابت ڪا به ڄاڻ نه ملي سگهي آهي، فوتي جا وارث اڃا تائين سامهون نه اچي سگهيا آهن، جنهن سبب سندس سڃاڻپ ۽ وارثن بابت وڌيڪ تفصيل حاصل نه ٿي سگهيا آهن، پوليس طرفان فوتي جي وارثن جي ڳولا جاري آهي، جڏهن ته وارثن کي اپيل ڪئي وئي آهي ته جيڪڏهن ڪو شخص الطاف سيال کي سڃاڻي ٿو ته دادو پوليس سان رابطو ڪري.

بقايا عوامي سوچ 27

جي تحفظ لاءِ ڪميٽي جي قيام، ريفرل ميڪينزم جي فعال ڪرڻ، پوليس پاران ون اسٽاپ سينٽر جي قيام، دارالامان کي فعال ڪرڻ لاءِ ضابطا اخلاق ۽ قانون جي جوڙجڪ بابت ڊويزنل ڪمشنر شهمير خان ڀٽو جي صدارت ۾ ڪمشنر ڪميٽي هال ۾ هڪ گڏجاڻي منعقد ٿي. ان موقعي تي ڪمشنر ميرپورخاص شهمير خان ڀٽو عورتن جي ترقي واري کاتي جي آفيسرن ۽ قانوني ماهرن کي هدايت ڪئي ته دارالامان کي فعال ڪرڻ لاءِ قانون ۽ ضابطا اخلاق تيار ڪن ته جيئن انهن تي عمل درآمد ٿي سگهي. هن ڊائريڪٽر سوشل ويلفيئر ميرپورخاص کي پڻ هدايت ڪئي ته ضلعي ۾ جبري پورهئي ۾ جڪڙيل ٻارن ۽ جبري تشدد جو شڪار ٿيندڙ ٻارڙن جو مڪمل سروي ڪري رپورٽ پيش ڪئي وڃي ته جيئن سنڌ حڪومت پاران دارالامان کي فعال ڪرڻ لاءِ قانون ۽ جوڙيل ٻارن کي جبري پورهئي کان محفوظ بڻائڻ واري قانون تي عمل درآمد ڪرائي سگهجي. گڏجاڻي ۾ ايڊيشنل ڪمشنر ون سياش چندر، ايڊيشنل ڪمشنر ٽو افشا شيخ، پروگرام مئنيجر سي ايس ايس پي واحد بخش سنگراسي، ضلعي مئنيجر سي ايس ايس پي جي محمد بخش ڪپري، ڊائريڪٽر سوشل ويلفيئر محمد رفيق جمالي، ڊپٽي ڊائريڪٽر وومين ڊولپمينٽ ڊپارٽمينٽ نديم احمد، ڊپٽي ڊائريڪٽر سوشل ويلفيئر خالد احمد نظاماني، اسسٽنٽ ڊائريڪٽر وومين ڊولپمينٽ ميرپورخاص فوزيه جمالي، اسسٽنٽ ڊائريڪٽر وومين ڊولپمينٽ عمرڪوٽ محمد شاهد، ڊپٽي ڊائريڪٽر انفارميشن غلام رضا ڪوسو، صحت کاتي جي ڊاڪٽر ارم، ايڊووڪيٽ انجم شهزادي، وومين ليڊرشپ جي رضيه بيگم، يسري، محمد اقبال اڪائونٽس آفيسر ضلعي سيشن ڪورٽ ميرپورخاص ۽ ٻين سماجي تنظيمن جي نمائندن پڻ شرڪت ڪئي.

بقايا عوامي سوچ 28

ته سرڪاري اگهن کان وڌيڪ رقم وٺڻ ۽ پيٽرول ماپ ۾ گهٽ ڏيڻ ڪنهن به صورت ۾ برداشت نه ڪيو ويندو. ڪمشنر ۽ ڊپٽي ڪمشنر جي هدايتن تي عوام سان ناجائزي ڪندڙن خلاف ڪارروايون جاري رهنديون، جيئن شهرين کي مقرر اگهن تي پيٽرول جي صحيح ماپ سان فراهمي يقيني بڻائي سگهجي

بقايا عوامي سوچ 29

رار سبب خان محمد عرف خانو شاهاڻي گوليون لڳڻ سبب سخت زخمي ٿي پيو جنهن کي ڳڻتي جوڳي حالت ۾ ڊي ايچ ڪيو اسپتال آندو ويو طبي امداد ڏئي عبدالله شاهه انسٽيٽيوٽ اسپتال سيوهڻ ريفر ڪيو ويو،سيوهڻ مان ڳڻتي جوڳي حالت ۾ ڪراچي ريفر ڪيو ويو آهي، پوليس هن وقت تائين ڪو به قدم نه کنيو آهي،

نمائندا گهرجن

هر خبر تي نظر
روزاني عوامي سوچ ڪراچي کي سنڌ جي ننڍن وڏن شهرن مان رپورٽر گهرجن صحافت سان دلچسپي رکندڙ اداري سان رابطو ڪن.
رابطي لاءِ:
03072308754_03003924502

روزاني ”عوامي سوچ“ ڪراچي
خميس 22 آڪٽوبر 2026ع
Daily Awami Soach Karachi

صالح پٽ: گهر ۾ گهڙي تشدد، هڪ لک 10 هزار رپيا ۽ موبائل فون ڦرڻ جو الزام، پوليس خلاف به شڪايت

ٺڪرانو ويجهو ڳوٺ حاجي گلاب مهر جي رهواسي ارباب علي ولد بخشل خان جو احتجاج

سرور منگريو، امداد منگريو ۽ ياسين منگريو سميت 15 کان 20 ڄڻا مبينا طور زبردستي سندس گهر ۾ داخل ٿيا

جتي مٽس، سندس والده سردار خاتون، گهرڀاتين ۽ ٻارن تي لٺين سان تشدد ڪيو ويو

صالح پٽ (رپورٽ: غلام نبي ميرجت) ٺڪرانو ويجهو ڳوٺ حاجي گلاب مهرجي رهواسي ارباب علي ولد بخشل خان الزام هنيو آهي ته 19 آڪٽوبر 2026ع تي باغ منگريو، قادر منگريو، مطالي منگريو، غلام حيدر منگريو، غلام علي من/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر1

گهارو ۾ افسوسناڪ واقعو، 12 ورهين جي پٽ هٿان 58 ورهين جو پيرسن پيءُ قتل، جوابدار فرار

گهارو ۾ گهر اندر معمولي ڳالهه تان پيءُ ۽ پٽ وچ ۾ ٿيل تلخ ڪلامي افسوسناڪ واقعي ۾ تبديل ٿي وئي

جتي مبينا طور 12 ورهين جي پٽ علي شير خانيو ڪينچي جا وار ڪري پنهنجي 58 ورهين جي پيرسن پيءُ عزيز خانيو کي قتل ڪري ڇڏيو واقعي ڪانپوءِ جوابدار فرار ٿي ويو

جيئن اصل حقيقتون سامهون اچي سگهن، واقعي بابت وڌيڪ تفصيل ۽ پوليس جي باضابطه موقف جو انتظار آهي

غلام الله (رپورٽ: بابو جان هنگورجو) گهارو ۾ گهر اندر معمولي ڳالهه تان پيءُ ۽ پٽ وچ ۾ ٿيل تلخ ڪلامي افسوسناڪ واقعي ۾ تبديل ٿي وئي، جتي مبينا طور 12 ورهين جي پٽ علي شيرخانيو ڪينچي جا وار ڪري پنهنجي 58 ورهين/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر2

ميرپورخاص ۾ محمد خان جروڙيجو خلاف ٻئي ڏينهن به احتجاج، سيد عبدالله شاهه سان عقيدت جو اظهار

راجوتي اتحاد ۾ شامل برادرين جا سوين ماڻهو سيد عبدالله شاهه جي حق ۾ نعريبازي ڪندا روڊن تي نڪري آيا

اردو ڳالهائيندڙ سنڌي، پنجابي ۽ پٺاڻ برادرين جي ماڻهن پڻ وڏي انگ ۾ شرڪت ڪري يڪجهتي جو اظهار ڪيو

ميرپورخاص (بيورو چيف سومار سميجو) درگاهه سيد لشڪر شاهه جي گادي نشين سيد عبدالله شاهه سان محبت ۽ عقيدت جي اظهار لاءِ ضلعي ميرپور/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر3

ڳوٺ مير محمد لنڊ جي جي پي ايس اسڪول جي عمارت زبون حال، معصوم ٻارن جي زندگين کي خطرو، اختيارين کان فوري نوٽيس وٺڻ جو مطالبو

پي ايس اسڪول جي عمارت زبون حال هجڻ سبب اسڪول ۾ تعليم حاصل ڪندڙ معصوم ٻارن جي زندگين کي خطرو پيدا ٿي ويو

اسڪول جي زبون حال عمارت بابت ڊپٽي ڪمشنر بدين ۽ لاڳاپيل ادارن کي لکت ۾ درخواستون پڻ ڏنيون آهن

پر افسوس جو اڃا تائين ڪو به عملي قدم نه کنيو ويو آهي، ڳوٺاڻن اعليٰ اختيارين، ڊپٽي ڪمشنر بدين ۽ تعليم کاتي جي عملدارن کي اپيل

بدين (رجب راهمون) ڳوٺ مير محمد لنڊ جي جي پي ايس اسڪول جي عمارت زبون حال، معصوم ٻارن جي زندگين کي خطرو، اختيارين کان فوري نوٽيس وٺڻ جو مطالبو بدين ضلعي جي يوسي پيرفتح شاهه جي ڳوٺ مير محمد لنڊ ۾ قائ/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر4

ڳوٺ ٻچل جکرو جي پرائمري اسڪول جي عمارت ٺهڻ کان وٺي اڃ تائين مرمت نه ٿيڻ سبب ڪنڊرات بڻجي وئي

جنهن ڪري ٻارڙن جي تعليم سخت متاثر ٿي رهي آهي، اسڪول جي زبون حال عمارت خلاف ڳوٺاڻن ٻارڙن سميت احتجاج

ڳوٺ کي هر دور ۾ چونڊيل نمائندن نظرانداز ڪيو آهي، جنهن سبب بنيادي سهولتن جي کوٽ سان گڏ اسڪول جي عمارت به تباهيءَ جي ڪناري تي پهچي وئي آهي

اسڪول جي عمارت زبون حال هجڻ سبب ٻارڙن جي تعليم متاثر ٿي رهي آهي ۽ ڪنهن به وقت اڻ وڻندڙ واقعو پيش اچڻ جو خدشو آهي

سيراڻي / بدين (رجب راهمون) ساحلي پٽيءَ جي يونين ڪائونسل پڳڙا ميمڻ جي قديمي ڳوٺ ٻچل جکرو جي پرائمري اسڪول جي عمارت ٺهڻ کان وٺي اڃ تائين مرمت نه ٿيڻ سبب ڪنڊرات بڻجي وئي آهي، جنهن ڪري ٻارڙن جي تعليم سخت/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر5



شهر لڳ ڳوٺ علي حسن دل ديه 113 جي رهائش پذير پارو مل ڪولهي جي زمين تان روز جي بنياد تي بدمعاشي

ٻيرن جون ننڍڙيون ننڍڙيون چڪيون ڪيدي اڇلائڻ تي پارو مل جي همدردي لاءِ اسان جي پاڙي جي معتبر شخصيت صيفل مري پهچي ڪري پنهنجا ويچار ونڊيو

ماما صيفل مري جي ڳوٺ ۾ چار سال اسڪول پڙهائيندڙ ماستر عبدالرشيد دل طرفان غريب پورهيت سان بار بار ناجائزي ڪرڻ تي علائقي واسين ۾ شديد غم ۽ غصي جو اظهار

مهرباني ڪري اهڙن ڪردارن خلاف قانوني ڪارروائي ڪئي وڃي جيڪي پاڙي توڙي وٽن لاءِ ناسور بڻيل آهن

ميرپورخاص (بيوروچيف سومارسميجو) شهر لڳ ڳوٺ علي حسن دل ديه 113 جي رهائش پذير پارو مل ڪولهي جي زمين تان روز جي بنياد تي بدمعاشي ڪندي ٻيرن جون ننڍڙيون چڪيون ڪيدي اڇلائڻ تي پارو مل جي همدردي لاءِ / ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر6

جامع مسجد صاحب الزمان امام بارگاه جنت البقيع ۾ 14 هين ساليانى عشره جون مجلسون جاري

مولانا سيد شبيه الرضا زيدي سميت مختلف عالمن پاران خطاب، انجمن شريڪ الحسين پاران نوحه خواني ۽ ماتم داري ڪئي وئي

اهل بيت عليهم السلام، خاص طور تي جناب سيدة فاطمه زهرا سلام الله عليها جي فضائل ۽ مصائب تي مجلسن کي خطاب ڪيو پيو وڃي

چوٿين مجلس کي مولانا قمر عباس چوفي، پنجين مجلس کي مولانا سيد شبيه الرضا زيدي ۽ ڇهين مجلس کي مولانا محمد محسن مهداوي خطاب

ٺٽو (رپورٽ واحدشورو) جامع مسجد صاحب الزمان امام بارگاه جنت البقيع ۾ 14هين ساليانى عشره جون مجلسون جاري، مولانا سيد شبيه الرضا زيدي سميت مختلف عالمن پاران خطاب، انجمن شريڪ الحسين پاران نوحه خواني ۽ ماتم/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر7

ٺٽو/حيدرآباد قومي شاهراه تي جهرڪ سائيڊ ويجهو مقامي شاگردن کي اسڪول وڃڻ لاءِ وقت سر ٽرانسپورٽ جي سهولت نه هجڻ خلاف ڌرڻو

جنهن ڪري ٻنهي پاسن کان ٽرئفڪ جام ٿي ويئي، ان موقعي تي آس پاس جي ڪيترن ئي متاثر شاگردن صحافين آڏو احتجاج

اسڪول جي وقت اندر ڪين ٽرانسپورٽ نه ملڻ ڪري هو وقت سر اسڪولن ۾ پهچي نٿا سگهن

ٺٽو (رپورٽ واحدشورو) ٺٽو/حيدرآباد قومي شاهراه تي جهرڪ سائيڊ ويجهو مقامي شاگردن کي اسڪول وڃڻ لاءِ وقت سر ٽرانسپورٽ جي سهولت نه هجڻ ڪري ڪيترن ئي اسڪولي شاگرد پاران مين نيشنل هاءِ وي تي رڪاوٽون وجهي روڊ کي مڪمل بلاڪ ڪري ڌرڻو هڻي ڇڏيو، جنهن ڪري ٻنهي پاسن کان ٽرئفڪ جام ٿي ويئي، ان موقعي تي آس پاس جي ڪيترن ئي مت/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر8

سجاول ۾ ارسلان شاهه سيد اشفاق شاهه پنهنجي چاچن تي گهر مان بي دخل ڪرڻ خلاف احتجاج

سنڌ حڪومت ۽ پوليس جي اعليٰ اختيارين کان انصاف ۽ تحفظ فراهم ڪرڻ جي اپيل ڪئي

والد جي وفات ڪانپوءِ سندس چاچن آفاق شاهه، اخلاق شاهه ۽ غلام قادر شاهه مبينا طور کين گهر مان ڪڍي ڇڏيو

ٺٽو (رپورٽ واحدشورو) سجاول سان تعلق رکندڙ ارسلان شاهه سيد اشفاق شاهه پنهنجي چاچن تي گهر مان بي دخل ڪرڻ، اباڻي زمين جي معاملي ۾ مبينا زيادتين ۽ پنهنجي پيءُ کي اغوا ڪرڻ جا الزام لڳائيندي سنڌ حڪومت ۽ پوليس جي اعليٰ/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر9

سنڌ جي قومي عوامي ۽ انقلابي شاعر سرويچ سجاولي کي وڇوڙي کي 19 ورهيه گذري ويا

سرويچ سجاولي اڪيڊمي سنڌ پاران ملهائي ويندي، خبر موجب هر سال لاڙ پٽي ۾ سرويچ سجاولي جي ورسي تقريب

هر سال لاڙ پٽي ۾ سرويچ سجاولي جي ورسي تقريب جي نسبت سان سنڌ جو وڏو ادبي ميڙاڪو منعقد ٿيندو آهي

سجاول (رپورٽ: امتياز ميمڻ) سنڌ کي جنت الفردوس جي پيتا ڏيندڙ سنڌ جي قومي عوامي ۽ انقلابي شاعر سرويچ سجاولي کي وڇوڙي کي 19 و/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر19

مٽياري پرسان ٽن ٻارن جي ماءُ آپگهات ڪري ڇڏي، پوليس لاش اسپتال منتقل ڪري ڇڏيو

ٽن ٻارن جي ماءُ سويتا ڪولهي زال متو ڪولهي گهر اندر ڦاهو کائي زندگي جو انت آڻي ڇڏيو

اطلاع ملڻ تي سيڪات پوليس واقعي واري هنڌ پهچي لاش تحويل ۾ وٺي پوسٽ مارٽم لاءِ ڊي ايڇ ڪيو اسپتال مٽياري منتقل

مٽياري (تعلقه رپورٽ غلام نبي چنو) مٽياري پرسان ٽن ٻارن جي ماءُ آپگهات ڪري ڇڏي، پوليس لاش اسپتال منتقل ڪري ڇڏيو مٽياري پرسان/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر18

پيسٽيسائيڊ زرعي مرڪزن تي ٻه نمبر زرعي ٻج، دوائون ۽ ڀاڻ وڪرو ڪندڙ ايجنسي مالڪن خلاف ڪارروائي نٿي

پيسٽيسائيڊ مالڪ سرعام ٻه نمبر زرعي ٻج، دوائون وڪرو ڪرڻ لڳا

آبادگارن جا فصل تباهه ٿيڻ لڳا زراعت کاتو مٽياري مبينا رشوت عيوض خاموش

مٽياري (غلام نبي چنو تعلقه رپورٽر) تعلقي مٽياري جي ننڍن وڏن توڙي ٻين پيسٽيسائيڊ زرعي مرڪزن تي ٻه نمب/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر17

آل سنڌ پرائمري استاد ائسوسيئيشن جي عهديدارن جي حلف برداري جي تقريب

اڳوڙو تعلقه ايجيوڪيشن آفيسر منظور ڏاهري، اڳوڙو تعلقه ايجيوڪيشن آفيسر غلام محمد شالمين شامل هئا

مٽياري (رپورٽ محمد حنيف ميمڻ) آل سنڌ پرائمري استاد ائسوسيئيشن. مٽياري سٽي، تعلقه سعيد آباد ۽ ضلعي مٽياري جي عهديدارن جي ي/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر16

ميران شاهه قبرستان پرسان پوليس ۽ هٿيار بند جوابدارن وچ ۾ مبينا مقابلي دوران هڪ جوابدار زخمي حالت ۾ گرفتار

سندس ٻه ساٿي فرار ٿيڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا، پوليس گرفتار جوابدار جي قبضي مان ٽي ٽي پسٽل ميگزين سميت هٿ ڪرڻ جي دعويٰ

اطلاع مليو ته ٽي هٿيار بند جوابدار شاهه بندر روڊ تي ميران شاهه قبرستان پرسان ڏوهه جي ارادي سان موجود آهن

چوهڙجمالي (رپورٽ شاهدحسيني) چوهڙجمالي ۾ شاهه بندر روڊ تي ميران شاهه قبرستان پرسان پوليس ۽ هٿيار بند جوابدارن وچ ۾ مبينا مقابلي دوران ه/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر15

گورنمينٽ بوائز هائير سيڪنڊري اسڪول چوهڙ جمالي ۾ استادن جي غير قانوني بدلين خلاف احتجاج

احتجاج دوران استادن ٻانهن تي ڪاريون پٽيون ٻڌي ڪلاس ورتا

محڪمه تعليم جي ناانصافي تي ٻڌل فيصلن خلاف ڀرپور احتجاج رڪارڊ ڪرايو

چوهڙجمالي (رپورٽ شاهدحسيني) گسٽا ضلعي سجاول جي سڏ تي گورنمينٽ بوائز هائير سيڪنڊري اسڪول چوهڙ جمالي ۾ استادن جي غير قانوني/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمب14

ڊپٽي ڪمشنر ٺٽو جي صدارت هيٺ طب اهم اجلاس

ضروري شين جي مقرر سرڪاري اگهن تي وڪري کي يقيني بڻائڻ ۽ روزاني رپورٽ پيش ڪرڻ جي هدايت

لاڳاپيل آفيسر پنهنجون ذميواريون ڀرپور نموني ادا ڪن، جيئن شهرين کي وقت رليف فراهم ڪري سگهجي

ٺٽو (رپورٽ واحدشورو) ڊپٽي ڪمشنر ٺٽو جي صدارت هيٺ طب اهم اجلاس، ضروري شين جي مقرر سرڪاري اگهن تي وڪري کي يقيني بڻائڻ/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر13

باخبر ووٽر ئي مضبوط جمهوريت ۽ ترقي يافته پاڪستان جي ضمانت آهن: اليڪشن ڪميشن جي مهم

ووٽر آگاهي مهم تحت گورنمينٽ بوائز ڊگري ڪاليج، تعلقو جوهي، ضلع دادو ۾ هڪ جامع آگاهي پروگرام منعقد

پروگرام جو مک عنوان ”مستقبل جو بيلٽ: اوهان جو آواز، اوهان جو پاڪستان“ هو

دادو (رپورٽ: محمد رفيق چنه) اليڪشن ڪميشن آف پاڪستان جي هدايتن تي ڊسٽرڪٽ اليڪشن ڪمشنر دادو محمد حنيف جي / ڏسو صفحو 3 بقايا نمب12

سماجي اداري ايس پي ڊي آءِ پاران حيدرآباد ۾ تربيتي ورڪشاپ منعقد

سينئر صحافڻ ماريه عمران ۽ سينيئر ٽرينر زاهد عبدالله ۽ فيصل مختلف موضوعن تي صحافين کي تربيتي ڄاڻ ڏني

صحافت ۾ لاپرواهي ۽ غفلت بابت مثال پيش ڪندي صحافت ۾ ذميواري بابت دليلن سان ڄاڻ پڻ فراهم ڪئي

مٺي (ڊ.ر محمدرحيم مگريو) سماجي اداري ايس پي ڊي آءِ پاران حيدرآباد جي هڪ نجي هوٽل ۾ ٻن ڏينهن وارو ميڊيا تربيتي ورڪشاپ منعقد /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر11

ڏيپلو ۾ منشيات خلاف ارباب عالم جي بنگلي تي اهم گڏجاڻي شهرين ۽ پوليس آفيسرن جي شرڪت

جنهن ۾ پوليس آفيسرن ۽ شهرين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي، ارباب محمد عالم سخت موقف اختيار

هاڻي ڏيپلو ۾ ڪنهن کي به منشيات جو ڪاروبار هلائڻ نه ڏنو ويندو

مٺي (ڊ.ر محمدرحيم مگريو) خبر موجب ڏيپلو ۾ منشيات جي خلاف ارباب محمد عالم جي بنگلي تي هڪ اهم گڏجاڻي ٿي گذري، جنهن ۾ پولي/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر10

جوهي شهر جي تاريخي قبرستان واصل فقير ۾ گٽرن جو گندو پاڻي داخل ٿيڻ خلاف احتجاج

غلام شبير لاشاري ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪندڙن ميونسپل ڪاميٽي انتظاميه خلاف سخت نعري بازي ڪئي

شهر جي تاريخي ۽ اوائلي قبرستان ۾ گٽرن جو گندو پاڻي داخل ٿيڻ سبب هڪ سئو کان وڌيڪ قبرون گندي پاڻي جي گهيري ۾ آهن

ميونسپل انتظاميه کي بار بار آگاهي باوجود سندن لاپرواهي ۽ ڪن لاٿار سبب گندو پاڻي نيڪال نه پيو ڪيو وڃي

جوهي (رپورٽ رحيم بخش ميمڻ) جوهي شهر جي تاريخي قبرستان واصل فقير ۾ گٽرن جو گندو پاڻي داخل ٿيڻ خلاف جوهي جي سول سوسائٽي پاران قبرستان اندر احتجاج ڪيو ويو. ڪامريڊ قربان کوکر، شاعر خليل عارف سومرو/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر20

اندرون سنڌ مان ڪراچي ڏي چوپائي مال جو گاهه پهچائيندڙ گاهه جي واپارين جو احتجاج

اسان اندرون سنڌ مان گاهه خريد ڪري گاڏين ڀري ڪراچي ۾ وڪرو ڪندا آهيون پر ڪافي ڏينهن کان اسان کي موٽروي پوليس تمام گهڻو تنگ ڪري رهي آهي

موٽروي پوليس اسان کي قومي شاهراه تي چڙهڻ ئي نه ٿي ڏي اسان جي گاڏين جا وڏا وڏا چالان ڪيا پيا وڃن

احتجاج ڪندڙ واپارين موٽروي پوليس پاران گاهه جي گاڏي تي لڳندڙ 40 هزار رپين جي چالان جي رسيد ڏيکاريندي ڏانهيو

مٽياري (رپورٽ محمد حنيف ميمڻ) اندرون سنڌ مان ڪراچي ڏي چوپائي مال جو گاهه پهچائيندڙ گاهه جي واپارين شاهنواز مگسي . علي احمد زنئور . علي ڏنو لغاري . امتياز ميمڻ . شاهزيب ڏيٿو. علي حسن زنئور. حاجي خالد ڏيٿو . جعفر ڪوسو /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر21

ڪنهن هڪ شخص جي ناجائز قبضي سبب شهرين کي پريشان نٿو ڪري سگهجي: ڊويزنل ڪمشنر

خريداري ڪرڻ، ٻارن کي اسڪول اچڻ وڃڻ ۽ پيادل هلندڙ ماڻهن کي سخت ڏکيائين کي منهن ڏيڻو پوي ٿو

ڪنهن هڪ شخص جي ناجائز قبضي سبب سڄي شهر جي شهرين کي پريشان نٿو ڪري سگهجي

ميرپورخاص (بيوروچيف سومارسميجو) ڪنهن هڪ شخص جي ناجائز قبضي سبب سڄي شهر جي شهرين کي پريشان نٿو ڪري سگهجي، ڊويزنل /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر22

جوهي تعلقي اندر زرعي پاڻي جي هٿرادو کوٽ پيدا ڪندڙ آبپاشي ايس اي، انجنيئر، ايس ڊي او ۽ پاڻي چورن خلاف احتجاج

نان بئراج ايريا ۾ پاڻي چوري ڪرڻ سبب برانچ مان نڪرندڙ شاخن پٽوڙو، ڀهوڙ، دڙا، لاڪا، چينجاٽي، نوناري ڇني شاخن ۾ پاڻي اڻ لڀ آهي

جنهن ڪري ورج تي ٻج پاڻ ڪٽي آبادي ڪندڙ آبادگارن جو فصل تيزي سان سُڪي سڙي رهيو آهي

زرعي پاڻي زبردستي چوري ٿيڻ ۽ غيرقانوني لفٽ مشينون هلائڻ سبب آبادگارن جو معاشي قتل عام ٿي رهيو آهي

جوهي (رپورٽ رحيم بخش ميمڻ) جوهي تعلقي اندر زرعي پاڻي جي هٿرادو کوٽ پيدا ڪندڙ آبپاشي ايس اي ، انجنيئر ، ايس ڊي او ۽ پاڻي چورن خلاف جوهي بئراج جي مختلف شاخن جي آبادگارن پاران آبادگار اڳواڻ منظور سولنگي، محم/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر23

پنجاب جي ضلعي ميان والي سان تعلق رکندڙ پسند جي شادي ڪندڙ جوڙي کي جان جو خطرو، تحفظ فراهم ڪرڻ جو مطالبو

پسند جي شادي ڪندڙ جوڙو مبينا طور جان سان مارڻ وارين ڌمڪين سبب دربدري واري زندگي گذارڻ تي مجبور

اقصيٰ سميع ۽ سندس مڙس عامر ضياءَ پنهنجي مائٽن پاران مبينا ڌمڪين ۽ هراسان ڪرڻ خلاف تحفظ فراهم ڪرڻ جو مطالبو

پوليس جي لاڳاپيل آفيسرن ۽ انساني حقن جي ادارن کي اپيل ڪئي ته معاملي جو نوٽيس وٺي کين انصاف ۽ تحفظ فراهم ڪيو وڃي

ڪراچي (رپورٽ منصور چانديو) پنجاب جي ضلعي ميان والي سان تعلق رکندڙ پسند جي شادي ڪندڙ جوڙي کي جان جو خطرو، تحفظ فراهم ڪرڻ جو مطالبو ڪراچي پنجاب جي ضلعي ميانوالي جي ٽاٽي ڪمر مشاني جي پرپاس/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر24

روهڙي بس ٽرمينل تي ٽرانسپورٽ اٿارٽي جي اوچتي چيڪنگ، فائر سيفٽي ۽ مقرر ڪراين جو جائزو

روهڙي (رپورٽر) روهڙي بس ٽرمينل تي ٽرانسپورٽ اٿارٽي جي اوچتي چيڪنگ، فائر سيفٽي ۽ مقرر ڪراين جو جائزو تفصيل موجب سيڪريٽري ڊسٽرڪٽ ريجنل ٽرانسپورٽ اٿارٽي سکر فياض احمد منگي پاران ٽيم سميت روهڙي جي ٿنڊو ڀوراهو بس ٽرمينل جو اوچتو دورو ڪري پبلڪ سروس گاڏين ۾ فائر سيفٽي، روٽ پرمٽ، فٽنيس سرٽيفڪيٽ، ايل پي / ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر25

دادو: انڊس هاءِ وي ٻاءِ پاس تي نامعلوم گاڏي جو ٽڪر، زخمي شخص اسپتال ۾ فوت، وارثن جي ڳولا جاري

ٽڪر ۾ سخت زخمي ٿيل الطاف سيال نالي شخص علاج دوران زخمن جا سور نه سهندي فوت ٿي ويو

حادثي جي نتيجي ۾ سخت زخمي ٿيل شخص کي مخدوم بلاول ٿاڻي جي ايس ايڇ او مهتاب احمد کهاوڙ ۽ ريسڪيو 1122 جي ٽيم ڪٺائي ڊي ايڇ ڪيو اسپتال دادو منتقل ڪيو

جتي هو زخمن جا سور نه سهندي فوت ٿي ويو، ايس ايڇ او مخدوم بلاول مهتاب احمد کهاوڙ موجب فوت ٿيڻ کان اڳ زخمي شخص صرف پنهنجو نالو الطاف سيال ٻڌايو

دادو (رپورٽ: محمد رفيق چنه) دادو ۾ انڊس هاءِ وي ٻاءِ پاس وٽ مخدوم بلاول ٿاڻي جي حدن اندر نامعلوم گاڏي جي ٽڪر ۾ سخت زخمي ٿيل الطاف سيال نالي شخص علاج دوران زخمن جا سور نه سهندي فوت ٿي ويو، اطلاع موجب حادثي جي /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر26

صنفي تشدد جي واقعن جي روڪٿام ۽ ريفرل ميڪينزم کي منظم بڻائڻ بابت ڊويزنل ڪمشنر جي صدارت ۾ هڪ گڏجاڻي منعقد

ان موقعي تي ڪمشنر ميرپورخاص شهمير خان ڀٽو عورتن جي ترقي واري کاتي جي آفيسرن ۽ قانوني ماهرن کي هدايت ڪئي

دارالامان کي فعال ڪرڻ لاءِ قانون ۽ ضابطا اخلاق تيار ڪن ته جيئن انهن تي عمل درآمد ٿي سگهي

ضلعي ۾ جبري پورهئي ۾ جڪڙيل ٻارن ۽ جبري تشدد جو شڪار ٿيندڙ ٻارڙن جو مڪمل سروي ڪري رپورٽ پيش ڪئي وڃي

ميرپورخاص (بيوروچيف سومارسميجو، دارالامان کي فعال ڪرڻ، صنفي تشدد جي واقعن جي روڪٿام، عورتن جي تحفظ لاءِ سيف هائوس فعال ڪرڻ لاءِ بجيٽ جي منظوري، ڪرائسز ۽ دارالامان جي ايس اين اي جي منظوري، عورتن/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر27

اسسٽنٽ ڪمشنر پاران نيشنل هاءِ وي تي ٻگٽي پيٽرول پمپ سميت ٽن کان وڌيڪ پيٽرول پمپن تي اوچتو چيڪنگ

جتي سرڪاري اگهن کان وڌيڪ رقم وصول ڪرڻ ۽ پيٽرول جي ماپ ۾ گهٽتائي وارين شڪايتن تي ڪارروائي ڪندي پمپ مالڪ گرفتار ڪيا ويا

سرڪاري اگهن کان وڌيڪ رقم وٺڻ ۽ پيٽرول ماپ ۾ گهٽ ڏيڻ ڪنهن به صورت ۾ برداشت نه ڪيو ويندو: اي سي

روهڙي (رپورٽ : جمال ڪٽپر) روهڙي ۾ اسسٽنٽ ڪمشنر پاران نيشنل هاءِ وي تي ٻگٽي پيٽرول پمپ سميت ٽن2zکان وڌيڪ پيٽرول پمپن تي اوچتو چيڪنگ ڪئي وئي، جتي سرڪاري اگهن کان وڌيڪ رقم وصول ڪرڻ ۽ پيٽرول جي ماپ ۾ گهٽتائي وارين شڪايتن تي ڪارروائي ڪندي پمپ مالڪ گرفتار ڪيا ويا ۽ ڳرا ڏنڊ لاڳو ڪيا ويا ان موقعي تي اسسٽنٽ ڪمشنر چيو /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر28



دادو ۾ بدامني سميت قبيلائي خوني تڪرارن ۾ به ڏينهون ڏينهن اضافو

دادو لڳ موندر ۾ شاهاڻي برادري جي ٻن ڌرين ۾ فائرنگ جو سلسلو جاري

شاهاڻي برادري ۾ هلندڙ تڪرار سبب خان محمد عرف خانو شاهاڻي گولين لڳڻ سبب سخت زخمي ٿي پيو

دادو (رپورٽ: محمد رفيق چنه) دادو ۾ بدامني سميت قبيلائي خوني تڪرارن ۾ به ڏينهون ڏينهن اضافو ٿيندو پيو وڃي، دادو لڳ موندر ۾ شاهاڻي برادري جي ٻن ڌرين ۾ فائرنگ جو سلسلو جاري آهي، شاهاڻي برادري ۾ هلندڙ تڪ/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر29